
(ڪهاڻيون)
اکين ۾
رهجي ويل
عڪس
پرويز
اکين ۾ رهجي ويل عڪس (ڪهاڻيون)
پرويز

# اکين ۾ رهجي ويل عڪس

(ڪهاڻيون)

## پرويز

سچائي اشاعت گهر دڙو

2014ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## اسٽاڪسٽ

- پٽائي بڪ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد.
  Cell#0322_3011506
- ڪويتا ڪتاب گهر، ربي سينٽر گاڏي کاتو حيدرآباد.
  Cell#022_2721172
- ڪنگ پن ڪتاب گهر، پريس ڪلب حيدرآباد.
- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال حيدرآباد.
- قليچ ڪتاب گهر لئنگيئج اٿارٽي حيدرآباد.
- سنڌيڪا بڪ شاپ گاڏي کاتو حيدرآباد.
- ڪلچر ڪتاب گهر سامهون ايم پي اي هاسٽل ڪراچي.
- مهراڻ ڪتاب گهر گهنٽي ڦاٽڪ نيئر سپنا لان لاڙڪاڻو.
- فڪشن هائوس رابعه اسڪوائر حيدرآباد.
- شاهه لطيف ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد.

## سچائي اشاعت گهر جو ڪتاب نمبر - 106

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو : اکين ۾ رهجي ويل عڪس
موضوع : ڪهاڻيون
ليکڪ : پرويز
ڇاپو : جنوري 2014ع
ٽائٽل ڊزائين : مور ساگر
ڪمپوزنگ : جهانزيب علي جوڻيجو
ساحل پرنٽرز رابعه اسڪوائر حيدرآباد.
ڇپائيندڙ : سچائي اشاعت گهر_ دڙو فون: 0301-3640468
ڇپيندڙ : ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد. 03332634650

قيمت: =/Rs: 130

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو ڪتاب نمبر (119) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ”اکين ۾ رهجي ويل عڪس“ ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ پرويز جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

هي ڪتاب **سچائي اشاعت گهر ڏڙو** پاران **ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد** وٽان ڇپايو ويو آهي. اسان ٿورائتا آهيون سائين يوسف سنڌي ۽ مور ساگر جا، جن سافٽ ڪاپي عنايت ڪري هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# انتساب

شهيد غزاله بتول صديقي،
شهيد ستار اُنڙ
۽ **22** مئي **2012**ع جي ڪراچيءَ واري
”محبتِ سنڌ ريليءَ“
جي ٻين
شهيدن،
زخمين
۽ سمورن شرڪت ڪندڙ
اڳواڻن ۽ ساٿين جي
نالي.

**پرويز**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ❖ پرويز جو فن | تاج بلوچ | 07 |
| ❖ هر عڪس ۾ ملندو ساڻءِ | اڪبر سومرو | 09 |
| ❖ سفر جاري آهي | ليکڪ طرفان | 11 |
| ❖ درد جي ڪهاڻي | پرويز | 13 |

**ڪهاڻيون**

| | |
|---|---|
| • ياڳ سان ريس .... ! | 16 |
| • الله ڪري هر سال ....! | 18 |
| • هڪڙي ئي ڏک ۾ ... ! | 20 |
| • اکين ۾ ٻڏي ويل دريا | 22 |
| • جن جو نينهن نبار | 32 |
| • ڌرتيءَ جي ڌيئاڻي | 39 |
| • انوکي واردات | 49 |
| • عشق جا ابابيل | 59 |
| • وڃايل قبرن جا مدفون | 69 |
| • اکين ۾ رهجي ويل عڪس | 83 |
| • مان ڪي ياسر سان ڳالهائڻو هو. | 103 |

# پرويز جو فن

سنڌ ۾ سنڌي اديبن ۽ فنڪارن سان منهنجي ڏاڍي گهاٽي دوستي رهي آهي. مون وٽ ننڍي وڏي، مشهور يا غير مشهور، مُهان يا غير مُهان جو سنڌو رهيو ئي ناهي. مان نوجوان ۽ نوآموز شاعرن ۽ اديبن سان بہ پنهنجي عمر ۽ ادبي رُتبي کان بي نياز ٿي ساڻن پيش ايندو آهيان. منهنجي اِنهيءَ مِزاج، منهنجي سجاڳ ڪي چٽيءَ تسڪين سان گڏوگڏ گهڻا ڏنجهہ بہ پهچايا آهن. منهنجي فطري بيباڪي ۽ سادا مزاجي مون کي گهڻو ڪجهہ ڏيڻ سان گڏ مون کان ٿورو ڪجهہ ضرور کسيو بہ آهي. جنهن لاءِ مون کي ڪڏهن بہ ڪو الڪو يا ڳڻتي نہ رهي آهي. گهڻن سان رُنو پرتو هوندم، تہ گهڻن مون کي، گهڻو اڳتي وڌي پيار ڏنو هوندو ۽ منهنجي حجائتي انداز کي نظر انداز ڪندي مون سان بي پناهہ محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. منهنجو اِهو اطمينان ئي آهي جو هِن وڏي ڄمار ۾ بہ سورهن سالن جي نوجوان جيان پورهئي ۾ رڌل آهيان. عشق جو اِهو ئي تہ ڪرشمو هوندو آهي. مون کي سنڌ ۽ سنڌ جي قلم ڪارن ۽ گهڻ گهرن سان بي پناهہ عشق آهي.

سنڌ ۾ منهنجن اهڙن پيارن دوستن ۾ بنوري جي ميان علي محمد ميمڻ عُرف پرويز ايترو تہ پيار ۽ ساٿ ڏنو آهي، جو ان جو بوجهو مون کي ڏاڍو وٽندڙ ۽ عزيز لڳو آهي. پرويز مون کان بہ۔ٽي سال ننڍو هوندو. پر اسان جو ادبي ۽ سياسي ميدان ۾ لهڻ وارا ڏينهن ذري گهٽ ساڳيا ئي آهن. مون مهڙ ۾ ڪهاڻي ۽ تنقيد ڏانهن رخ رکيو. پر ڪهاڻيءَ جي جاءِ تي شاعري ۽ تنقيد اچي پهتا. ليڪن پرويز مهڙ کان اڄ تائين سنڌي ڪهاڻيءَ کي عروج وٺرايو آهي، هن جي ڪهاڻين جو مک موضوع سنڌ ۽ رومانس رهيو آهي. هو جهڙو پاهران خوبصورت آهي تهڙو ئي اندران ۽ هن جا ڪردار بہ مٿي ڄاڻايل پنهي ڪيفيتن جو سنگم آهن.

هو ڏاڍو سادو ۽ معصوم آهي۔ چاڪاڻ تہ معصوميت ۽ سادگي فطري طور فن کي بلندين تائين رسائينديون آهن. ۽ پرويز انهيءَ منزل تي پهچي چڪو آهي. اُن جون لِکڻيون ڏاڍيون تکيون ۽ ڏونڌاڙيندڙ هونديون آهن. ان جا لاڙي ڪردار اڏول ۽ عاشق مزاج هوندا آهن. جن جي اثر انگيزي ڏکهي عرصي تائين ذهن ۾ پُرندي رهندي آهي.

جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ پرويز روماني ڪهاڻيڪار آهي ۽ هن جو رومانس فن جي انهن تجريدي سطحن کي ڇُهي ٿو جيڪي اعليٰ تخليقي عمل جو بنياد هونديون آهن. هن جا ڪردار ڪنهن خلائي سياري بدران لاڙ جي حسن پرست مٽيءَ مان مهڪيل هوندا آهن. ’آخري

چميءَ‘ جي گريشا مارتر هجي، ’مرڪي ڪولهياٽي‘ جي مرڪي، جيڪا پنهنجي محبوب راملي ڪولهي جي انتقام لاءِ ويرين جي وجود ۾ ڪرت وهائي ڪڍي ٿي، يا سندس سوجهرو ايوارڊ يافته ڪهاڻي ’اکين ۾ جمي ويل لڙڪ‘ جو ڊاڪٽر لطيف هجي يا آمنت، جيڪي لازوال ۽ سچي محبتن جون وارتائون آهن.

پرويز جو فن، وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ادب جون اُهي ڏسائون آڏو آڻي ٿو جيڪي نئين ٽهيءَ جي ڪهاڻيڪارن لاءِ لاٽ_واٽ جو ڪم ڪندڙ آهن. اُن ڏس ۾ سندس تازيون ڪهاڻيون ’آزاديءَ جي صبح جي ويجهو...‘ جي سهڻي هجي يا ’مانڪي ياسر سان ڳالهائڻو آهي.‘ جو فيميل ڪردار جيڪو شيزوفرينا جو شڪار آهي يا ’ڳوڙهن جا ڪبوتر‘ جي آسوڙي، اهي سڀ ڪردار ڌرتيءَ مان ڦٽي ڌرتيءَ جي قرض چڪائڻ لاءِ پرويز جي فن ۾ وڏي قوت بڻجي ظاهر ٿيا آهن.

پرويز پنهنجي روماني انداز سان نيچر ۽ رياستي جبر جي قوتن خلاف مهاڏو اٽڪائي، سونهن جي ازلي رمز کي آشڪار ڪري ٿو ۽ محبت جي لازوال جذبي کي شڪست کائڻ کان پوءِ به فاتح بڻائي ٿو. هن جا ڪردار ميچوئر، ذهين ۽ ڏک سهندڙ ڪردار آهن.

پرويز جي ڪهاڻين جو نيٽ ورڪ اصلوڪو داخلي ۽ خارجي دنيا سان هم آهنگ آهي. هن جي فن جو سنجيدگيءَ سان اڀياس ڪبو ته هن کي سنڌ ۽ ٻين دنيا جي وڏن ڪهاڻيڪارن جي قطارن ۾ بيهاري فخر محسوس ٿيندو. شهرت ۽ پبلڪ رليشنز کان ڏور هي پورهيت ڪهاڻيڪار، جيڪو زمين ۾ گُڏ ڪري ٿو رونبو هڻي ٿو. پنهنجي فصل جي جهار هڪلڻ سان گڏ ڪهاڻي جي اُفق تي چانيل دونهي کي به هٽائي ٿو. هن جو فن ۽ مشاهدو ساهس ڏيندڙ ٽُڙ ۽ نهڪيل آهي.

هن جي ڪهاڻين جا ست خوبصورت مجموعا، هڪ ناول ۽ آتم ڪٿا شايع ٿيل آهن.

پرويز نيچر جي اُرهه زورائي ۽ درد جي سلسلي کي جنهن ماڳ تي رسايو آهي، اهڙي منزل ٿورن ڪهاڻيڪارن کي نصيب ٿي آهي.

سالگره جي موقعي تي، ”سوجهرو“ نماڻي ڪوشش سان ڪيس ڀيٽا ڏيڻ لاءِ هن ڪارنر جو اهتمام ڪيو آهي.

**تاج بلوچ**

ايڊيٽر ماهوار سوجهرو ڪراچي.

موبائيل: 0313_9288496

# هر عڪس ۾ ملندو سانءِ...

موڪرو چهرو، وڏيون اکيون، پورو پنو قد، مٿي ۾ منو تيل پيل ۽ ڦٽي ڏنل، ۽ اکين ۾ سُرمو. علي محمد پرويز سنڌ جي عام ڳوناٽي سونهن جو نمونو آهي. هُو اُن دؤر جي گهرن جي چئيوان Duty full چوڪرن جهڙو سدورو لڳندو هو. مون هِن کي شايد پهريون ڀيرو غور سان گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ گلزار ماڙي ۾ نظام لاج جي وچ ۾ ’سردار پرنٽنگ پريس‘ تي ’پناهه جگر‘ سنڌيءَ جي پرسان ويٺل ڏٺو هو. جنهن کي اسين ان دؤر ۾ پوڳن مان ’جگر ڦڦڙ‘ سنڌي به چوندا هئاسين. جتي هُو شايد ڪهاڻيون لکڻ، ترجما ڪرڻ، ماهوار ”تحريڪ“ جو مواد مرتب ڪرڻ سان گڏ رجسٽر به کوليو ويٺو هوندو هو. شايد حسابن ڪتابن جي چڪر ۾، جن ڦڏن کان پاڻ پري هئاسين ۽ اڄ به ننڍي هوندي جيان حساب ڪتاب نه ڪرڻ اچي، نه ئي وٽي. اسان ته نه دوستين جا حساب ڪيا ۽ نه وري دشمنين جا.

مان اُن دؤر جي (1976ع) چين مان نڪرندڙ ادبي رسالي Chinese Litrature ۾ پنهنجي ڪچي ڦڪي انگريزيءَ ۾ (حال اڄ به ساڳيو آهي) جڏهن چيني هارين ۽ ڳوناٽن جون ڪهاڻيون پڙهندو هوس ته مون کي محسوس ٿيندو هو ته اهي ڪهاڻيون ته جهڙيون علي محمد پرويز جون لکيل آهن. هر ماڻهو پنهنجي مطالعي جو Reflection ڏيندو آهي ۽ علي محمد پرويز به ائين ئي تحريڪي، تنظيمي ادب (ڪهاڻيون) لکڻ جو بادشاهه هو.

هن جون ڪهاڻيون پڙهي لڳندو هو جڻ چين يا ويٽنام جي ڪنهن ڳوٺ ۾ ويٺا هجون. هن پنهنجي زندگي نه رڳو تنظيمي ادب تي پر تنظيم کي منظم ڪرڻ لاءِ ارپي ڇڏي هئي. اُن ڪري هن جو نالو انهن جوڌن ۾ ڳڻيو ويندو، جن انقلاب لاءِ زندگيون اورچائيءَ سان وقف ڪيون. اڄ به هو برازيلين آرچ بشپ، هيلڊرڪمارا (Helder Camara) جيان محنتي مڙس، ڪڏهن ڪوڙ ڪٽيو ڪانٽي پيو ڪٽي، يا پاليل مينهن لاءِ گاهه پٽو پيو ڪري. پر سک سان ويٺو ڪڏهن ڪونهي.

جدلياتي ۽ تاريخي ماديت جي ڳرن فلسفن جي ڄاڻ نه هوندي به اسين ان ڳالهه لاءِ متفق هئاسين ته ’انقلاب اڄهو ڄاڻ ڪي آيو‘ اڄ يا سُڀاڻ‘ انقلاب، جيڪو اسان سمورن جو پهريون ۽ پويون خواب هو۔ ان ڳالهه کان اڻڄاڻ ته اهو جي آيو به ته ڪهڙا گل ٽيڙيندو؟

علي محمد پرويز جو پهريون ڪهاڻي ڪتاب، ’سٽي تنهنجو سڏ‘ جيڪو مون 80ع واري

ڍاڪي ۾ ٿي پڙهيو هو. تڏهن اسين شاگردن جي تنظيم جا پرجوش ڪارڪن ۽ هو وري ’عوامي تحريڪ‘ جو ڪارڪن هو.

افسوس جو هن دنيا جي فطري قانونن کان دنيا جو ڪو به ازم، نظريو بغاوت نٿو ڪري سگهي. سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو پر Ring جي اندر.

نظريا ۽ ’ازمس‘ ماڻهن جا ٺاهيل هجن ٿا. پر پنهنجي Application کان پوءِ بعد ۾ اهي ٻه-ڌاري تلوار بڻجي، ماڻهن کي ٺي ڳترا ڳترا ڪرڻ شروع ڪن ٿا. نظريا مون کي پوڙهيءَ ماءُ جا ناخلف پُٽ لڳندا آهن. جيڪي جوان ٿيڻ کان پوءِ اُن ساڳيءَ ماءُ ڏانهن آڱر کڻڻ شروع ڪن ٿا. ’امان تون ڪاري آهين‘ ۽ ماڻهو تاريخ جي ميدان Arena ۾ جڻ بانبڙا پائيندڙ ٻارُ.

ويهين صديءَ جي اڌ-ڌاري کان وٺي ان جي ختم ٿيڻ تائين تاريخ اسان سمورن جو مذاق اڏائيندي رهي. اُها اسان کي اسانجين سستين خواهشن عيوض ميلان ڪنڊيرا جي ناول The Book of Laughter & forgetting جي ڪردار ’تمينا‘ جيان Rape ڪندي رهي. بنان ڪنهن معاوضي جي. صرف سستي خواهش جي تڪميل جي تمنا ۾. ۽ خوابن جون جل پريون اسان جي پاڪرن مان ڇڏائجي ويون.

پرويز جي اندر ۾ هڪڙو همدرد، تڙپ رکندڙ ۽ مانيٽو انسان لڪل آهي. جيڪو ارادن جو پڪو وعدن کي پاڙي ڏيڻ وارو، بردبار ۽ روايتي سنڌي ڳوٺاڻي ماڻهوءَ کان هٽي، پڙهيل لکيل هئڻ جي باوجود به هٺ ۽ غرور کان تمام گهڻو پري، بلڪ ڪوهين ڏور آهي. اُهي هن جون ذاتي چڱايون آهن ۽ هن جون ادبي چڱايون ڳڻڻ کان ٻاهر آهن.

پريت نا ڪيجئے پنڇي جيسي جل سوکھے، اڑ جائے،
پريت تو ڪيجئے ڀونئرے جيسي جل سوکھے، مر جائے۔
(ڪبير)

**اڪبر سومرو**

موبائيل: 03003030650

*

(ماهوار سوجهرو جي ٿورن سان)

# سفر جاري آهي

ٽي سؤ سال کن اڳ ۾ شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جيڪا شاعري سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪئي هئي، اُن ۾ رڳو محبوب جي ڳلن ۽ چپن جي واکاڻ ڪانه هئي. پر اُن سان گڏ عشق ۽ محبت، سڪ ۽ اُڪنڊ جي پوشيده اسرارن ۽ رازن جي اپٽار پڻ هئي. سماجي حالتن، معاشي مامرن، مذهبي معاملن، سياسي سوچ، انقلابي اقدامن، مقصد سان سچائي، سچ جي سربلنديءَ لاءِ سر جون سٽون ڪائڻ ۽ ظلم ۽ جبر سان مهاڏو اٽڪائڻ جهڙن زندگيءَ جي پهلوئن تي لازوال شاعريءَ ذريعي خيال آرائي ٿيل هئي. ۽ اِهو سلسلو لاڳيتو هلندڙ هو. پر وچو وچ جڏهن جبر ۽ ڏاڍ پنهنجا پير پختا ڄمائي ورتا، تڏهن جبر ۽ ڏاڍ سان سينو نه سهائي سگهندڙ شاعرن مصلحت پسندي واري راهه اختيار ڪري شاعري ۽ ادب کي رڳو محوب جي جسم جي مختلف حصن کي واکاڻ ۽ ساراهڻ تائين محدود رکيو ۽ زندگيءَ جي ٻين پهلوئن کي جعلي فتواعن ذريعي ادب ۽ شاعريءَ مان خارج ڪري ڇڏيو. ادب براءِ ادب جو کوکلو نعرو هڻي، ادب براءِ زندگيءَ جهڙي حقيقت کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. ۽ ان منفي سوچ ڏارا جا اثر گهڻي وقت تائين ادب ۽ شاعريءَ تي حاوي رهيا.

گذريل ستر اسي سالن کان هڪ ڀيرو ٻيهر ادب ۽ شاعريءَ ذريعي زندگيءَ جا مختلف پهلو زير بحث اچڻ لڳا آهن. شاعريءَ جي مختلف صنفن، ڪهاڻي، مضمون، ناول، آتم ڪٿا ۽ ڊرامي ذريعي جيئري انسان سان پيش ايندڙ هر وارتا جو ذڪر ڏاڍي مؤثر انداز ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو ۽ اِها هڪڙي خوش آئنده پيش رفت آهي، جنهن سان زندگيءَ جو هر پهلو اسان جي اکيان واضح ۽ نمايان ٿئي ٿو. نوجوان ۽ سيڪڙات اديبن ۽ شاعرن جي ڪاوشن ۾ مٿي بيان ڪيل حقيقت کي نمايان ڏسي سنڌي ادب جي شاندار مستقبل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

گذريل ستر اسي سالن دوران سنڌي ڪهاڻيءَ به وڏا چال ڏنا آهن. ماضيءَ جي ڏندڪٿائي ديوَن ۽ پرين، شهزادن ۽ شهزادين جي قصن مان ترقي ڪري، سنڌي ڪهاڻي هاڻي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين، نسل در نسل جاري رهندڙ سماجي ناسورن، سنڌ جي اصل وارثن مٿان سياسي ۽ معاشي والار، انساني بنيادي حقن جي لتاڙ ڌارين قبضه گيرن جي بالادستي، پنهنجن طرفان جاري غدار شاهي، عشق ۽ محبت جون، سڪ ۽ اوسيئڙي جون نيون رمزون ۽ ڏاڍ ۽ جبر خلاف مهاڏو اٽڪائيندڙ جدوجهد متعلق شادار ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

ڪهاڻيءَ جي هڪ سيڪڙات شاگرد جي حيثيت ۾ مون به گذريل 40_45 سالن کان اِها

ڪوشش پئي ڪئي آهي ته ڪهاڻيءَ ذريعي پنهنجي ڌرتيءَ جي مسڪين ماڻهن ۾ مُڪيه طرح سجاڳي آڻڻ جي، پنهنجي حقن ۽ فرضن ڪي سمجهڻ جي ۽ ڏارين جي والار کان بچاءُ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي نشاندهي ڪريان. اسان ڪي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائيندڙ سماجي ناسورن جي نشاندهي ڪريان. اسان سان ٿيندڙ ويساه گهاتين ۽ پنهنجن ۽ پراين طرفان ٿيندڙ جبر، ڏاڍ، ناحق ۽ ڦرلٽ جي نشاندهي ڪريان. عورتن سان ٿيندڙ ظلمن جي نشان دهي ڪريان. امن، آشتي، رواداري ۽ برابريءَ واري معاشري جي اڏاوت لاءِ نون گسن، واٽن ۽ ڏسن جي نشاندهي ڪريان. مدي خارج ۽ پراڻين ريتن رسمن جي پوئيواري ڪندي ماحول ۾ پيدا ٿيندڙ ڏپ ۽ گندگيءَ جي نشاندهي ڪريان. پيار، محبت، خلوص، سک، شانتي ۽ سلامتيءَ واري قرباڻتي معاشري جي اڏاوت لاءِ مون سميت سوين هزارين ڪارڪنن، اڳواڻن ۽ مهندارن جي به نشاندهي ڪريان، جن نه رڳو پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن ذريعي، پر عملي جدوجهد ذريعي به بي مثال ۽ لازوال ڪارروائين ۾ حصو ورتو. پر اِن حوالي سان نه مون ڪي ڪا دعويٰ آهي ۽ نه ئي ڪنهن بئي ليکڪ ڪي دعويٰ ڪرڻ گهرجي ته اسان جي ڪوشش ڪيترو رنگ لاتو آهي. بس اسان ڪي رڳو ۽ رڳو ڪوشش ئي ڪندو رهڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان جي سوچ مثبت ۽ وقتائتي هوندي ته ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور ڪارائتا نتيجا نڪرندا.

۽ انهيءَ ئي اُميد جي آسري تي آئون اجا ڪهاڻي لکندو پيو اچان. هيءُ منهنجو اٺون ڪهاڻي ڪتاب آهي، جنهن ۾ سال 2011ع، 2012ع دوران لکيل ڪهاڻين مان 11 ڪهاڻيون شامل آهن. سال 2012ع ۽ 2013ع ۾ لکيل ڪهاڻين مان ڪجهه ڪهاڻيون ايندڙ ڪتاب ۾ شامل آهن، جيڪو عنقريب اچڻ وارو آهي. هنن ڪهاڻين متعلق پنهنجي راءِ ڏيڻ جو هر پڙهندڙ کي پورو پورو حق آهي. اوهان جي راءِ اسان لاءِ اعزاز کان گهٽ ڪانه هوندي. سنڌ سلامت ـ سات سلامت.

جولاءِ 2013ع

**پرويز**

سنڌ ميڊيڪل اسٽور

ميرپور بٺورو سجاول، سنڌ.

موبائيل: 03083065201

*

# درد جي ڪهاڻي

معصوم، ابهم ۽ ڪپهه جي پوٽيءَ جهڙي نرم ۽ نازڪ، پهرين انساني چيخ سان انسان جي اذيت، پيڙاهه ۽ درد جي ڪهاڻي شروع ٿئي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن، ماڻهوءَ جي ٻچڙي جي اُها پهرين رڙ، جيڪڏهن پُٽ جي آهي، تہ ڪن پل لاءِ، ماڻهوءَ جي مُنهن تي سرهائيءَ جي هڪڙي مختصر جهلڪ ظاهر ڪري ٿي. نہ تہ اڪثر ڪري اوڏي مهل بہ ۽ پوءِ هر مهل، هر وقت، زندگي ڀر، ويندي آخري گهڙي تائين، هر ويل هڪ نئين درد جي ڪهاڻي پئي عبارت ٿيندي آهي.

اسان ماڻهو خوشين لاءِ، خوشيءَ جي مختصر گهڙين لاءِ صدين تائين پيا سِڪندا آهيون، ترسندا آهيون ۽ اوسيئڙي جي آڙاهہ ۾ جلندا پچندا پيا آهيون. انتظار جي ٻاهرن ٽانڊن جي ڪُورن ۾ جلندي پچندي اسان جا جسم، جانيون، هڏ چم، دل دماغ، ايتريقدر جو اسان جا روح بہ سڙيو خاڪ ٿيو وڃن. پر اسين خوشيءَ جي رڳو هڪڙي جهلڪ بہ پسي نہ سگهندا آهيون. اسان کي خوشين جون اهي ڪهاڻيون اول تہ حاصل ٿي نہ ٿي سگهنديون آهن. پر اتفاق سان جي حاصل بہ ٿينديون آهن، تہ وري راس نہ اينديون آهن.

ها، باقي دردن جي ڪهاڻين جو اسان سان دائمي ساٿ آهي، نہ ٽُٽندڙ نہ ڇڄندڙ ۽ نہ مِٽجندڙ ازلي ساٿ، توڙ نڀاءَ تائين جو ساٿ! دردن جون ڪهاڻيون۔ اسان جي دردن جون مشترڪ ڪهاڻيون، تنهنجي ۽ منهنجي شخصي دردن جون ڪهاڻيون، اڇن اُجرن جي دردن جون ڪهاڻيون، گدلن ۽ ميرن جي درد جون ڪهاڻيون، گورن ۽ ڪارن جي درد جون ڪهاڻيون، پاڪن ۽ پليدن جي دردن جون ڪهاڻيون. دردن ۽ پيڙاهن جون طويل ڪهاڻيون، نہ کُٽندڙ شيطان جي آنڊي جيڏيون طويل ۽ ڏکيون ڪهاڻيون، ڪرشن چندر ۽ سعادت حسن منٽوءَ جي دردن جون ڪهاڻيون، امر جليل ۽ قادر جوڻيجي جي دردن جون ڪهاڻيون. اجيت ڪور ۽ علي بابا جي دردن جون ڪهاڻيون. دردَن جون ڪهاڻيون....
درد۔ جسماني درد ۽ روحاني درد، وجود جي بقا جا درد ۽ ڌرتيءَ جي بقا جا درد، ريٽن رسمن جي صليبن تي ٽنگيل اگهاڙن لاشن جا درد، يزيديت جي برپا ڪيل ڪربلا ۾ پاڻيءَ جي ڍُڪَ لاءِ تڙپ جا درد، هلاڪو ۽ چنگيزيت جي هلائن ۽ الطاف جي والار ۽ قبضہ گيريءَ جا دردَ. مذهبي ڪٽرپڻي جي تيز ڪٽارَ سان ڪٽجندڙ سِرِين جي لاباري جا درد. هزارها سالن جا دردَ ۽ هزارها سالن تائين جاري رهندڙ درد. ڪالهہ، اڄ ۽ سڀاڻيءَ جا دردَ ۔ درد سڀ ساڳيا آهن. تنهنجا ۽ منهنجا درد مشترڪ درد

آهن. ۽ اسان انهن دردن جي اپٽار لاءِ ڪهاڻيون لکندا آهيون. مختصر ڪهاڻيون ۽ طويل ڪهاڻيون. ساڳين دردن جون ساڳيون ڪهاڻيون. رڳو پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان. پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾. پنهنجي پنهنجي لهجي ۾. بيانيه ڪهاڻيون، مونولاگ ۽ ڊائيلاگ ڪهاڻيون. ديون ۽ پرين جي ڏنڌ ڪٿائي قصن تي مشتمل ڪهاڻيون. جيئرن جاڳندڙن انسانن جي هوبهو ڪردارن جون ڪهاڻيون. عشق ۽ محبت واريون ڪهاڻيون. محبت، ايثار، قرباني، جرئت، مامتا، شفقت، نفرت، ڪروڌ، بدلي جي باهه، انتقام جي آڳ ۽ وفاداري ۽ دوکيبازيءَ جون ڪهاڻيون. تاريخي، سائنسي، جاسوسي ڪهاڻيون ۽ اُهي اڻ ڏٺيون، اڻ ٻڌيون آئنده جون ڪهاڻيون. جن لاءِ اديب ۽ ڪهاڻيڪار اڳواٽ سوچي ٿو ۽ قوم ۽ سماج کي ان طرف متوجهه ڪري ٿو. هر ڪهاڻيڪار پنهنجي لهجي، پنهنجي انداز ۽ پنهنجي ڊڪشن ۾ پنهنجي ۽ پرائي من اندر جون پيڙاهون ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هِتي جون، هُتي جون، اندر جون، ٻاهر جون اپريون ڳـ سيريون ڪهاڻيون لکي جڏهن ڪو ڪهاڻيڪار پُنارڪ ڪن ڪهاڻين جي گڏ ڪندو آهي، تڏهن سندس دل ۾ خواهش ڳَرَ ڪٽندي آهي ته هو اُهي ڪهاڻيون ڪتابي صورت ۾ ڇپائي.

۽ پوءِ جڏهن، پِني سِني، پيٽ ڪان ڇڏائي، ٻچن جي اڳيان گراهه ڪٽي به، اڌارا وٺي جڏهن هو ڪهاڻي ڪتاب جون پنج سؤ ڪاپيون ڇپرائي ٿو تڏهن اسان جهڙا جوڪا اديب قريو وڃونس. حضور شرمي ۽ لحاظ جي ڪري ڪتاب جون ٻه سؤ ڪن ڪاپيون وٺانئس مفت ۾ هليون وڃن. باقي ٽي سؤ ڪن ڪاپيون بڪ اسٽالن ۽ دل وارن دوستن کي وڪري لاءِ ڏيندو آهي. پوءِ پئسن جي وصوليءَ لاءِ هلي هلي، گهران پاڙا پري پري، ٿڪجي بيزار ٿي، سال ڪن کان پوءِ بچيل ميرن ۽ ڦاٽل ڪاپين جا بنڊل ٻڌي ڪٽي اچي گهر پيڙو ٿيندو. نه يارن پئسه ڏنا ۽ نه ئي بڪ اسٽال وارن. کيل ختم، پئسه هضم. لالا، مال خلاص. ڇئن ڪروڙن هجڻ جي دعوي ڪندڙ قوم جي اديب جا ٻئي هٿ مٿي تي ۽ هو ويچارو پنهنجي اڳوڻن بي شمار دردن ۾ اوڊر نه ملڻ واري درد جي اذيت ۽ پيڙاهه به شامل ڪري پنهنجي نئين ڪهاڻي ”هڪڙي اڻ هونڌ بيو خيال وڏا“ جي عنوان سان لکڻ شروع ڪندو آهي.

سنڌ جي جيئرن اديبن جي حالت لڳ ڀڳ اِها آهي. ها، باقي مرڻ کانپوءِ ڪنهن نالي واري ڪهاڻيڪار يا شاعر جو نالو ڪير ڪيش ڪرائي ٿو ته اُها ٻي ڳالهه آهي.

اجوڪو دؤر سنڌي ڪهاڻيءَ جو نئون دؤر آهي. ساڳئي وقت ڪهاڻيءَ لاءِ ڏکيو دؤر پڻ آهي. دنيا ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا اڄڪلهه ٻين سيني سيڪٽرن کان ترقيءَ ۾ گوءِ کٽي ويو آهي. مختلف طريقن سان ڊجيٽل، سي ڊي، ڊي وي ڊي، موبائيل ۽ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، ليپ ٽاپ وغيره ذريعي ماڻهو هر

گهربل شيءِ سيڪنڊن ۾ پڪچر اسڪرين تي ڏسي سگهي ٿو. اهڙي صورت ۾ ڪنهن رسالي ۾ ويهي ڪهاڻي پڙهجي. رقم خرچي ڪو ڪتاب ونجي ۽ وقت سيڙائي پڙهجي. هاڻ اُهي ڳالهيون ڏاڍيون ڏکيون پيون لڳن. وڏي ڳالهه ته ڪتابن جي خريداريءَ جو اسم گهر جي بجيٽ ۾ شامل ئي ڪونهي هوندو.

پر اُن هوندي بہ اهڙين ڏکين حالتن جي باوجود بہ مجموعي طرح ڪهاڻي گلوبل سطح تي ترقيءَ جا ڏاڪا طئي ڪري رهي آهي. ساڳي طرح سنڌي ڪهاڻي بہ تنقيد ۽ اصلاح جي فقدان هوندي بہ سست رفتاريءَ سان ئي سهي، پر اڳتي وڌي رهي آهي. منجهس نوان لاڙا ۽ رُخ پيا شامل ٿين. جن سان سندس گونا گونيت ۾ اضافو ۽ خوبصورتيءَ ۾ نکار اچي رهيو آهي. تنهنڪري بلاشبہ اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ڪهاڻي بہ هن ڏکئي دؤر مان اکري پار پوندي ۽ سرخرو ٿي پاڻ ملهائيندي. شرط اِهو آهي تہ تنقيد ۽ اصطلاح جي هٿيار جو لاڳيتو استعمال ٿيندو رهي.

**پرويز**

❊

# پاٻ سان ريسَ....!

”او ابا عرس، اباڙي.. اي مون مِشڪين رَنَ زال جي ٽيهاڻ، اي منهنجي هٿ مان رسو ڇڏائي ڪنهن جي مال سان گڏجي اڳيان پويان ٿي ويئي آهي. اي ابا، ڀلائي ڪريِاِها ٽيهاڻ تہ ٻولي آڻي ڏيئينم. ابا، الله تنهنجي سٺائي ڪندو. رب توکي وڏائيندو. اباڙي، آئون مڙهي مرڳو هلڻ کان لاچار، ڪٿي ٿي ڊوڙيو سگهان، ابا ڪريان، مون رنڙيءَ جي پلوڙ ٽيهاڻ هرويرو ويندي هلي.“

”پر ماسي ايمڻان، حالت تہ ڏسين پيئي. سيني کي ساهہ سان لڳي پيئي آهي. سيني کي ٻچا واتن ۾ اچي ويا آهن. هرڪو پنهنجيءَ ۾ پورو ڪونہ ٿو پئي. هاڻ جي آئون پنهنجو مال ڇڏي تنهنجي ٽيهاڻ ٻولڻ ٿو وڃان تہ مرڳو منهنجو نہ ڪو ڊور ٽُلڪي وڃي. پوءِ اُن کي ڪير پيو ٻوليندو.“ عرس لاچاري ڏيکاريندي چيو.

اگسٽ_ سيپٽمبر 2010ع واري ٻوڏ دوران، جڏهن 26_اگسٽ تي ڪوٽ عالمو وٽان ٻنڌ پڄي پيئي هئي، تڏهن ميرپور ٻٺورو تعلقي جا تمام گهڻا ماڻهو سنڌ سرڪار طرفان گاڏين جو بندوبست نہ هئڻ ڪري، پنهنجا اجها ڇڏي، پنهنجن ڍورن ڍڳن کي ساڻ ڪري، پنهنجا ٻچا وٺي سامان جون هڙون مٿي تي رکي پيرين پنڌ ٻٺورو_ ٽنڊو محمد خان روڊ وٺي ڪنهن محفوظ هنڌ جي ٻولا ۾ نڪري پيا هئا. ماسي ايمڻان بہ پنهنجي ڳوٺ وارن ٻين ماڻهن سان گڏجي، سندس ڪُل پُونجي هڪڙي ئي ٽيهاڻ ڪاهي وڃي رهي هئي. جيڪا ڪانئس هٿ مان رسو ڇڏائي اڳيان نڪري، الاجي ڪٿي گم ٿي ويئي هئي. جهُوني ماسي ايمڻان ٽيهاڻ جي پٺيان ڊوڙي ڪيس جهلي ڪانہ سگهي هئي. سو ڏسندي ڏسندي ئي ٽيهاڻ ٻئي مال سان گڏجي الاجي ڪٿان وڃي نڪتي هئي. هاڻ ماسي ايمڻان جنهن کي تنهن کي پئي پلانڊ وڌا، منٿون ڪيون ۽ سوال پئي ڪيا تہ ڪو ڪيس سندس ٽيهاڻ ٻولي آڻي ڏي. پر هرڪو اهڙي حشريءَ ۾ هو جو ڪنهن بہ سندس واهر ڪانہ ٿي ڪئي ۽ پنهنجي مجبوري ڏيکاري هليو ٿي ويو. ۽ ماسي ايمڻان ائين مُنهن مٿو پٽيندي، دانهون ڪندي، روئندي پار ڪيندي اڻ ڏٺل منزل ڏانهن وڃي رهي هئي. سندس اڳيان توڙي پٺيان، نگاهہ جي آخري حد تائين ماڻهو عورتون، ٻارَ، مالَ ڍورَ، گڏهہ گاڏيون، ڍڳي گاڏيون، ٽرڪون، بسون، سوزوڪيون ۽ مال جا ڌڻن جا ڌڻ هئا. جيڪي ٻوڏ جي پاڻيءَ پهچڻ جي ڊپ کان تڪڙا تڪڙا هلندا پئي ويا. خبر ناهي ڪيڏانهن پئي ويا. خبر ناهي ڪنهن کي ڪٿي اجهو مهيا بہ ٿيندو الاجي نہ!

”واهہ لُوٽائي خان واهہ! اي تو وٽ تہ هُئي ئي هڪڙي ٿَڪَ (مينهن). اُن جو بہ تو پئي ٻڌايو تہ ڦر

مري ويو هو. پوءِ هيءُ هيڏو سارو ڏڻ ڪنهن جو هٿ ڪيو اٿئي؟ ڪنهن پيرَ تي (چوٿين حصي تي) چڙهيا آهن يا ڪنهن کان ڏوڏ لاءِ (کير ڏوئڻ لاءِ) مڱي آيو آهين؟“

پوڙ بعد ٽن مهينن کان پوءِ سندس سالو اڳاريو وٽن آيو هو سو مينهن. ڍورن ۾ ٻڪرين سان سڄو پريل وٿاڻ ڏسي اول تہ حيرت مان وات ڦاتي ويس. پر پوءِ لوٽائيءَ کان پريل وٿاڻ بابت پڇي ويٺو.

لُوٽائيءَ جي مُنهن تي آسودگيءَ واري مُرڪ پکڙجي ويئي. ڏاڍي معنيٰ خيز انداز ۾ وراڻيائين ”ادا، رب ڏي ٿو تہ ڇپر ڦاڙي بہ ڏي ٿو. چوندا ڪونہ آهن تہ ’واڳڻ‘ ڪِن لاءِ وائي، تہ ڪن لاءِ بادي. سو هيءَ پوڙ بہ ڪن لاءِ تہ قيامت ڪاري هئي تہ ڪن جا وري ڀاڳ کلي پيا. مون تي بہ رب راضي ٿي پيو ۽ ڏهي چڙهئيم. بہ ڦرن سان سُئائون مينهيون، هڪڙي ڳپّ تي پلوڙ ٽيهاڻ. جوڙي پلن ڍڳن جي ۽ اٺ پهرو ٻڪرين جا. ڪي ڍُڪيون ۾ ڪي ڦرو. ڪي ڪِتان ٽُلڪي آيون تہ ڪي ڪتان رُلي آيون. نہ ڏٽي وريا ۽ نہ وري ڪي ڏراڙ. نہ پُڇا تي نہ وري ڪنهن وڙول رکي. پوءِ مون بہ رب جي رضا تي راضي ٿي ڪٽي پنهنجو وٿاڻ پريو آهي. اڳتي بہ الله مالڪ آهي. سچ پڇين تہ ٻيلي اڳاريا، آئون تہ هِن پوڙ کي مرڳو پنهنجو ڀاڳ ٿو ڀانيان. حال هڪيو ٻهجي ويو آهيان. پوءِ جون خبرون پوءِ سان.“ لوٽائيءَ جون واچون ٽڙڻ لڳيون.

”اي لوٽائي، ڪا حيا ڪر، ڪو شرم ڪر. پرايا ڍور ڪاهي وٿاڻ پري، پوءِ پيو مَرڪين تہ تنهنجو ڀاڳ وريو آهي. اي ماڻهوپو بہ ڪا ڳالھ ٿيندي آهي. شرافت بہ ڪا شيءِ هوندي آهي. ٿورو سوچ تہ سهي، جنهن غريب مشڪين جي هوندي ٿي اِها هڪڙي ٽيهاڻ، تنهنجو هينئر ڪهڙو حال ٿيو هوندو!“ اڳاريئي لوٽائيءَ کي شرمائيندي چيو.

”پر آئون ڪو چوريءَ يا زوريءَ تہ ڪونہ ڪاهي آيو آهيان. مون تي مالڪ مهربان ٿيو آهي. ٻي ڳالھ تہ آئون ڪٽي پيو هِنن ڍورن جي ڌڻين کي ڳوليندس. پوڙ جي ٻپ کان پاڄ ۾ هي ڍور خبر ناهي ڪٿان، ڪنهن جا رُلي آيا آهن. ڪهڙي خبر تہ سندن ڌڻي ڪٽي رهيا. ٻي ڳالھ تہ مون کي ڪهڙو لاچار ٿيو آهي جو آئون پنهنجا ڀاڙا خرچ ڪري ڌڻين کي ڳوليندو وتان. پر تون ٻڌائي، توکي ڪو اچي پيٽ ۾ وَڍَ پيا آهن اڳاريا. سڀ ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو ڀاڳ آهي. ڀاڳ سان ڪا ريس ڪبي آهي ڇا!؟ تون اُتي هٿ ڏُو تہ ماني ڪائون.“

۽ اڳاريو وات ڦاڙيو لوٽائيءَ کي تڪي رهيو هو.

*(25 جنوري 2011ع)*

❊

# الله ڪري هر سال...!

”اي يَرَ ساماڻا، ڪر ڪبرا! ڦبيو آهين ڪہ نہ؟“ برادئي ساماڻي کان پڇيو.

اگسٽ۔ سيپٽمبر 2010ع واري ٻوڏ کان چار مهينا پوءِ، هو ٻئي ڄڻا ”چڇ جهان خان“ ڪان ”جاتي“ (ضلعو سجاول) اينڊز ڍاڻسن پڪ اپ ۾ چڙهيل هئا. ساماڻو پريان ئي ڍاڻسن ۾ چڙهيو پئي آيو ۽ براديو سندن ڳوٺ ڏانهن ويندڙ گاڏا واٽ جي اسٽاپ تان چڙهيو هو. ٻئي هڪ ٻئي جا گهڻا واقف هئا. سو ڍاڻسن ۾ جو گڏيا، تہ هڪ ٻئي سان خبرون چارون ڪرڻ لڳا. ساماڻي وٽ چار۔پنج جريب زمين پنهنجي هئي ۽ گهرڙو بہ چڱو چؤکو ٺهيل هوس. پر برادئي جو گذر سفر مڇي مارڻ يا وري مزوري ڪرڻ تي هو. سندس گهر بہ اپري سپري مَنهہ جهڙو ڪکن ڪانن جو ٺهيل هو.

”ڪيڙيون توکي ڪبرون سڻايان برادِيا! ٻنيءَ تڪر پاڻيءَ ٻوڙي ڇڏيو. ٻُبي جيڏيون ساريون هيون، تن مان نہ رهيو ڪو ڦنگ هيڪڙو. سيني پئي چيو تہ ساماڻي جا هيل اٺ ڪراڙ ٿين ئي ٿين. اٺ ڪراڙ تہ ڇُٽا، پر هيڪڙو داڻو بہ ڪونہ ٻتو. يڪا ويهہ ڏينهن پاڻي سارين مٿان پئي وهيو. ساريون سڙي مُوتَرا ٿي رهيون. ڪِنو پاڻي اڃا توڻي ٻنيءَ ۾ بيٺو آهي. ڳتي تہ وئي پر ڇيٽ بہ ويو. گهر بہ ڍهي وڃي پٽ پيو. مال ڍور، هيڪڙو تہ رُلي ويو ٻيو اڌ مُڙيءَ (مُوڙي) ليلام (نيلام) ڪري اپرو سپرو هنڌ ٿيڙ ۽ ٻار ٻچا ڪٽي وٺي ڀڳاسين. هو ڪونهي پانجو ممبر (ميمبر) دادن، اسان جي ڳوٺ وارا سڀ اُن جي ڏبوئن تي لڳي وڃي سرڪاري ڪينپن (ڪيمپن) ۾ ويناسين. جتي ٻکن، اُڃن مري، ڌڪا ٿاٻا کائي، ذليل ۽ ڪُوار ٿي، پِني سِني ياڙو ڪري مهيني کن کان پوءِ وري پانجي ڪکن ورياسين. پنيان چا اڇي ڏسون! رڳو سُڃ ۽ پينگ پئي واڪا ڪيا. ڏاڍا ٻُڇڙا ٿيا آهيون. هِن ٻوڏ جي ڪري. الله ڪا پانجي ٻاجهہ ڪري، باقي ڏاڍو ڏکيو وکت اچي ويو آهي. مٿانهيون.“ ساماڻو جيئن شروع ٿيو. تيئن يڪي ساهيءَ ۾ سڀ خبرون ٻڌائي وڃي پار پيو.

”پر يَرَ ساماڻا ڪو؟ آنکي ڪا امداد ڪانہ ملي ڪيئن؟ هِتي تہ ديگ، ديگ نہ پر الاجي ڪيتريون ديڳيون امداد جون پئي چڙهيون ۽ لٿيون. ماڙهن (ماڻهن) تہ پانجا گهر پري ڇڏيا آهن. پر هاڻ تہ وٽن رکڻ جي بہ جاءِ ڪانهي. تون پيو چُوئين تہ ڪِي ڪينهي وٽيون. سو وري ڪيئن؟!“ برادئي ورائي ساماڻي کان پڇيو.

”ادا برادِيا، بروبر امداد جا تہ نُو نَرَ پئي آيا. ڪجاڙو تا ڇُون اُنُن کي، اَنجيو وارا (N.G.O غير

سرڪاري ادارا) گاڏين مٿان گاڏيون ڪٽيو پئي آيا. پر هرڪو پڇائون ڪندو سامان ڪٽيو وڃيو ڏي مَمبَرَ دادن کي ته تون راڄن ۾ ورهائي. سو دادن به بيهي پانجا گهر پري چڏيا آهن. تڪابين ۾ سامان مان. پر حرام, جو پانجن ٻن چئن گهرن کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي ڪا هيڪڙي پائي به ڏني هجيس. ڪا چارن (چانورن) مُٺ, ڪا اٽي لَپ ڏني هُجيس. سِپ پاڻ ٿميندو اچي پانجن اَن جي پاندڻ ۾. توکي ته کبر آهي ته اسان جي ڳوٺ وارا دادن جي پنيان ڪونهن. سو هُن به اڳيان پويان پلاند ميڙي هيڪاندا پُورا ڪيا آهين. ڪين کي دانهن ڏيون. ڪو اسان توٽي ته پُڇي ئي ڪونه تو. پر ڪٿر. الله وڏو آهي. ويندا لُڙ لهي. تون ٻڏائي برادبا. تونجا ڪيڙا حال آهين.“

”پيلي ساماٽا, شُڪر آهيس, پوڙ ۾ ته اسين به ڏاڍا دربدر ٿياسين. ٻنهه مَنهَ جيڙيون پونگيون ڪتي ٽيون پوڙ جي دَبَ جهلين. سو اَجها ته اسان جا به اُجڙي ويا هئا. اسين به نلهن پٽن تي اچي بيهي رهيا هئاسين. پر پيلي, ڳالهه جيڪا هوندي سا ڪبي. سو پوڙ کان پوءِ جيڪا ڪيريات (خيرات) جي, امدادي سامان جي, ڪاڏي ڪوراڪ جي ۽ ڪپڙي لٽي جي برسات پيئي وسي تنهن ته مرڳو ڏِهي چڏيو اَئينون. سچ پچين ته ايترو ته, ايترو ته مال مليو ائينون جو هاڻ مرڳو سميٽڻ ڏکيو پيو لڳنون. اٽو چارَ کنڊ چانهه, گيهه, دال, ڪپڙا گنڏيون, ٿان ٿپا, پاٽيءَ جا ڪُولر, ڪمبل, تنبو هٿرادا ڪاڪوس, پاٽيءَ جون ٽانڪيون, صابڻ سرف ۽ پئسه ڏوڪڙ تنهن ڪانسواءِ پيو به الاجي ڪُجا ڪُجا. ٻنهه ڏنيون هٽي چڏيون ائينون. ڏپ ائينون ته مرڳو ڪاڏي پيتي جو سامان رکي رکي ڪراب نه ٿي وڃي. پيلي آئون ڏڃيو تو ڳالهه ڪريان ته جي سامان سنڀالي ڪاڏوسين ته سال سڄو بنا ڪتڪي جي هلي ويندو. سو يَرَ, اسين ته هن پوڙ مان ايڏا ته خوش ٿيا آهيون جو رب کان دعائون پيا گهُرون ته الله ڪري ته هر سال ايڙي پوڙ اچي.“ ۽ ..... ۽ ساماٽو وات ڦاڙيو برادبئي کي تڪي رهيو هو.

*(25 جنوري 2011ع)*

❊

# هڪڙي ئي ڏک ۾....!

”ڪر خبر سيٺ الانا، ڪيئن! بچيو آهين؟“

”ڪهڙيون ٿو خبرون پڇين يارَ سيٺ عوٿو. رڳو سِرَ بتا آهن، باقي ائين سمجهه تہ زندگيءَ جا سڄا سارا ويهه سال جهڙا ڪَرَ اجايا ويا هليا.“

”اي پر، اِهو بہ شڪر ڪر ڙي سيٺ الانا، جو سِرَ تہ بتا. ساهہ آهي تہ ماهہ وري بہ ٿي پوندو. توکي پنهنجي ملڪيت وڃڻ جو ارمان آهي، پر ماڻهن ويچارن جا پَسُون بارَ ڪکن پنن وانگر لُڙهي ويا. انهن کان تہ خبرون پڇ تہ انهن جي دلين ۾ ڪهڙيون آوِيُون پيون دُکن.“ سيٺ عوٿوءَ ورندي ڏني.

”ها، ائين تہ برابر آهي. ماڻهن ويچارن سان ہوڏ هاجا هٽي چڏيا آهن. پر گهڻ اسان سان بہ ڪانہ ڪئي اٿس. اِهو بہ شڪر ٿيو جو پنهنجي گاڏي هَڪِي موجود هُئي. جيئن ئي روزي رکڻ لاءِ اٿياسين تہ اطلاع مليو تہ ڪوٽَ کي (ڪوٽ عالمو) سامهون ٻنڌ پجي پيئي آهي. پوءِ ڇا جا روزا، ڇا جا آسَرا! رڳو پجي وجي گاڏيءَ ۾ چڙهياسين. بس جي رڳو اڌ ڪلاڪ دير ٿي وجي ها تہ پاڻي مٿان وري وجي ها. ڏٺو تہ اٿئي تہ ڪوٽَ ۽ ٻنڌ جي وچ ۾ پنڌ گهڻو آهي.“ سيٺ الانو ہوڏ کان پوءِ جڏهن دڙي جي سارين جي ڪارخانيدار سيٺ عوٿوءَ جي ڪارخاني تي آيو هو تڏهن سيٺ عوٿوءَ ڪانئس حال احوال پڇڻ لڳو.

”پر پوءِ بہ ڪيش ۽ سون تہ پاڻ سان ڪٽي ويو هوندين. ڪٽي ساريون لُڙهي ويون ۽ ڪارخاني کي نقصان پهتو هوندو.“ سيٺ عوٿوءَ رازداريءَ سان سندس وات سيٺ الاني جي ويجهو ڪندي پڇيو.

”هاڻ توکي ڇا ٻڌايان. تون اعتبار ڪونہ ڪندين سيٺ عوٿو پر سچ هيءُ آهي تہ سموري ڪيش، سمورو سون ڏيئي ۽ بئنڪ مان لون (قرض) ڪٽي مون ڏهہ هزار مڻ سارين ۽ هڪ هزار مڻ ڪٽڪ اِستاڪ (ذخيرو) ڪئي هئي. مون سارين ۽ ڪٽڪ جو سودو بہ ڪري ڇڏيو هو. ٻئي ڏينهن تي ٽرڪون پرجڻيون هيون. اگهہ جي تہ خبر اٿئي. نوَ سئو روپيا مڻ سارين ۽هڪ هزار روپيہ مڻ ڪٽڪ جو سودو ٿيل هو ۽ منهنجي سموري پُونجي هئي ئي اِها. پر نہ بچيو ڪو داڻو اُن مان. هاڻي انهن پيٽين تي رڳو واريءَ جا ڍِڳ لڳا پيا آهن. باقي ڪٽڪ ۽ ساريون سپ پاڻي لوڙهي ويو. هاڻ آئون آهيان سو ٻاهر پيو ڦِران. ڪارخاني ۾، گهرن ۾ ۽ گهٽين ۾ واريءَ جا ڍير لڳا پيا آهن. جي

اوڏانهن ٿو وڃان تہ اڇيو باهيون ڪڍن. سو اونڌو مُنهن ڪريو هِتي ادا جي گهر ۾ پيو آهيان. ٻيو ڀلا ڪريان بہ ڇا؟" سيٺ الاني پاڻ متعلق مختصر نموني ۾ سموري حقيقت پيش ڪئي.

"بس ادا، تون دل نہ لاهي. الله مالڪ آهي. قدرت ڪي ڪير ڇا ٿو ڪري سگهي. تون همت ڪان ڪم وٺ. رب جيئن پهرين نوازيو هوءِ، تيئن ڏٽي وري بہ پنهنجي مَهَر ڪندو. وري بہ گنج لڳي ويندا." سيٺ عوثوءَ ڪيس آٿت ڏني.

"ها ادا، دنيا تہ اُميدن تي قائم آهي. باقي هي ويهہ سال مون سايون ٽوپڙيون پائي ۽ سايون پڳڙيون ٻڌي، ڏگهي ڏاڙهي رکي ۽ نمازون پڙهي ڪوڙ ڪري، دوڪا ڏيئي، گهوبيون هٽي ۽ ليڪن چوڪن ۾ ڪُپت ڪري جيڪي ٽپڙ گڏ ڪيا هئا، سي تہ هڪڙي ئي ڌَڪَ ۾ ڊوڙ ٿي ويا." سيٺ الاني جي مُنهن تي هڪ طنزيري مُرڪ ڇُبرا ڪيدي رهي هئي.

*(25 جنوري 2011ع)*

❊

# اکين ۾ ٻڏي ويل درياهه

”پر ٻه تون چوين ڇا ٿو؟“ سوڍيءَ سنگهارَ جي اکين ۾ اکيون وجهي پڇيو.

”سوڍي، سوڍي آئون... آئون...!“ سنگهار چوندي چوندي ماٺ ٿي ويو.

”ڏس، وري ٻه اِها آئون... آئون... توکي جيڪو ڪجهه چوڻو آهي، سو کُلي چئو نه. ائين مُنجهين ڇو پيو؟“ سوڍيءَ ورائي سنگهارَ کان پڇيو.

”سوڍي، سوڍي آئون هاڻ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان.“ سنگهار ڏاڍي ڏکيائيءَ سان چيو.

”ٿڪي پيو آهين؟“ سوڍيءَ حيرت مان ڏانهس نهاريو. ”ڇو ڀلا؟“

”ها سوڍي، هاڻ آئون ڏاڍو ٿڪي پيو آهيان.“ سنگهار ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.

”پر ٻه چو ته سهي؟ آخر ڳالهه ڪهڙي آهي؟ ٻڌائين ڇو نٿو؟“ سوڍي فڪرمند ٿيندي پڇيو.

”اُن ڪري جو مونکي حال هڪيو پنهنجي شاديءَ جو ڪوبه آسرو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. ۽ هوڏانهن منهنجي گهر وارن جو مون تي زوربار الاهي وڌي ويو آهي.“ هُن جون نگاهون هيٺ هيون.

”ڇا ٿا چون تنهنجا گهروارا؟“ سوڍيءَ کي جهٽڪو لڳو ۽ هُن دل ۾ وِڏ پئجي ويا ۽ هُن دلگير ٿيندي پڇيو.

”چون ٿا ته جي سوڍيءَ وارا هينئر جو هينئر شادي نٿا ڪري ڏين ته منهنجي ٻهرين مَڱ حاجوءَ وارا وري سَڱ ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويا آهين. اُن سان شادي ڪري وٺان.“ سنگهار بدستور ڪنڌ هيٺ ڪري وراڻيو.

”پوءِ منهنجو ڪُجاڙو ٿيندو؟!“ سوڍيءَ جي سدا ملوڪ مُکَ تي آتِرِ وِيلائيءَ جا آثار اُڀري آيا. هڪڙي ناقابل برداشت اذيت جا اهڃاڻ سندس چهري تي اُڀرڻ لڳا. سندس اندر جي ڇِنَ ڀَڻَ جي ايذاءَ جا اولڙا سندس مُنهن تي هنبوڇيون هڻڻ لڳا. هُن انتهائي ڪربَ ۽ درد جي ڪري سُڪي ويل سندس چپ چوريا ۽ سنگهار ڏانهن نهاريو.)

”پر ان ۾ ٿڪجڻ جي ڪهڙي ڳالهه ٿي! جيئن هيستائين مڙسي ڪري پنهنجن مائٽن کي مڃايو اٿئي، تيئن باقي ڪجهه وقت لاءِ ٻه ترسائين. ڏسين ته پيو ته اسين ڪهڙي قيامت ۾ قاتل آهيون. هِن حالت ۾، جڏهن اسان کي سِرَ سان لڳي پئي آهي. ٻنيون ٻارا ٻڏي ويا. اجها اُجڙي ويا. مال وجهو لڙهي ويو. هنڌ، ٿپڙ، ٿانوَ ٿپا ۽ سارو هَلَتِ رُلي ويو. اسين نلها سِرَ ڪٽي پڃي اچي هن پڪي رستي تي پهتا

آهيون. جتي ٻه مهينا ٿيا آهن. پر ڪوبه واهرو ڪونه وريو آهي. اسين ڪکن ڍڪيا ماڻهو پنهنجي شرم ۾ ٻڏيو پيا مرون. ڪڏهن ڪنهن جي اڳيان هٿ ڪونه ڊگهاريوسين. سي امداد لاءِ قطارن ۾ ڪيئن بيهي پيا لنيون جهليون. پنهنجا مٽا ڦاڙايون ۽ ذليل ۽ خوار ٿيون. تنهن کان ته مرڳو اُڃ بک تي پيا آهيون. اجا تائين گهرن ۾ چيلهه جيڏو پاڻي بيٺو آهي. هي سڀ ڳالهيون تنهنجي سامهون آهن. پوءِ به تون پيو چوين ته مائٽ شاديءَ لاءِ تکڙ پيا ڪن ۽ تون ٽڪجي پيو آهين! هن اوکيءَ ويل ۾ اڏو اچڻ ۽ پرجهلو تي بيهڻ ته نهيو پر مرڳو چڱندڙ ڦتن تي لوڻ ۽ مرچ ٻرڪڻ آيو آهين! اِن کي آئون پلا ڪچاڙو سمجهان؟“ ۽ سوڍيءَ کان اوچنگار نڪري ويئي. هُن پوتيءَ جي پلاند سان پنهنجي اکين مان وهندڙ نِيرَن جون لارون اُگهيون ۽ سنگهارَ ڏانهن ڏسڻ لڳي. جيڪو اجا تائين ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺو هو.

”سا ڳالهه ته مون بابا سان به ڪئي هئي ۽ امان کي به الاهي آزيون ۽ منٿون ڪيم ته هِن ڏکيءَ مهل ۾ پاڻ کي هنن جي واهر ڪرڻ گهرجي ۽ هنن جو پرجهلو ٿيڻ کپي. پر ڪُنڌ ڪم کي ڪٽيو بينا آهن. تن هٽي ملڪ جو نڪوتر ڪيڍي چڙيو آهي. ڪُنڌيون رَنون اچيو امان جا ڪن پرين ته ’ائي امان، آئين عزت وارا ماڻهو. ست راجيءَ ۾ آنجي هاڪ پئي ٻُري. آنکي ڪي سَڱَ ڪتا آهن چا. جو وجي متي اگهاڙن ماڙهن سان مِنٽئي ڪئي اٿوَ؟ جن کي متو لڪائڻ لاءِ ڪا پيٽي ڪانهي. ٻڙن فقيرن وانگر لاڏاٽا ٿيو پڪي رستي جي پاسي کان رلي تنگيو وينا آهن. ۽ آئي وئي جي اڳيان هٿ ڊگهاريو پينڙياتن جيان پيا جهوليون جهلين. ائي امان اهڙي نُنهن ڪيئن آنجي گهر ۾ سونهندي جنهن کي سڄي جهان خيرات جي ٽِرڪن اڳيان جهولي جهليندي ڏٺو هجي. مُئو ڪڏس، (وجي ڪڏ ۾ پوي) اهڙو ته سون جو تڪر به ڪونهي جو آنکي ٻئي ڪنهن هنڌان نه ملي سگهي. اِن کان ته پنهنجي حاجو هزار پِرڪا پلوڙزال آهي!‘

”هاڻ امان آهي، سا ڳالهه تي بيهي ئي ڪانه ٿي. چوي ٿي ته اِها نُنهن هاڻي مون کي ڪيي به ڪونه کپي. هاڻ آئون چا ڪريان؟ مون کي ته ڳالهه سمجهه ئي ڪانه ٿي اچي! سوڍي، جا نُورَ پتاري جو سُنهن ته آئون توکان سواءِ مري پُوندس. مون کي نڪا حاجو کپي ۽ نڪا ڪا ٻي کپي. بابا به امان اڳيان بيوس ۽ لاچار آهي. هيءُ سڄو مهينو رَنِن جو اِهو رينگو سٽي سٽي منهنجا ڪن پچي پيا آهن. جڏهن وڏيڪ سهي نه سگهس، تڏهن وني پيگو آهيان توڏانهن. هاڻ تون ئي ڪا صلاح ڏي ته آئون چا ڪريان؟ نه ته مرڳو... آئون پاڻ ئي پاڻ کي ماري ڇڏيندس.“

سنگهار وري به سوڍيءَ سان نگاهون ملائڻ بدران ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي پنهنجي بيوسيءَ جي

ماجرا بيان ڪئي...!

سوڍي، جا هيترو وقت رڳو چِتائي سنگهارَ جي مُنهن ۾ نهاري رهي هئي، جنهن جو ڪنڌ هيٺ هو نگاهون نيچي هيون ۽ هوُ پنهنجي مَرمَر ۾ جلي پچي، ڪامي ڪِجي، پجري ۽ پرزا پرزا ٿي رهيو هو سا پڻ سنگهار جي بي همتي ۽ بيوسيءَ تي وڌجي ڪُسجي ترڳا ترڳا ٿي رهي هئي. سنگهار جيڪا صورتحال جنهن بيوسيءَ سان بيان ڪئي، تنهن سوڍيءَ کي پنهنجي نظرن ۾ پئي ڪيرائي وڌو. هن جي دل کُوهيءَ نارن وانگر نيندبيون ڪري رت جا ڳوڙها ڳاڙهڻ لڳي هئي. هن پنهنجي اندر ۾ سِرِن جو کُورو ڌکندو محسوس ڪيو. هُن جي ڌکن ڪان ڌُجهريل ڇهري تي ڪرپ ۽ اذيتَ جون پيڙاهون. مڙي اچي گڏ ٿيون هُيون. هُن کي ڏاڍو پانور هو تہ سنگهار سندس پرجهلو ٿيندو ۽ مصيبت جي اوڙاهہ مان ٻاهر ڪڍي کنهن ڪنڌيءَ پهچائيندو. پر هُوءَ اڄ پهريون ڀيرو پنهنجي پسند تي ۽ پيار جي پيل پهريئين پيچ تي پشيمان ٿي رهي هئي. هُن پنهنجو وجود فنا ٿيندي محسوس ڪيو. هوءَ لاڳيتو اکين مان گونگا ڳوڙها ڳاڙهي رهي هئي ۽ مسلسل سنگهار جي ڪائرتا تي پڇتائي رهي هئي. هُن لاڳيتو پئي سوچيو تہ سنگهار کي ڪهڙي ورندي ڏي. هوُ جو سندن گهران نااميد ٿي مون ڏانهن ڀڳو آهي صلاح پڇڻ، تنهن جو ڪهڙو بلو ڪجي؟

سوڍي، جيڪا لاڳيتين برساتن جي ٻوڏ جي ڪري ۽ سم نالن جي پلٽي پوڻ جي پاڻيءَ جي ٻوڏ جي ڪري، پُراڻ ڪان پريرو هڪ پڪي پختي ڳوٺ جي ٻُڏي وڃڻ ڪري ميلن جا ميل پاڻي جهاڳي اچي جهڏو_ نئون ڪوٽ روڊ جي پاسي ڪان ديوبن جون ڪانيون وڌي ناهيل جهُڳين ۾ رهيل هئي. هوءَ جيڪا ڪکن ڍڪي، ماني ميڇي واري ۽ عزت پريئي گهر جي جائي هئي.

سوڍي، جنهن سندن مائٽن جي هڪڙي شاديءَ دوران ميرپور خاص ۾ سنگهار کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو ۽ مٿس موهت ٿي پئي هئي. هوءَ جنهن سندس دل واري ساهيڙي سلميٰ سان صلاح ڪري، سنگهار جي ڀيڻ بانوءَ سان لاڳاپو جوڙيو ۽ پوءِ ان جي ئي مدد سان سنگهار سان واٽ واري ڪرڻ جو وجهہ ورتو هو.

سوڍي، جنهن جڏهن سنگهار ڏانهن، پنهنجي اکين ۾ خمار جي مستي ڀري ڀرپور نيڻ نهار ڪئي هئي ۽ پنهنجي دل جي دريءَ جون چار ئي تاڪيون کولي ڇڏيون هيون، تڏهن سنگهار هڪ ئي نگاهہ جي نشتر سان ڌڪيل تتر جيان ڦتڪڻ ۽ ٻُل ڪاٽڻ لڳو هو ۽ پوءِ سنگهار پنهنجي دل جو جهان ڦُرائي لُٽائي جڏهن هٿين خالي موٽي پنهنجي ماڳ سجاول پرسان ڳوٺ پهتو هو تڏهن سندس ڪايا پلٽ ٿي چڪي هئي ۽ هوءَ جيڪا پنهنجي مائٽن جي شاديءَ ۾ وڃڻ لاءِ گهران تہ سهي سنيري، ڏاڍا هار

سينگار ڪري، ڏاڍين نازن نخرن سان ويئي هئي، پر جڏهن موٽي هئي، تڏهن هوءَ ڪنهن هارايل جوئاري وانگر پنهنجي سموري هَڙَ جُوئا ۾ هارائي، سڪٽن تن ڪپڙن ۾، جيئري لاش جيان گهلجي گهر پهتي هئي، تڏهن هوءَ، هوءَ ڪا نہ رهي هئي. هُن جو سڪ ڦٽي پيو هو.

۽ هوُ سنگهار، جيڪو گهر پهچي پنهنجا هوش حواس وڃائي ويٺو هو. هُن کي ڪنهن جو ڳالهائڻ سمجهہ ۾ ئي ڪونہ پئي آيو. سندس ڪنن ۾ رڳو توتليون وجي رهيون هيون. نہ ڪاڏي جو هوش نہ پيتي جي خواهش. نيٺ هن اعلان ڪيو تہ ”مون کي حاجو مور نہ کپي. جي پرٽبس تہ سوديءَ سان، نہ تہ منهنجي قبر کوٽڻ جو سعيو ڪريو. آئون پاٽيهي پاڻ کي ٿو ماريان. وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي ٿو مران. پاڻ تي گاسليٽ هاري تيلي ٿو ڏيان. ٻنيءَ جي دوا پي ٿو مران.“ هڪڙيءَ تي هيءُ، تہ ٻيءَ تي سندس مائٽ. ماٽس چوي تہ: ”مون کي پريءَ جي ننهن ڪيي بہ ڪونہ کپي. مون تي منهنجي وَڏڪ پيڻ حوريءَ وڙ ڪيو آهي، اڏ ڳالهائي سان پنهنجا آنڊا منهنجي حوالي ڪيا اٿس. ٻچي شل حاجوءَ کي چِڏي، آئون تي ٻي ننهن ڪريان! شادي ٿيندي تہ حاجوءَ سان ئي ٿيندي. نہ تہ ڀلي وانڍو پيو هلي. چريا ڪي پنهنجي وس چِڏبا آهن ڇا؟ حوري تہ ڪٽي منهنجي پيڻ آهي، پر سندس گهر واري کي ڪهڙو جواب ڏبو.!!“

پٽس چوي تہ: ”ابا سنگهار ڪجهہ ساڃاهہ ڪر. ٿورو سمجهہ کان ڪم وٺ. اسان چئڻ پائرن جي وچ ۾ ويهي زبان ڪئي آهي. مناڻي ورهائي پڙري ڪئي آهي. هاڻ جو تون ڪيتو ڪريو ويٺو آهين، تنهن کي ڪير پڇي!؟ ابا، مڙسن جي زبان هڪڙي ٿيندي آهي. ماڻهوءَ جي قول تي ئي دنيا جو ڪاروهنوار هلي پيو. ايئن ڪو ٿيندو ڇا؟ تون ڏاهو ٿي. ڀلا حاجوءَ ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي؟ سدا ملوڪ تہ آهي! تنهنجي جيس آهي. وڏي ڳالهہ تہ پنهنجي آهي. گهر جي ڳالهہ آهي. ڪاري ڪٽي ڪايو پيئي هوندي. ڪو هُل، هاءِ ديشو ڪونہ ٿيندو. هينئر توکي اوچتو ئي اوچتو اچي سوديءَ جي عشق ڪنيو آهي. جي اهڙي ڳالهہ هئي تہ پهرين ڳالهہ ڪرين ها نہ؟!“

هوڏانهن ماسيهينس حوري ۽ ماسڙ هاشم بہ اَرَ تَرَ ڏيئي ويهي رهيا ۽ پوءِ نيٺ هڪڙي گهُمري تہ حاجو بہ ڪيس ڦري آئي. پر سيني کي ٽُنيو! سنگهار جي هڪڙي ئي ٻولي تہ ”مون کي کپي تہ سوديءَ کپي، نہ تہ منهنجي قبر کٽو. آئون اجهو ٿو دوا پيان. تيلي ڏيان. يا ڦاهو کان!“

سيئي منجهي پيا تہ هاڻ ڇا ڪجي؟ ڇورو تہ مرڳو هٿن مان پيو وڃي. ڪنهن صلاح ڏني تہ ”سنگهار ڀلي پيو پوُنڪي.اوهين رڳو بہ پائر سڏي، ملئون گهرائي حاجوءَ سان نڪاح وجهي ڪٽي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪريوني. ڏنيون منيون ٿينديون آهن. ڇڪي ڏسندو تہ پاڻ ئي گس تي اچي ويندو.“

سنگهارَ کي جا سُٽس پيئي تہ سانجهيءَ تنهنجو ٻِلو ٿيندو. زوريءَ ٿا حاجوءَ سان تنهنجو نڪاح وجهن. سو نہ ٿئي ٻچڙو. ڀوڙي وڃي وٿاڻ مان ڏيڳي جو رسو ڪنيائين ۽ سَٽَ ڏيئي گهران نڪتو. اِهو تہ ڀلو ٿئي عمر فقير جو جنهن بر وقت سنگهار کي پريان ٻيڻل نمر تي چڙهندي ڏسي ورتو. تنهن وٺي جو "ورتو ورتو" ڪئي ۽ هڪلون ڪري همراه گڏ ڪري وڌائين. جن ڀوڙي وڃي سنگهار کي بچائي ورتو. سنگهار جي اهڙي ڪوشش ڪيس حاجوءَ سان نڪاح وجهڻ کان تہ بچائي ورتو. پر ماٽس هَٿَ تان هيٺ لهي ئي نہ! چوي تہ "سنگهار مري تہ ڀلي مري پئي. منهنجو ڀيو پٽ بہ وينو آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ آئون اجا اهڙي پوڙهي نوبہ ڪانہ تي آهيان. جي ڪپيو تہ ڀيو پٽ جڻي بہ وجهنديس. باقي سوڍي اهو ڏونئرو پيچي ڪائي تہ ڪوهوءَ منهنجي پٽ سان لائنون لهندي."

سنگهار جي پيءُ ڳوٺ راڄ جا پائر گڏ ڪيا. سنگهار جا چاچا, ماما, سئوٽ ماسات اچي ڪنا ٿيا. پر نہ سنگهار سوڍيءَ تان هٿ ڪڻي ۽ نہ ئي وري ماٽس سوڍيءَ کي قبولي. ايئن ڪندي ڪندي نيٺ پائر برادر بہ بيزار ٿي پنجي پرپرو ٿي ويهي رهيا. سنگهار جو پيءُ ٻنهي پاسي بيوس ۽ مجبور ٿيو پئي اول پتڻ ٿيو. باقي سنگهار ۽ سندس ماءُ جو گهر ۾ سنجهي صبح ڏانديڻپو لڳو پيو هوندو هو. سنگهار چئي تہ آئون ٿو پاڻ کي ماريان ۽ ماٽس چوي تہ آئون ٿي وِهہَ جو وٽو پيئان.

۽ پوءِ نيٺ سنگهار جي سرسي ٿي ۽ ماٽس مات کائي مات ڪري ويهي رهي. پر پوءِ بہ هن پنهنجي دل مان بغض ڪونہ ڪڍيو. لوڪ لڪا خاطر في الحال زهر جو ڍُڪ تہ پري ورتائين, پر دل سان سوڍيءَ کي قبول ڪونہ ڪيائين. پوءِ چار پائر گڏجي ويا سوڍيءَ جو سڱ گهرڻ. بہ ٽي پيرا اچڻ وڃڻ ڪانپوءِ هاڪار ٿي ۽ ڳالهہ پڪي ڪري, منائي ورهائي,اِهو فيصلو ڪيو ويو تہ هِن ڪتيءَ (سال 2011ع) جا فصل ڪڻي شادي ڪنداسين.

پر ڪتي اچا بہ ادائي مهينا پري هئي. تيستائين برساتن اچي ٻرَ ٻجايا. ٿَرَ ٿاديليون ڪيون. سنگهارن جي سک جا سانياها ڪيا. ماروئڙا, سانگيئڙا ۽ جهانگيئڙا خوشيءَ وچان جهمريون پائڻ لڳا. ڍاٽياٽيون ۽ ٿاريليون پنهنجي پنهنجي چونئرن اڳيان ڏانديو ڪُڏڻ لڳيون. سندن ملوڪڙن مهاندن جون مُرڪون اجايلن جون اُجون اجهاڻ لڳيون. پنهنجي پر ۾ سڀ ڪو خوش. هرڪو ٻانهن پيو لوڏي تہ هيل واهہ جو وارو ملندو. مينهن جو ٻلا پيا وسن.

پر اِها خبر تہ ڪنهن کي ڪانہ هئي تہ هيلوڪا مينهن, مينهن نہ پر آفتون آهن. سانوڻيءَ جا وسڪارا خوشحاليءَ بدران بدحاليءَ جي علامت بڻجي ويندا. هڪڙو مينهن وٺو ٻيو مينهن وٺو ٿيو

مينهن وٺو ۽ پوءِ لاڳيتو وسندو ئي رهيو. پهريائين هيناهيون، ترايون ۽ ڍنڍون ڍورا ڀريا. پوءِ هيناهين ۽ مٿاهين جا پڪا پانچا گڏجي ويا. بنا ٻوڙ تي ويئي. گس ۽ پيچرا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا. سِمَ ناليون پرجي وهڻ لڳيون. سِمَ نالا پلٽڻ لڳا. هيناهين جا ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچڻ لڳا. مٿانهان پڪا ڳوٺ ٻه پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويا. ننڍا وڏا شهر ٻه ٻڏڻ لڳا. ضلعن جي هيڊ ڪوارٽرن بدين، ميرپورخاص، ٽنڊو محمد خان، سانگهڙ، مٽياري، ٽنڊوالهيار ۽ ٺٽي جي ٻن تعلقن سان گڏ بينظيرآباد ۾ ٻه ٻيڙيون هلڻ لڳيون. L.O.B.D ۽ R.O.B.D سِمَ نالن بي انداز پاڻي آٽي لاڙ ۾ گڏ ڪيو. هزارين وسنديون، بستيون، ڳوٺ، واهڻ ۽ شهر پاڻي هيٺ اچي ويا. سوين ڳوٺن جا نشان ئي مٽجي ويا. لکين پالتو جانور مري ويا. ڪروڙين انسان بي گهر، بيوس ۽ بي سهارا ٿي ويا. پر هيلوڪا مينهن لاڳيتا وسندا ئي رهيا. ٻنوري کان وٺي پڳڙا ميمڻ تائين، بدين کان وٺي بي نظيرآباد تائين، مٽياريءَ کان وٺي منيءَ تائين، جهول کان وٺي جهڏي تائين، ٽِڳوسر (سانگهڙ) کان وٺي ٽڙخواجه (جاتي، ٺٽو) تائين رڳو پاڻي ئي پاڻي، اڇ ئي اڇ! هر طرف کان، هر پاسي کان رڳو مال ڍورن جون رنيون، ٻارڙن جون ٻاڪارون ۽ ڪيهون. عورتن جون دانهون ڪوڪون ۽ مردن ۽ پوڙهن بيمارن جون ڪنجهڪارون... هڪڙي قسم جو قهرام هو ڪربلا هئي يا قيامت هئي. خبر ناهي ڪهڙو امتحان هو؟ ڪهڙي آزمائش هئي؟ ڪهڙو رهيل پلانڊ هو؟ ٻنيون ٻڏي ويون. فصلن مان ڪابه شيءِ ڪانه بچي. بازاريون ٻڙيانگ ٿي ويون. اجها اجڙي ويا. مال ڍور لڙهي ويا. ماڻهو- ڪي پاڻيءَ ۾ ٻڏي مئا، ڪي پاڻي سُرڪ لاءِ تڙپي تڙپي مئا. ڪي بکن وگهي مئا. ڪي بيمارين جو بک ٿيا. ڪي قرجي لتجي هٿين خالي ٿي ويا. ڪي ماني گراهه لاءِ آتا، امدادي سامان ورهائڻ وارن جي لٺين ۽ گولين جو شڪار ٿيا. (سانگهڙ وارو واقعو جنهن ۾ هڪ وڏيري جي گارڊن هڪ شخص کي گوليون هڻي ماري ڇڏيو هو.) ڪئين پرديدار عورتن جو پردو پردو نه رهيو. ڪيترن عزتدار ۽ خوددار خاندانن جي مڙسالن کي ٻچن جو بک کان بي حال ٿي دانهون ڪرڻ تي، پنهنجي عزت ۽ خودداريءَ کي پاسيرو ڪري پاروتي ۽ ڌپ واري پٽ گراهه خاطر ڪنڌ هيٺ ڪري هٿ ڊگهيرڻو پيو. پنهنجي پڪن گهرن جي ڪمرن ۾ بجليءَ جي پکن هيٺان آرامده بسترن تي سمهندڙ سنڌ جي سنگهارين کي، پڪن روڊن جي پاسن کان اڌيل جهڳين مٿان رليون ٽنگي، اگهاڙي آسمان هيٺ، ضروري حاجت لاءِ ٻه ڪا پيٽي نه هئڻ ڪري پريشان، وسندڙ مينهن جي اوڙڪن، مڇرن جي ڪٽڪن ۽ ڪاتڪو نگاهن جي نشترن جو مقابلو ڪرڻو پيو.

هيل سال جي برساتي ٻوڏ، سِمَ نالن تي قبضا ڪري پاڻيءَ جو گس بند ڪري، پاڻي اٿلڻ تي مجبور ڪري پيدا ڪيل ٻوڏ، حڪومتي جيالن ۽ غير حڪومتي پهچ وارن پنهنجون ملڪيتون ۽

ٻنيون بچائڻ خاطر هٿرادا ڪٽ ڏيئي پيدا ڪيل ٻوڏ ۾ سرنديءَ وارن پنهنجي ٻنين مان لنگهڻ جو گس نه ڏيئي پيدا ڪيل ٻوڏ جيڪي سنڌ جي ماڻهن سان هاڃا ڪيا، جيڪي ڪربلائون آنديون سي سڀ پنهنجي جاءِ تي هڪڙيون نه وسرندڙ سچيون ڪهاڻيون آهن. پر هيلوڪي برساتي ٻوڏ مختلف ماڻهن جي چهرن تان ماسڪ لاهي ڪين بي نقاب ڪري سندن اصلي چهرا به ظاهر ڪري ڇڏيا. انهن ڪي ڏسي ڪتي تہ فخر مان ڳاٽ اوچو ٿيو تي ويو. پر تمام گهڻين جاين تي ماڻهن جا مڪروهہ، غليظ، غلاظت سان ٿڦيل ۽ ڪراهت آڻيندڙ چهرا ڏسي انسانيت شرم کان ڪنڌ جهڪائي رت جا ڳوڙها ڳاڙهڻ لڳي هئي.

اهڙيءَ صورتحال جو شڪار سوڍي ۾ سندس ڳوٺ وارا ٿيا هئا. سندن ڳوٺ جون سون اپائيندڙ ٻنيون تہ ٻڏي ويون، پر سڄي ڳوٺ ۾ پنج فوٽ پاڻي بيهجي ويو هو. ڪيڏانهن به نيڪال جو ڪو ذريعو ڪونہ هو. سندن هڪڙي مِٽِي ميرپورخاص ۾ هئي، جيڪي خود پاڻيءَ جي گهيري ۾ هئا. ٻي مٽئي سجاول جي پرسان رهندڙ سنگهار وارن سان هئي. شروع ۾ انهن ڪوشش به ڪئي هئي تہ سنگهار جن وٽ هلي پناهہ ونجي ۾ ڏکيو تائيم گذاري اچجي. پر جڏهن خبر لهڻ لاءِ اچڻ واري اچي سنگهار جي ماءُ جو اڊنگو رويو اکين سان ڏٺو تنهن واپس وڃي همراهن کي چيو تہ ”پلي بڪ پرم جي، شال نہ وڃي شان.“ جيئون توڙي مرون، پر اوڏانهن ڪونہ هلنداسين. مهلون مڙسن تي ايندين آهن. هي ڏکيا ڏينهن بہ ماڪَ جي ڊونگر وانگر ويندا گذري. قدرت کي جيڪو ڪرڻو هو سو ڪري وڃي دنگ ڪيائين. جيترا ٻچڙا ٿيڻا هئاسين، سي تہ ٿي چڪاسين. باقي ماڻهن کي بہ جيڪو ڪجھ ڪرڻو هجي سو پيلي زور لڳائي ڏسن. پر پاڻ هاڻ وڏيڪ اگهاڙا ڪونہ ٿينداسين. سو بہ سنگهارَ وارن مانڌان هٿ ڪڍهن بہ ڪونہ ٽنگينداسين.“

اهڙي طرح بہ مهينا گذري ويا. پر ڳوٺ مان پاڻي نڪري نہ سگهيو. جڏهن وڃي سج جي تپش تي ڪِجي ڪپي سگهي! تيستائين ڪو گس پنڌ، ڪا پيٽي ۾ ڪو ٻلو ڪونہ ٿي سُجهيو. هن صورتحال ۾، جڏهن ماڻهوءَ کي ٻچا وات ۾ هجن. پِنئي ٽڪر تي ساهہ جي تند ٽِڳندي هجي، ماڻهو شرم ۾ ٻڏندو هجي، مرندو ۽ جيئندو هجي، تڏهن ڪيئن ٿي ڪري سگهجي شادي!؟

۽ اوڏي مهل سنگهار جي ماءَ کي پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ جو ٻُل ملي ويو هو. مهيني کن کان گهر ۾ اِهو ئي ذڪر شاديءَ جو. سنگهار ۾ پٽس جي ٻنهہ ماني وِههُ ڪري ڏنائين. اُٺندي ويهندي طعنا، ميهڻا، ٽوڪون، ٺٺوليون ۽ الاجي ڇا جو ڇا!

”بس چئونِ تہ هينئر جو هينئر شادي ڪري ڏين. سو بہ ڏيج پوت سان، سون مِينَ سان، سامان

سڙي سان. نلهي گنديءَ ۾ ويڙهي ڏيڻ بدران پلي پُراڻ جي پاٽيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏينس. پر اِهي مٺا ٻڪيا پينگا، جيڪي پنيو پاروتو پيت ڪايو نتا ڍاپن، سي ڏيندا ٻه ڪُڇاڙو. ٻي ڳالهه ته آئون ڄچ وٺي وڃي پڪي رستي جي پر ۾ پونگين ۾ تورو ئي ڪو لاهيندس؟ وڏي شان مان وارا شاميانا اڏيندس. دهل شرنايون گهرائيندس. گاڏين جون قطارون پري ويندس. سو مون کي اهڙن مٺي اگهاڙن وٽ وڃي خوار ٿيڻو ڪونهي. اِهو اسان جو شان ڪونهي. اي ٻُڌين پيو گهوٽ جا پيءُ!؟ نلهي ٻانهن پئي لُڏني. متان ڪنهن پُل ۾ هجين. جيڪو چوان پيئي، تنهن مان هڪڙو اکر به پوئتي ڪانه هٽندس. تڏهن ته چوان ٿي ته مون وري به پيٽمر حوري ۽ سندس گهرواري کي راضي ڪيو آهي. ڇڏيو هُن رَن نپاڳيءَ جي پچر. جڏهن پاڻ کي گهر جو گهر ۾ سدا ملوڪ ڪنوار سان گڏ ڪوڙساري ڏن دولت به ملي پيئي ته پوءِ هرويرو ڇو اچي ڇتا ٿيا آهيو؟“

هڪڙي ڏينهن سنگهار سندس ماءَ جي ڳالهين مان ايترو ته بيزار ٿيو جو مانڌان رکيل ماني به ڪٽي پري اڇلايائين ۽ پنهنجي مُنهن وقلندي وڃي ڏوتل ڪپڙا ڪڍيائين. ڪپڙا بدلائي ست ڏيئي گهران نڪتو ۽ سجاول پهچي وڃي بدين واري بس ۾ چڙهيو.

شام جو سج لٿي کان ٿورو اڳ وڃي سوڍيءَ وارن وٽ سهڙيو. همراهن ساٽس هٿ پليڪار ڪئي ۽ خوش خير عافيت به پڇي. حال احوال پڇيائونس. پر سنگهار محسوس ڪيو ته همراهن جي ڳالهائڻ ۾ اڳوڻي گرم جوشي ۽ قرب ڪونه هو. هُن جي زبان ۾ ڪنڊا چُڀڻ لڳا. هُن جي نڙيءَ ۾ ڪانڊيرن جا وڻ مورڻ لڳا. هُن جو آواز گهُٽجي رهيو هو. هُن رڳو ”هون، هان“ پيئي ڪئي، پر دل جهلي، دل واري ڪنهن سان به سلي نه سگهيو. ائين منجهيل منجهيل پئي لڳو. خير، ٽڪرپاٽي به، جهڙو هو گڏجي ڪاڌائون ۽ جڏهن رات جي ڪاري ڪانوَ پنهنجا پک پکيڙڻ شروع ڪيا، تڏهن هُو به ٻين سان گڏ ڊهي پيو.

صبح جو جڏهن سڀ مڙسالا ڳيي جي ڳولا ۾ هٿ پير هڻڻ ڪاڻ مختلف ڏِسائن ڏانهن روانا ٿيا، تڏهن سنگهار اچي سوڍيءَ جي پر ورتي. جهڳيءَ کان ٿورو پريرو هڪ ديويءَ جي اڏو گابرو چانولي ۾ ويهي ساٽس سور سلڻ لڳو:

... ۽ پوءِ... ۽ پوءِ، ڪجھ دير تائين سنگهار جي مُنهن ۾ نهارڻ بعد، سوڍيءَ ڳيت ڏيئي، وات ۾ گڏ ٿي ويل پِڪَ ڳڙڪائي. ليڪن ائين پئي لڳو ته هُن رڳو ٿيڻ ڪانه ڳڙڪائي هئي پر جهڙو ڪر سوڍيءَ هيلوڪا به مهينا جنهن دوزخ ۾ گذاريا هئا، انهن جا سمورا عذاب، اذيتون، پوڳنائون ۽ پيڙاهون به هن ڳيت سان گڏ ڳڙڪائي ڇڏيون هيون. سوڍيءَ هلڪي کنگهڪار ڪري نڙي صاف ڪئي ۽ نڪ ۾

مِڙي آيل سِنگهه کي ڪيڏي ڦتو ڪيائين. پوتيءَ جي پلانڊ سان پنهنجا ڳوڙها اگهي، جُوهه وجهي سنگهار جي اکين ۾ نهاريائين. جنهن پهريون ڀيرو ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏانهس نهاريو هو:

”تہ پوءِ آخر تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟“

”مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي سوڍي! مونکي رڳو ايتري خبر آهي تہ آئون توکان سواءِ جي ڪونہ سگهندس ۽ بس.“

”پوءِ تنهنجي ماءُ پيءُ ۽ مائٽ؟“

”امان توکي ڪڏهن بہ ڪا نہ قبوليندي.“

”تہ پوءِ تون سندس چيو مڃي حاجوءَ سان شادي ڪر چڏ.“

”ائين مون کان ڪونہ ٿيندو.“

”پوءِ ڇا ڪندين؟“

”آئون تنهنجي آسري تي، تنهنجي پروسي تي پنهنجو گهر ڇڏي آيو آهيان.“

”ڇا؟“

”آئون توسان گڏ رهڻ چاهيان ٿو.“

”ڇا؟“

”آئون توسان گڏ رهڻ چاهيان ٿو. پلي ڪهڙيون بہ حالتون هجن. پلي ڪهڙيون بہ قيامتون اسان تان گذرن. منهنجو توسان سر لڳي. آئون سيني کان اڳيان ٿي ڪمائيندس ۽ جيڪو رب پاٽي ڪمائي آڻيندس، سيني کان پڇاڙيءَ ۾ بچيو تہ کائيندس. نہ تہ بہ پڙڪ پاهر ڪونہ ڪيندس. اِهو منهنجو قول آهي توسان! تون رڳو پنهنجن مائٽن کي سمجهائي تہ هو امان جي رويي جي سزا مونکي نہ ڏين. آئون انهن کي ڇڏي آيو آهيان. آئون وري اوڏانهن ڪونہ ويندس، آئون وري اوڏانهن ڪونہ ويندس.“

”ڇا؟؟؟“

”ڪالهہ کان آئون ڏسان پيو تہ تنهنجا مائٽ مون کي گهٽو مُنهن ڪونہ پيا ڏين. جهڙو ڪر اسان جي وچ ۾ اوپرائپ جو صحرا پکڙيو پيو آهي. تون پنهنجي مائٽن کي سمجهائي تہ هو مونکي پنهنجو ڪن. هاڻي اِهي ئي منهنجا مائٽ آهن سوڍي!“ ڪجهہ دير ساهيءَ کان پوءِ وري چيائين:

”جي تنهنجي مائٽن مونکي پنهنجو نہ ڪيو تہ بہ، آئون وري واپس ڪونہ ويندس. هتي ئي، تنهنجي مانڊان پاڻ ئي پاڻ کي ماري ڇڏيندس. اِهو منهنجو وچن آهي توسان. اِها منهنجي مڙساٽي

زبان آهي توسان. ۽مرد جي زبان هڪڙي هوندي آهي.“ ايئن چئي سنگهارَ نماڻان نيڻ کڻي سوڍيءَ ڏانهن نهاريو جيڪا مسلسل ڪيس حيرت ۽ اچرج مان تڪي رهي هئي.

۽ هوءَ سوڍي، جنهن پهرين سنگهارَ جي بيوسي ۽ ڪانئرتا تي پڇتاءُ جا ڳوڙها پئي ڳاڙيا. پنهنجي پسند جي بي همتيءَ تي هنجون پئي هاريون. ۽ پنهنجي پاڻ کي اڪيلائيءَ جي احساس جي آرا مشين سان ڳترا ڳترا ٿيندو پئي محسوس ڪيو. تنهن سوڍيءَ جي ملوڪڙن چپڙن تي مُرڪن جون ڏيلون ٽِلڻ لڳيون. هن جي اندر جي آڳرتي مور نچڻ لڳا. هن جي اکين جي ايوانن ۾ گلاب جا گل ٽِڙڻ لڳا ۽ هُن، سوڍيءَ ويجهو ٿي سنگهار جو هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ سوگهو جهليو.

*(6 نومبر 2011ع)*

❊

# جن جو نينهن نبار

پوليس اهلڪارن سان پريل ٻن موبائيل وينن جي اڳيان هڪ ڳِري رنگ جي ليند ڪروزر گاڏي اچي هڪ ڳوٺ جي مکيه داخلائي گس وٽ بيٺي. اُهو ڳوٺ ڪراچيءَ جي پسگردائيءَ ۾ 25_30 گهرن تي مشتمل هڪ قديمي ڳوٺ هو. ليند ڪروزر جي اڳين سيٽ تان هڪڙو اعليٰ پوليس عملدار هيٺ لٿو. گڏوگڏ پٺئين سيٽ تان خانگي ڪپڙن ۾ ڪاري چشمي سان هڪڙو ٿلهو متارو شخص به لٿو. ڪيس پاجامو ۽ پهراڻ پاتل هو. سندس پيٽ پورن مهينن واري پيٽ سان عورت جيترو وڏيل هو. سندس ٻنهي پاسن کان به نجي ڊريس پاتل گارڊ هٿن ۾ ڪليشن ڪوفون سنياليو بينا هئا. ٻن پوليس موبائيل وينن مان پڻ 20 کن پوليس اهلڪار پنهنجا جديد هٿيار سنيالي لٿا ۽ گهرن ڏانهن ويندڙ گس جي ٻنهي پاسن کان پوزيشنون سنيالي بيهي رهيا. ڏينهن جا 11 کن ٿيا هئا. اوڏيءَ مهل ڳوٺ ۾ رڳو ننڍيون وڏيون عورتون، ٻار ۽ وهي ڪائي ويل پوڙها موجود هئا. باقي ڳوٺ جا نوجوان، جوان ۽ پڪا پختا مڙسالا پيٽ گذر لاءِ اختيار ڪيل مختلف ڌنڌن ڌاڙين ۽ ڊيوٽين سان ويل هئا. عين اوڏيءَ مهل ڳوٺ جون چوڏهن پنڌرهن نوجوانڙيون، ننڍيون نيٽيون نينگريون ۽ ننڍي عمر واريون عورتون هڪ ميل پريان واري ڳوٺ مان پاٽي پري، مَٽَ، گهڙا، چونئريون ۽ پلاسٽڪ جا ڪنستر مٿن تي ٻيلهڙا، ٽيلهڙا ڪري، ڪڇن تي ۽ هٿن ۾ ڪٽي هڪڙي ڊگهي قطار جي صورت ۾، پاڻ ۾ ڪچهري ڪنديون، کل ٻوگ ڪنديون، ٿهڪن جا تاڙيا پکيڙينديون اچي ڳوٺ پهتيون هُيون. هُنن، جو ڪوڙ سارا پوليس وارا ۽ ٻيا اوپرا هيڪاندا ماڻهو ڳوٺ جي گس تي بيٺل ڏٺا ۽ ٻه ٽي گاڏيون بيٺل ڏٺيون، سي اول ته هيسجي ويون. سندن ٿهڪ به ماٺ ۾ گم ٿي ويا. پر پوءِ وري ساڳئي انداز ۾ کلنديون، ڇهڪنديون، ٽِپَ ڏينديون، ڪينچل ڪنديون پوليس وارن جي وچان پنهنجو گس وٺي ڳوٺ ۾ هليون ويون. ڪجهه ئي دير ۾ ڳوٺ جي ٻارن جا وَلَرَ ڪجهه پوڙهيون پڪيون مايون ۽ ڪجهه ڪراڙا مڙسالا گهرن مان نڪري اچي گاڏين کي ويجها ٿيا. تڏهن ليند ڪروزر گاڏيءَ مان لٿل پوليس آفيسر ٽاٽي جو وڏو منشي ۽ پاجامو ۽ پهراڻ پهريل وڏي پيٽ وارو شخص ٿورو اڳيان وڏي ڳوناٽن وٽ پهتا. ۽ پوءِ وڏي منشيءَ هٿ واري لائوڊ اسپيڪر جو بٽڻ دٻائي، لائوڊ اسپيڪر کي پنهنجي وات جي ٻنهه ويجهو آڻي اعلان ڪيو ته:

***"اِس بستی کے تمام مکینوں کو اس اعلان کے ذریعے متنبہ کیا جاتا ہے کہ یہ زمین ایک نجی ادارے کی ذاتی پراپرٹی ہے۔ ضلعی حکومت کراچی سے تصدیق شدہ ایسا رکارڈ اس ادارے کے مالک کے پاس موجود ہے۔***

**لہٰذا، اس اعلان کے ذریعے تمام بستی والوں کو وارننگ دی جاتی ہے کہ آپ لوگ اس زمین پر سے غیر قانونی کیا ہوا قبضہ ختم کر کے ایک ہفتے کے اندر اندر یہ زمین خالی کردیں۔ بصورت دیگر ادارے کو یہ حق حاصل ہے کہ وہ اپنے ذرائع سے اپنی پراپرٹی پر زبردستی اور غیر قانونی کیا ہوا قبضہ خالی کرائے۔"** پوءِ هن وڏي پيٽ واري همراه ڏانهن اشارو ڪري چيو ته: **"اس زمین کے مالک یہ سیٹھ جناب مکرم علی خان حاکم زادہ ہیں۔ اگر آپ لوگوں کو اِن سے کوئی بات کرنی ہے تو یہ سیٹھ صاحب کا کارڈ ہے۔ اس پر پتہ اور موبائیل نمبر درج ہے۔ لیکن۔۔۔ لیکن ایک ہفتے کے اندر اندر بات کر لیں۔ ایک ہفتے کے بعد کوئی بات نہیں ہو گی۔ یہ آخری وارننگ ہے۔"** ائين چئي وڏي منشيءَ سيٺ جو ڪارڊ هڪ پوڙهي ڪي هٿ ۾ ڏنو.

اهو اعلان ڪري ڪجهه ساعتون وڏو منشي خاموش رهيو. چند لمحا ساهي پٽي وري چيائين: **"کوئی مزاحمت، کوئی احتجاج، اور کوئی تکرار برداشت نہیں کیا جائیگا۔ اس لئے آپ لوگوں کے لئے بہتر یہ ہی ہے کہ خاموشی سے سیٹھ صاحب کے پاس چلے جائیں اور نقل مکانی کے لئے کچھ خرچے کی التجا کریں۔ اور خاموشی سے ہی قبضہ خالی کر کے چلے جائیں۔"**

"پر سائين، اسان جي ته ڳالهه ته ٻڌو. هيءُ اسان جو قديمي ڳوٺ آهي. اسان جا ابا ڏاڏا هتي ڄاوا ۽ هتي ئي مري ويا آهن. هيءَ زمين، هيءَ ڌرتي اسان جي آهي. اسان ڪان سواءِ اسان جي گهرن، اسان جي ڳوٺ ۽ اسان جي ڌرتيءَ جو سودو هن سيٺ سان ڪنهن ڪيو؟ ڪڏهن ڪيو؟ ڇو ڪيو؟ اسان جي ڌرتيءَ جو سودو ٻيو ڪير ڪري سگهي؟" هڪ ڪراڙو لَٺ ٽيڪيندو ٿورو اڳيان وڌيو. ڏاڍي سان پنيان ڪنڌ وٺان ٻڏل نظر جي عينڪ ڪي سيري اکين تي سولو ڪري، اکين متان هٿ سان ڇانوَ ڪري چيائين.

**"سن وے بڈھے! زیادہ بکواس کرنے کی گنجائش نہیں ہے۔ جو کہا ہے، ویسا ہی کرو۔ ایک ہفتے کے اندر اندر یہ زمین خالی ہونی چاہیئے۔ چلو منشی۔"** پوليس اهلڪار ڪاموري ڏاڍي اڏنگهي طريقي سان وڏي واڪي ڪراڙي ڳوناٽي ڪي دابو ڏنو ۽ وڏي منشيءَ ڪي واپس هلڻ لاءِ چيو. سيئي همراه وڃي گاڏين ۾ ويٺا ۽ تي ئي گاڏيون زوڪٽ ڪنديون واپس هليون ويون. ٻنيان ٻار، ٻڍا ۽ عورتون حيرت مان ڏوڙ اڏائي ويندڙ گاڏين ڪي خالي خالي نگاهن سان تڪي رهيا هئا.

۽ اُن رات، ان ڳوٺ ۾ هلچل متل هئي. چاچي رحيم ڏني جي واسري اڳڻ تي ڦڙن وارا پٽڇ وڇايل هئا. ڪجهه همراه ٻهتا هئا. تن وڇايل تڏن تي ويني ڪچهري ڪئي. موضوع اِهو ئي ڳوٺ خالي ڪرڻ جو هو. ٻيا همراه اچا ڪونه ٻهتا هئا. پر هر ڪنهن جي اِهائي ڪوشش هئي ته جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو ئي اڳيرو گهر جي ڪِسرِ ڦِسرِ مان واندو ٿي چاچي رحيم ڏني جي گهر پهچجي. ڇو ته

هيءَ سنڌن زندگي ۽ موت جو مسئلو هو. ماڻهو گڏ ٿيندا ويا.

توڙي جو هيءَ وسندي ڪراچيءَ جي حدن اندر هئي ۽ ڪراچي، جيڪو روشنين جو شهر سڏجي ٿو. پر چاڪاڻ ته هيءَ وسندي سنڌين جي هئي. هن ڳوٺ ۾ رڳو سنڌي ماڻهو ئي رهيا، تنهن ڪري نه ته ڪراچيءَ جون روشنيون ئي هتي پهچي سگهيون ۽ نه ئي ڪينجهر جو پاڻي، جيڪو اربين روپيه خرچ ڪري، خاص واهه کوٽرائي ڪراچيءَ جي ماڻهن لاءِ پهچايو ٿي ويو.

تنهنڪري بيٽريءَ تي روشني ڏيندڙ چارجر بتيون خلاصي اڱڻ تي روشني پکيڙي رهيون هُيون. همراه ايندا پئي ويا. ڪن همراهن سان ته سنڌن عورتون به گڏ هيون. 9 وڳي جو ميڙاڪي جو سڏ ڏنل هو ۽ پوري وقت تي ڳوٺ جا سمورا رهواسي، رَنين توڙي آئيرين اچي ڪٺا ٿيا. اٽڪل ڪندي ستر اسي ڪن مڙسالا ته هئا ئي هئا. هوڏانهن وري 25_30 عورتون به گڏ ٿي ويون هيون. ڪُل ملائي انگ مڙيئي 100 کن کي پئي پهتو. تڏهن چاچو رحيم ڏنو اٿي بيٺو ۽ سمورن ويٺلن تي نگاهه ڊوڙائي پڇيائين:

”بابي کي چوان، سڀ همراه اچي ويا آهن يا ڪو اچا رهي ٿو؟“

”ڪو به ڪونهي رهيو. سڀ پهچي ويا آهن.“ حاجن سيڻي همراهن کي اک مان ڪيندي چيو.

”اي ماما رحيم ڏنا، جِلوءَ پئي چيو ته آئون به سانجهو ڪي ميڙاڪي ۾ هلنديس. سا اچا ڪانه پهتي آهي.“ هيءَ دل محمد جي نوجوان زال سڪوڙي (سڪينه) هئي.

”اِجها هوءَ جِلوُ به اچي ويئي.“

ڪنهن جِلوءَ کي گهٽيءَ مان لنگهي گهر اندر ايندي ڏسي چيو.

”چڱو ته پوءِ ڳالهه ٻولهه شروع ڪجي؟“ چاچا رحيم ڏني سيڻي کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪندي چيو.

”بسم الله، بسم الله، ڀلي ڪچهري شروع ٿئي.“ هيڪاندا آواز آيا.

”سڀ ڪان ڀِرياڻين، اوهين سڀئي منهنجي تڏي آيا آهيو. سيڻي کي ڀليڪار ٿو چوان. ڀلي ڪري آيا، جي ڪري آيا. اوهان جا پيير، منهنجون اکيون. هونئن ته سڄو ڳوٺ پنهنجو تڏو آهي. پر آئون ته هيئن به چوندس ته سڄي سنڌ اسان جو تڏو آهي. پر وري به راڄا رسم خاطر اوهين سمورا، مرد توڙي عورتون، ڀلي ڪري آيا. خبرون سموريون پاڻ سيڻي وٽ اڳ ۾ ئي آهن. سو جهجي ڊيگهه ڪانه ڪبي. رڳو ڪم جون ڳالهيون ڪري مسئلي جو ڪو حل ڳولجي. ڏاڏو مرهيات چوندو هو ته اسين ابن ڏاڏن کان وٺي هن ڳوٺ ۾ آباد هئاسين. اهڙي طرح هيءُ اسان جو قديمي ڳوٺ آهي. اڄ جو هيءُ

اوچتو اعلان ٿيو آهي تہ هيءَ زمين ۽ هيءُ پڊ پرائي ملڪيت آهي ۽ اسين ان تي غير قانوني ۽ زبردستي ناجائز قبضو ڪريو ويٺا آهيون. تنهنڪري اسان کي هڪ هفتي اندر ناجائز قبضو خالي ڪري ڳوٺ ڇڏي وڃڻ گهرجي. سا ڳالهہ گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي آهي. تنهنڪري اوهان سڀني کي نياپو ڪري سڏايو اٿم تہ ٻيلي، اچو تہ گڏجي ويهي سوچيون. ڪا صلاح صولي ڪريون تہ نيٺ بہ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڇا ماٺ منيءَ ۾ پنهنجا اباڻا اَجها، پنهنجا گهر گهاٽ، پنهنجي مائٽاڻي مِٽي ۽ پنهنجي ڌرتي ڇڏي وڃي دربدر ٿيون؟ يا سيٺ کان لڏ پلاڻ جي خرچ لاءِ ڪجهہ ڏوڪڙن جي گهُر ڪريون؟ يا سيٺ صاحب کي منٿ ميڙ ڪري، مال وجهو وڪٽي، زيور زتو ڪپائي، ڦوڙي ڦند ڪري هلي چار ڏوڪڙ ڏيئي، ڳوٺ جي مالڪي واپسي وٺون؟ يا سرڪار ۾ وڃون؟ يا عدالت جا در کڙڪايون؟ يا اجا بہ ڪو ٻيو رستو وٺون؟ هاڻ جيڪا جهجهن جي صلاح هجي، تيئن ڪريون.“

”پر چاچا رحيم ڏنا، تو اجا بہ ”ڪو ٻيو رستو“ جي وضاحت ڪانہ ڪئي تہ اُهو ٻيو رستو ڪهڙو آهي؟“ سلطان پڇيو.

”ها سلطان...“ رحيم ڏني سمورن ويٺلن تي نظروڌي ۽ پنهنجي اڇي چاپهين ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري ڪنهن ٽبيءَ ۾ پئجي ويو۔ چاچو رحيم ڏنو۔ قداور مڙس، موٽندڙ وهي، ڪاڙهن جو ڪاراٽيل رنگ، ململ جو اڇو پٽڪو ٻڌل، ڪاري رنگ جي ڍڳهي، چورس سلائي ٿيل ۽ بنا ڪالر جي قميص، اڇي هرڪ جي سلوار پاتل، اڄ بہ ڪڙو تڙو جامڙد مڙس ڏسڻ ۾ پئي آيو. ڪجهہ ئي لمحن کان پوءِ هُن پاڻ سنڀاليو ۽ پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيائين: ”... ها، ٻيو رستو بہ آهي. اُهو هيءُ آهي تہ ’جُوءُ ۽ جوءِ ڇڏين ڪين جوان.‘ سو اسان بہ پنهنجي جُوءُ نہ ڇڏيون. پوءِ پلي ڇا بہ ٿي پوي.“ چاچي رحيم ڏني هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي چيو ۽ پوءِ پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو.

اڳڻ تي ويٺل سمورن مردن توڙي عورتن ۾ ڇُر پُر پڪڙجي ويئي. هرڪو پر واري سان پنهنجا پنهنجا ويچار ونڊڻ لڳو. خدشن، امڪانن، نقصانن، پڊ ڇڏڻ نہ ڇڏڻ ۽ ٻين پاسن تي سُر ٻُر ڪرڻ لڳو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ نيٺ هڪڙو اڌ وهيءَ وارو همراه اٿي بيٺو. هيءُ احمد هو. احمد نسبتاً سست ۽ ڪانئر بہ هو تہ ٿورو گهڻو لالچي پڻ هو تنهن چيو تہ:

”ابا ڳالهہ ٻڌو، اِها ڳالهہ تہ برابر سچي آهي تہ هيءُ اسان جو اباڻو ۽ قديمي ڳوٺ آهي. پر اِهو بہ سچ آهي تہ اسان وٽ پنهنجن گهرن جي مالڪيءَ جا ڪي بہ ڪاغذ پٽ ڪونہ آهن. تنهن ڪري سرڪار يا عدالت ڪاغذن کان سواءِ اسان جي ڪابہ مدد ڪانہ ڪري سگهندي. سو منهنجي تہ

صلاح آهي تہ پاڻ گڏجي هلي سيٺ مڪرم علي خان حاڪم زادي کي منٿ ميڙ ڪريون ۽ پٽڪا پلاند لاهي، چار ڏوڪڙ وٺي اچي ٽيڙ ڪٽڻ جو سعيو ڪريون. سياڻا چئي ڪونہ ويا آهن تہ ’جتي پچڻ جي پيٽي نہ هجي تہ اتان پڇي جند بچائجي‘. وري بہ جيڪا جهجهن جي صلاح!“ ائين چئي احمد ويهي رهيو.

احمد جي ويهڻ شرط جانڻ اُٿي بيٺو. 35 سالن جي هن جوان کي بدن تي رت بہ هو تہ هڏ هانٺيءَ ۾ بہ پلوڙ مڙس پئي لڳو. ڪيس اڇا اُجرا ڪپڙا پاتل هئا. هو ڪنهن فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندو هو. هُن سيني وينلن کي مخاطب ٿي سلام واريو ۽ چيو تہ:

”پاٿرو بزرگو ۽ پيترون، حقيقت هيءَ آهي تہ هي مسئلو رڳو پنهنجي ڳوٺ سان ڪونہ پيو ٿئي. پر ڪراچيءَ جي حدن اندر سيني سنڌي وسندين کي خالي ڪرايو پيو وڃي تہ جيئن اتي ڌارين کي گهرائي آباد ڪيو وڃي. هي جيڪي پناهگير پاڻ کي مهاجر ٿا سڏين ۽ پاڪستان ناهڻ جون ڪوڙيون دعوائون ٿا ڪن، سي مهاجر ڪونہ آهن ۽ نہ ئي انهن پاڪستان ٺاهيو آهي. هي تہ پنهنجي ڌرتي ماءُ سان غداري ڪري ڀڄي نڪتا آهن. هي ڀاڳيلا آهن. هي دهشتگرد، ڌوهاري ۽ قبضہ گير آهن. هي اسان جي ڌرتيءَ تي قبضي ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن. سئو ڳالهين جي هڪڙي ڳالهہ تہ سنڌ سنڌين جي آهي. ان لاءِ ڪنهن بہ لکت پڙهت جي ڪا بہ گنجائش ڪانهي. اسين ڌرتيءَ جا ڌڻي، وارث ۽ رکوالا آهيون. اسان کي ڪنهن ستي گورنمينٽ يا ڪنهن ناظم جي سرٽيفڪيٽ جي ضرورت ڪانهي. اسان کي پنهنجي ڌرتي ماءُ جي حفاظت ڪرڻي پوندي. چند ڏوڪڙن عيوض پنهنجن پدن جو سودو ڪرڻ، يا ٻن چئن سالن لاءِ ڪرسيءَ تي ويهڻ جو شوق پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجا ماڳ مڪان ڌارين جي حوالي ڪرڻ سنئين سُڌي پڙوت آهي. ۽ منهنجي خيال ۾ اسان کي اهڙو ڪوجهو ڪم هرگز هرگز نہ ڪرڻ گهرجي. تنهنڪري اسان کي اسان جا هي اباڻا پَٽ ڪنهن بہ صورت ۾ ڇڏڻا ڪونہ آهن. پوءِ جيڪا بہ صورتحال ٿيندي، تنهن کي مڙس ماڻهو ٿي منهن ڏيڻ گهرجي. وڏيڪ اسان جا وڏا ۽ بزرگ وينا آهن. سندن راءِ يقيناً ڪارائتي هوندي“ ائين چئي هُو ويهي رهيو.

”اي هيءُ ڇورو مرڳو سيني کي مارائيندو. ٻڌو تہ سهي، چوي ڇا پيو؟ ڳالهيون تہ اهڙيون پيو ڪري، جهڙو ملڪ جو والي هجي. اڙي بابا، پاڻ مشڪين ماڻهو روز ڪمايون تڏهن کائون. پنهنجو ڇا وڃي سنڌ جي مامرن سان؟ هڪڙو پيرو ڪٽي سيٺ سان ڳالهائي ڏسو. جي ڳالهہ اٽي ڳوهڻ ۾ اچي تہ واهہ، ڀلا جي نہ تہ ٽيڙ ڪٽي هلي ڪنهن ٻئي هنڌ ويهون. مولي جو ملڪ ڪو ڪُتو آهي ڇا؟ ڪٿي نہ

ڪٽي تہ اَجهو ملي ويندو. هرويرو جنگاڻ ڪرڻ مان فاعدو ڪهڙو؟ هڪڙا مرندا. ٻيا اسپتالون ڀريندا ۽ ٽيا وڃي جيلن ۾ واڙيا. پوءِ پويان رنون هيڪليون ڪيڏانهن وينديون؟ دربدر ٿي ڪٽي پيون ڏڪا ٿاٻا جهلينديون؟ ٻِنيا ٽُڪِرَ بہ ملندن الاجي نہ. پاڻ ڪکن ڏکيا ماڻهو هرويرو ڏچي ۾ پئي پنهنجون رنون وانڊيون ڪرايون. اها وري ڪهڙي غيرت آهي؟" هيءُ چاچو ٻيرو هو. جيڪو ڏنڊ ڪائي وڃي ڏاڙهن ڪي لڳو هو. تنهن پنهنجي پراڻي سوچ ۽ سمجهہ مطابق پنهنجي راءِ ڏني. ويهڻ ڪان پوءِ بہ اجا پڻ پڻ پئي ڪيائين ۽ جانڻ تي چوهہ پئي چنڊيائين.

"اي ماما ٻيرُو هونئن تہ تون اسان جو ابو آهين. تنهنجي لاءِ لک عزتون آهن. پر هيءُ معاملو جهڙو تهڙو ڪونهي." هيءَ جلُو هئي. قداور زال، پرتو بدن واري، هٿين پيرين ملوڪ، آرڪاٽن سدا سهڻي، صحتمند ڳوري جوان زال جِلُو. جِلُوءَ پنهنجي وهلور ويندڙ جذبات تي قابو پائيندي، ديرج واري پر برجستي لهجي ۾ چيو: "هيءُ اسان جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي. پنهنجي گُر تي گدڙ بہ شينهن هوندو آهي. پوءِ اسين پنهنجن گهرن ۾ هوندي سُوندي ويڳاڻا ۽ ويچارا ڪو؟ هڪڙي ڳالهہ طئي آهي تہ جيڪڏهن اسين پاڻ پنهنجن پڍن جو بچاءُ نہ ڪنداسين تہ پوءِ ٻيو ڪير بہ اسان کي اچي ڪونہ بچائيندو. تنهن ڪري اسان کي پاڻ پنهنجي حفاظت لاءِ اڳيان ٿيڻو پوندو. ڪنهن کي بہ منٿ ميڙ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. سيٺ مڪرم علي خان حاڪم زادو هجي يا بادشاهہ زادو. اسان کي ان وٽ نہ وڃڻ کپي. هنن کي ڪنهن اختيار ڏنو آهي جو اسان جي ڌرتيءَ جي لکت پڙهت پاڻ وينا ڪن؟ اسين ڪنهن بہ ڪاغذ پٽ کي ڪونہ سڃاڻو. سڄي سنڌ ۾ ٻهراڙين جا ڳوٺ بنا لکت جي آهن. تنهنڪري سموري سنڌ انهن جي ٿي پئي ڇا؟ هي ڳوٺ اسان سنڌين جا آهن. هيءَ ڌرتي اسان جي آهي. جهجهيون ڳالهيون ڪبيون تہ اجا ئي ڊيگهہ ٿيندي. تنهنڪري ڳالهہ ڪُتايان ٿي تہ جيڪڏهن اسان جا ڪي مڙسالا ڳوٺ ناٿ تا ڪن، جيلن ۽ ڦاهين کان ٿا ڊڄن تہ پوءِ ڳالهہ صاف ۽ چِٽي پيئي آهي تہ هُو پلي گهر ويهي سانجهاڻ ڪن. پلي ڪير بہ گهران نہ نڪري. اسين ڇوڪريون ۽ زالون، اوهان جون ڌيون ۽ گهر ڌڃاڻيون، هِن ڌرتيءَ جون جايون، اسين پاڻ پنهنجي سر ٻاهر نڪري مقابلو ڪنديون سين ۽ سيني جي اڳيان آئون پاڻ هونديس. پوليس ۽ فوج جو آئون پاڻ مقابلو ڪنديس. بندوق هلائڻ مون کي ڪانہ اچي، باقي ڪهاڙيءَ سان ڳترا ڳترا ڪري سندن ڳاڏيون نہ پريان تہ آئون مڙس جي ڏيءَ ئي ڪانہ آهيان. پوءِ جي مري بہ ويس تہ ڪهوري جان جيجل تان. مرڻ هونئن بہ ڪو ميٺو ڪونهي، پر پُٺ جي ڌڪ کان سامهون سيني وارو ڌڪ ڪائي مرڻ اسان جي وڏڙن جي ريت آهي." جِلُوءَ پنهنجي جذبات جو اظهار اهڙي تہ پُرجوش نموني ۾ ڪيو هو جو مرڳو ساهہ مان

پرجي ويئي هئي. پوءِ هوءَ ويهي پنهنجي ساهن کي سانتيڪو ڪرڻ لڳي.

”پر امان جِلوُ ڪي چڱا منا به آهين. پاڻ کان ووٽن وٺڻ وارا ميمبر به آهن. پنهنجي ترجو ساجن خان وزير آهي. انهن سان حال احوال ڪجي. اُهي هلندي پڄندي وارا آهن. من ڪو ٻِلو ٿي پوي. نه ته پوءِ به ڳالهه پري ڪانهي. هروڀرو تڪڙ ڪري نقصان ڪري ويهي رهجي ۽ پوءِ پيا هٿ هڻجن. تنهن مان ڪهڙو فاعدو پلاءِ؟“ ماما نوروءَ ڳالهه ٻئي پاسي موڙڻ جي ڪوشش ڪئي.

”نه ماما نورو نه. ’ڏٺو پير، پُني مراد.‘. انهن ميمبرن ۽ وزيرن ته هٿ سان پينگ ڪئي آهي. اسان جي ووٽن سان چونڊيل نمائندن ئي ته اسان سان وڏو دوکو ڪيو آهي. انهن ئي ته مفاهمت جي نالي ۾، پنهنجي ڪرسيءَ کي ڪجهه وقت وڌيڪ بچائڻ لاءِ سموري ڪراچي ۽ حيدرآباد دهشتگردن جي حوالي ڪري اسان سان ويساهه گهاتي ڪئي آهي. وري به هلي انهن کي ئي منٿون ڪريون. ”پينگ به جهان خان ڪئي، وري هلون به جهان خان ڏانهن!“ ايئن هرگز ڪونه ٿيندو. جيڪو ڪبو سو پنهنجي مڙسيءَ سان ڪبو. ڪنهن کي پتڪا ڪونه لاهبا. ها، باقي هينئر سڀني سنڌ جي سڄاڻ ماڻهن ۾ پنهنجي بنيادي حقن، پنهنجي ماڳن مڪانن ۽ ڌرتيءَ کي بچائڻ لاءِ هلچل تيز ٿي آهي. اُهي سڄاڻ ماڻهو پنهنجي واهر ڪندا. باقي اسان کي پاڙتو پنهنجو پاڻ تي پوندو. سو منهنجي راءِ آهي ته اسان کي مليل مهلت واري هفتي کن ۾ جيترا به هٿيار هٿ اچي سگهن، سي هٿ ڪجن. ڳوٺ جي چوڌاريءَ مورچا ناهجن. صف بندي ڪجي. ڪهڙا همراه اڳيان وجن؟ تن جي پٺيان ڪير ۽ تن جي پٺيان ڪير؟ عورتون ڪهڙو ڪم ڪن؟ ٻار ڪهڙو ڪم ڪن؟ ٻڍن تي ڪهڙو ڪم رکجي؟ کاڌ خوراڪ جو ذخيرو ڪجي. مال وجهي کي ڪٿي هٽيڪو ڪري اماڻجي؟ بيمار ۽ لاچار پوڙها ڪيڏانهن اماڻجن؟ اِهو سمورو بندوبست ڪري با قاعده هٿياربند جنگ لاءِ تيار ٿيڻ گهرجي. هيءَ تمام وڏو ڪم آهي ۽ وقت تمام ٿورو آهي. تنهن ڪري هڪڙو منٽ به ضايع ڪرڻ بدران ڪم ورهائي، هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ جُنبي وڃي.“ هيءُ ارباب علي هو.

”پر مون کي ماني پچائڻ وارو ڪم نه ڏجو.“ جِلوءَ ٽپ ڏيئي وچ ۾ ڳالهايو. ”ماني پچائڻ لاءِ ٻيون به ڪوڙ ساريون موجود آهن. آئون پنهنجو سيني کان اڳ واري دستي ۾ وڙهنديس. مون کي رڳو بندوق هلائڻ سيکارجو.“ سڄي ڪچهريءَ ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.

اُها ڪچهري رات جو هڪ وڳي تائين هلي. آخر ۾ طئي ٿيو ته، پنهنجن ننگن ۽ دنگن تي ڌارين جي والار خلاف آخري دم تائين هر طرح جي ويڙهه وڙهبي. هٿيار ڦٽا ڪونه ڪبا..

*(27 آگسٽ 2011ع)*

# ڌرتيءَ جي ڌياڻي

اُن ڏينهن صبح جو جيڏي مهل سُهائيءَ جي اک کلي هئي، اوڏيءَ مهل اجا ڏڪي رات هئي.

توڙي جو گهر اڳيان بيٺل آمريءَ جي گهاٽي وڻ تي ويٺل ”دوهانتي“ پکي بہ پِرهہَ ويلي جون لاتيون لنوي رهيو هو تہ ڪيڏي مهل، ڪتان، ڪا ڳيري جي گهوگهوتو... گهوگهوتو... بہ ٻڌڻ ۾ پئي آهي. ۽ پڻ ڪٻرن جي چُرمُر چُرمُر جا چٽانتن جهڙا آواز بہ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. پر رات جو انڌيرو اجا پڇاڙڪيون چڙٻون هٽي رهيو هو. نومبر جا شروعاتي ڏينهن هئا. چيٽ پوکجي رهيا هئا. لاڙ جون ماڪ هاڻيون راتيون ٿڌيون تہ ڏينهن نسبتاً گرم هئا. سياري جي اچڻ جون تياريون زور شور سان جاري هيون. ڏينهن ننڍا ٿيندا پئي ويا تہ راتيون وڏيون پئي ٿيون. اُن ويل بہ ماحول ۾ سيانڊڙو چانيل هو. ماڻهوءَ کي رَليءَ جي اوڇڻ ڏاڍو مزو پئي ڏنو. عام حالتن ۾ اُهو اهڙو ٽاٽو هوندو آهي جو ماڻهو پانئي تہ ڪَرَ ستو ئي پيو هجي... ڏينهن جي جهنجهٽ کان آزاد، پوئين رات جي خوابن ۾ محسورا منئي ننڊ!! ڪيڏو نہ سڪون هوندو آهي اُن ننڊ ۾!

پر اُن ڏينهن سهائي جاڳي پيئي هئي اوڏيءَ مهل.

هونئن بہ سهائيءَ ان رات ننڊ ڪهڙي ڪئي هئي!؟ اُن ڏينهن شام کان ئي گهر جي ماحول ۾ هڪ قسم جي ڇڪتاڻ ۽ هڪڙو تناؤ جو موجود هوا ڪتان ڳاجي خان جو نياپو پهتو هو ۽ ڪتان گهرجي ماڻهن ۾ ڪشيدگي پيدا ٿي هئي. ڪشيدگي تہ نہ، البت فڪرمندي ٿي هئي.

قادر بخش کي بہ پٽ ۽ بہ نياڻيون هُيون. وڏو پٽ نُورَل ۽ وڏي ڌيءَ مُرادان جڏهن پيدا ٿيا هئا، تڏهن قادر بخش پيٽ ۾ ئي جهليو پيو هو. تنهنڪري اهي ٻئي پڙهي نہ سگهيا ۽ مائٽن سان گڏ جيئڻ جي جنگ ۾ جتجي ويا. پر پوءِ جڏهن قمر ۽ سُهائي سمجهہ پريا ٿيا، تڏهن ٻنهي کي اسڪول چڙيو ويو ۽ ٻنهي محنت ڪري ٻارهين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪري ورتي هئي. ۽ تعليم تہ جاڻ جا سمورا در ۽ دريون کوليو ٿي ڇڏي، سو جڏهن قمر ۽ سُهائيءَ کي نصابي تعليم سان گڏ علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي جاڻ بہ حاصل ٿي، تڏهن هنن کي پنهنجي، پنهنجي گهر جي، اوڙي پاڙي جي، ڌرتيءَ جي وطن جي، ۽ پنهنجي قوم جي مسئلن ۽ دردن سورن جي بہ جاڻ حاصل ٿي ۽ هنن اهڙي سٽ ۾ شامل ٿي سنڌ ۽ سنڌي مسڪين ماڻهن جي دردن جي درمان لاءِ پاڻ پتوڙڻ شروع ڪيو. جيڪو سالن کان سنڌ جي ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ، سنڌ جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ، سنڌ ۽ سنڌي

ماڻهن خلاف پنهنجي سازشي ۽ ويڪائو عنصرن ۽ ڌارين قبضہ گير مافيائن جي سرگرمين کي وائکو ڪرڻ لاءِ سرگرم عمل هو ۽ ظاهر آهي تہ اهڙي سوچ رکندڙن کي نہ رڳو حزبِ اقتدار وارا قبول نہ ڪندا آهن، پر حزبِ اختلاف وارا بہ قبول ڪونہ ڪندا آهن. سو جڏهن قمر ۽ سُهائيءَ پنهنجي شهر ۾ ترتيب ڏنل احتجاجي جلسي ۾ تازين برساتي ٻوڏن ۾ دربدر ٿيل سنڌي ماڻهن لاءِ ايندڙ امداد ۾ مقامي جيالن جي هنيل گهوٻين، پنهنجا نوازيءَ واري غير اخلاقي عمل، بازارين ۾ سامان وڪڻڻ ۽ پاڪستان ڪارڊ ۽ وطن ڪارڊ جي حاصل ڪرڻ ۾ رشوت جي رڪارڊ ٽوڙ مثالن جو ذڪر ڪيو ۽ بي ريا جانچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو تڏهن مقامي جيالن کان وٺي، اقتداري پارٽيءَ جي ضلعي صدر، ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز تائين ٻڙڌڪ مچي ويو ۽... ۽ پوءِ گاجي خان هٿان قادر بخش کي نياپو موڪليو ويو تہ پنهنجي پٽ ۽ ڌيءَ جي وات کي لغام ڏي، نہ تہ، بي صورت ۾ نتيجن ڀوڳڻ لاءِ تيار ٿي.

جنهن جي نتيجي ۾ قادر بخش جي گهر ۾، ان رات دير تائين اِن موضوع تي گرما گرم بحث ڇڙيل هو.

گاجي خان، سندن ئي برادر جو هڪ نوجوان هو. جيڪو نئون وڏيرو بنجڻ جي شوق ۾ ٻَڏا ٽِپَ ڏيندو سال سال تي پارٽيون بدلائيندو هر اقتداري ڌر جو ماڻهو ٿيڻ لاءِ روز روز نوان نوان رنگ روپ اختيار ڪري رهيو هو. هينئر بہ هو اقتداري پارٽيءَ جي ضلعي صدر جي خاص ڪاڻاٽو پٽن ۾ ليکبو هو. گاجي خان پنهنجي بنهہ مختصر عرصي دوران وفاداريون بدلائڻ لاءِ ڪاڏل نت نيون قلابازيون، مختلف وقتن تي ڏيکاريل حيرت جوڳا ڪرتب ڏسيو پاڻ تہ خبر ناهي خوش ٿيندو هوندو يا شرمندو پر ٻين ڏسندڙن کي واقعي ڏندين آڱريون اچي ويون هيون. جيئن مداري ميلي جي پڙ ۾ پولڙي کان مختلف ڪرتب ڪرائي ننڍڙن ٻارڙن کان تاڙيون وڄرائيندو آهي، تيئن گاجي خان پڻ، گذريل چونڊن دوران، گذريل سال جي دريائي ٻوڏ دوران امدادي سامان، پئسن جي ورهاست ۾ گهوٻيون، هن سال جي برساتي ٻوڏ کان پوءِ پِنَ جي پئسن سان گهر پرڻ، وطن ڪارڊ، زڪوات، بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام ۽ ٻين انڌن، ٻيواهن ۽ معذور مسڪينن لاءِ مليل امداد جي ورهاست ۾ جيڪي ڪرتب ڏيکاريا هئا، تن تر جي ٻين پراڻن ۽ آزيڪاپ خوشامدڙين ۾ تاڪوڙيا وجهي ڇڏيا هئا. پنجاهہ لکن جي ٺيڪي ۾ ٻن لکن جو ڪم بہ ڪونہ ٿي ٿيو ۽ گاجي خان کي بل چڪتو ملي ٿي ويا. اهو ئي تہ سبب هو جو ڪالهوڪو ڪمدار اڄ نئين ماڊل جي گاڏيءَ ۾ سوار!! هُن پولڙي وانگر اهڙا تہ ٽِپَ پئي ڏنا، جو نہ ڏس تہ اقتداري ڌر جي يارن جي جلسن جلوسن ۾ سيني جي اڳيان پيو بازوليون ڪائي. نہ ڏس تہ وري اقتدار جي واري ملڻ لاءِ انتظار ۾ وينل ڌُر جي اوطاق جا ڪَرا ڪٽيو پيو

اول پتڻ ٿئي! بس ايئن سمجهو تہ بس ۾ ويٺل مسافر وانگر هڪ سيٽ تي پاڻ ويٺو هو تہ ٻيءَ سيٽ تي پوٽارو رکي جاءِ والاريو ويٺو هو. تنهنڪري جيڪي ڏڪڙيا (موقعي پرست) هئا، تن جون سندس پنيان قطارون لڳيون پيون هونديون هيون.

پر جيڪي ماڻهو پنهنجو تڏو جهليو پاڻ مرادو پنهنجو جهان آباد ڪريو ويٺا هئا، سي وري ڳاجي خان جي چغلخوري، جهُوٽت ۽ هَٺ ڌَس کان خائف هئا. جن ماڻهن سندن سچي توڙي ڪوڙي ها ۾ ها نٿي ملائي، تن لاءِ ڏچا پيدا ڪرڻ ڳاجي خان جو جهڙوڪَرَ خدائي فرض هو. ۽ قادر بخش جو گهر بہ اهڙن گهرن مان هڪ هو جيڪو پاڻ پنهنجي پيرن تي بيهي، پنهنجي هٿن جي پورهئي سان جيئڻ جي ڪوشش ۾ جُنبيل هو. نہ رڳو ايترو پر سندس پٽ قمر ۽ سندس ڌيءَ سُهائي تہ پرپاسي ۽ اوڙي پاڙي جي ٻين ماڻهن کي بہ اِها تلقين پيا ڪندا هئا تہ پنهنجي انهن ازلي ويري وڏن ماڻهن ۽ سندن چاڙتن جي پنيان لُر لُر ڪرڻ بدران، پاڻ ۾ ٻڌي ڪري، پنهنجي قوت ناهي، اُن جي سهاري زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪجي. ۽ اُن رات دير تائين قادر بخش جي گهر ۾ اِن موضوع تي سوچ ويچار ۽ بحث هلي رهيو هو.

قادر بخش، سندس زال ۽ وڏو پٽ نُورَل هڪڙي پاسي هئا. ٻئي پاسي قمر ۽ سُهائي هئا. مُرادان وچٿري ٿيو ويٺي هئي ۽ جنهن جي ڳالهہ صحيح ٿي سمجهيائين، تنهن جي پنيرائي ٿي ڪيائين، پر جيڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي آيس، تنهن جي مخالفت ٿي ڪيائين.

قادر بخش ڳالهہ چوريندي چيو "ابا پٽ، اسان زمانو ڏٺو آهي. ڪيئن وسنديون ۽ ڦٽنديون اکين سان ڏٺيونسين. وڏڙا چئي ويا آهن تہ جيڪا هوا لڳي، تنهن کي سامهون ٽڪجي.' هاڻ جڏهن سڄو جڳ جهان (سموري سنڌ) هڪڙي پاسي ٿيو پيئي هنبوچيون هٽي ۽ 'جيئي جيئي' چيو پئي ڪڳ ڪائي. تہ پوءِ پاڻ کي ڪهڙو لاچار پيو آهي جو اسين ٽپي پراين ڦڏن ۾ پئون ۽ انهن جي مخالفت ڪريون؟ ٽپڙ ڪائن ٿا تہ سرڪار جا ٿا ڪائن، اسان جي گهران تہ ڪونہ ٿا ڪڻن."

"پر بابا، جيڪا جهڳي جهُري تي ۽ اُن جي لاءِ جي ڪا امداد اچي ٿي، تہ پوءِ اُها ئي جهُڳي جُڙڻ گهرجي نہ. اُن غريبن جي امدادي رقم مان بنگلي مٿان بنگلو نهرائڻ ڪٿي جو انصاف آهي؟" قمر چيو.

"ياءُ منهنجا، تون تہ ڪو چريو بادشاه آهين! جڏهن متاثر ٿيل غريب ماڻهو پنهنجي لاءِ ڪجهہ نٿا ڪن تہ پوءِ تون ڇو ٿو پرايو مٽي جو سور پاڻ تي مڙهين؟" نورل بحث ۾ حصو وٺندي چيو. "جڏهن متاثر عوام ڏکن ڏاڍن ۾ خوش آهي تہ پوءِ اوهين ڇو ٿا حڪومتي اڳواڻن ۽ انهن جي ڪمدارن

ڪاراون جي اکيا پئو. پرائي معاملي ۾ پانجو ڇا وڃي؟!“

”ادا وڏا، هيءُ پرايو معاملو ڪونهي. پوڏون سنڌ ۾ آيون آهن. برساتن سنڌ ٻوڙي آهي. نقصان سنڌين جو ٿيو آهي. تباهه ۽ برباد سنڌي ٿيا آهن، دربدر ۽ بدحال سنڌي ٿيا آهن. جيڪا بہ امداد سنڌ حڪومت، وفاقي حڪومت، ٻاهرين امداد يا سرنديءَ وارن طرفان مليل امداد بہ ملي ٿي، سا سنڌ جي کاتي ۾ داخل ٿي ٿئي. ۽ اسين بہ اُن سنڌ جيجل جو اولاد آهيون. تہ پوءِ هيءُ معاملو پرايو ڪيئن ٿيو؟ جيڪڏهن هرڪو ائين چئي آجو ٿيو وينو هجي تہ هيءُ پرايو معاملو آهي، پانجو ڇا وڃي؟ تہ پوءِ سنڌ جو ڏٽي ڪير ٿيندو؟ انهيءَ ئي ٻي حسيءَ تہ ڌارين قبضہ گيرن کي سنڌ تي قبضو ڪرڻ جو وجهہ ڏنو آهي!“ هيءَ سُهائي هئي، جنهن پاڙس نورل کي مخاطب ٿي چيو.

”ها ياءُ، سُهائي ڳالهہ تہ صحيح پئي ڪري. سنڌ اسان جي بہ تہ ڌرتي ماءُ آهي. اسان کي بہ اُن لاءِ سوچڻ ۽ ڪجهہ ڪرڻ کپي. جهجهيون ڳالهيون تہ مون کي ڪونہ ٿيون اچن پر رڳو هيءُ مثال ونو: تہ جيڪڏهن امان بيمار ٿي پوي تہ ڇا اسين پوءِ بہ ائين چونداسين تہ اِها قمر جي ماءُ آهي. پاڻيهي علاج ڪرائيندو. پانجو ڇا وڃي!؟“ مُرادان کي جيڪا ڳالهہ جيئن سمجهہ ۾ آئي، تيئن چئي ڇڏيائين.

”اباڙي، ماڻهين جي ٻي ڳالهہ آهي. پر سنڌ ۾ تہ ڪروڙين ماڻهو رهن ٿا. تن سڀني کي مُنهن ڏيڻ ڪا تنهنجي يا منهنجي وس جي ڳالهہ آهي!؟ ڌاريان تہ ڌاريان هونئن ئي پيا سنڌ کي ڦرين ۽ لُٽين. پر پنهنجن بہ ڪو وسان گهٽايو آهي ڇا؟ سو پاڻ ڪيترن کي پيا سامهون ٿينداسين. تنهنڪري ڇڏيو منڊي کي واريءَ ۾، پاڻيهي پيو منڊڪ منڊڪ ڪندو ۽ ڌڪا ٿاٻا کائيندو. پاڻ وتون پنهنجيءَ کي.“ قادر بخش وري بہ پنهنجي اولاد کي پنهنجي سمجهہ آهر تلقين ڪئي، ۽ ڏچن کان بچڻ جي هدايت ڪئي.

”بابا، ڏک تہ انهيءَ ئي ڳالهہ جو آهي تہ ڌارين سان گڏ پنهنجا بہ ان ڦرلٽ ۾ شامل آهن. پر اِهو سڀ ڪجهہ رڳو اڄ ڪونہ پيو ٿئي. پراڻي تاريخ ۾ بہ ”اهڙن پنهنجن“ جا مثال موجود آهن. پنهنجي ”ابراهيم منشيءَ“ چيو ڪونہ آهي تہ ”مون پڪ سڃاتا پنهنجا هئا، ڌارين سان گڏ ڪي ڌاڙي ۾.“ چور رڳو اُهو چور ڪونهي، جيڪو چوري ٿو ڪري، پر اُهو ”پنهنجو“ بہ اُن جهڙو ئي چور آهي جيڪو ڏسي واسي ۽ ڄاڻي سڃاڻي بہ چور جي نشاندهي نہ ڪري ۽ چشم پوشي ڪري چور کي چوري ڦٻائڻ ۾ مدد ڪري، هاڻ جڏهن اسان کي خبر پوي پئي تہ فلاڻا فلاڻا چور آهن ۽ پوءِ بہ ماٺ ڪري ويهي رهون تہ: ’چوري عيسي جي ٿي آهي، موسي جو ڇا وڃي!‘ تہ پوءِ دنيا اسان کي ڇا چوندي؟ ڇا اِها ماٺ ڪري ويهڻ واري ٻي حسي ڏوهہ ڪونهي!؟ ۽ اسين ان ڳالهہ کي ”پرايا ڏچا“ چئي، اِن ڏوهہ مان آجا ٿي

سگهون ٿا؟!“ قمر پنهنجو مؤقف رکيو.

”پر منهنجا پيائرا، پري جي ڳالهه ڪانهي. اجايو وهلور نه وجھ. ڪجھ ٿئي ۽ ٿيندي ڪي به ڏس. نادرا آفيس جي اڳيان گهڻا ماڻهو روز بيٺل هوندا آهن؟“ نورل پڇيو.

”هزارين.“ قمر چيو.

”پوسٽ آفيس جي مانڊان گهڻا ماڻهو مرد ۽ عورتون، هوندا آهن؟“

”هزارين.“ قمر چيو.

”مختيارڪار جي آفيس ۽ تپيدارن جي اڳيان پنيان گهڻا ماڻهو هوندا آهن روزانو؟“

”هزارين.“ سُهائيءَ ورندي ڏني.

”حڪومتي اڳواڻ ڪو جلسو ٿو ڪري ته گهڻا تا ماڻهو گڏ ٿين!؟“ نورل ٻيهر سوال دهرايو.

”هزارين ۽ ڪٿي ته لکين به.“ قادر بخش چيو.

”۽ انهن ماڻهن لاءِ، انهن متاثر ٿيلن جي امداد ۾ گهوٻين جي خلاف جيڪو اوهان احتجاجي جلسو ڪيو هو تنهن ۾ گهڻا متاثرين هئا ۽ گهڻا مسڪين ۽ غريب هئا؟ گهڻا حقدار هئا؟ بابلا، جي دل ۾ نه ڪرين ته آئون پاڻ موجود هوس ان جلسي ۾. مون ڪي ته رڳو ڇئن پنجن سؤ ماڻهن مان به نوي سيڪڙو توهان جي تنظيم جا ڪارڪن نظر آيا هئا. ماڻهو جن لاءِ جسلو ٿيو هو سي ته هئا ئي ڪونه. پوءِ هرويرو توهان ڇو پيا وقت برباد ڪريو؟ بابا صحيح ٿو چوي ته ڇڏيو منڊي ڪي واريءَ ۾!“ نورل جي چپن تي زهريلي طنزيه مُرڪ ”وڏ ڪَپَلَ“ ڪُڏڻ لڳي.

”ها ٻيوا! جن لاءِ مُياس، سي ته ڪانڌي به ڪونه ٿيام. ايئن ته برابر آهي. نورل نيڪ ٿو چوي.“ مراداں چيو.

”ها برابر، اِها حقيقت آهي. توهين غلط ڪونه پيا چئو ادا وڏا. ايئن آهي. پر توهين ۽ بابا جن جيڪو چئو ٿا ته ڇڏيو منڊي ڪي واريءَ ۾ ته پلي پيو منڊڪ منڊڪ ڪري اِها ئي دشمن جي ايجنڊا آهي. پنهنجو ۽ پرايو ڦورُو اِهائي ڳالهه ته چاهي ٿو ته هنن ابوجهن، جتن ۽ بي سمجھ ماڻهن کي پنهنجي حقن جي خبر ئي نه پوي. وڏي اتڪل سان سنڌي ماڻهن کي ”پيشه ور پينڙيات“ بنائڻ جي منظم سازش تحت مختلف پروگرام ترتيب ڏيئي، ڪڏهن سرڪاري طرح بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام، ڪڏهن پاڪستان ڪارڊ ته ڪڏهن زڪوات جا پئسه ڏيڻ جي بهاني ۽ ته ڪڏهن وري اين جي اوز طرفان مختلف اعلان ڪري، ڏرتيءَ جي ماڻهن جا ڏرتيءَ تان پير اکيڙي رهيا آهن. سندن زمينون، وسيلا، ڏنڌا ڌاڙيون ۽ روزگار جا موقعا کسي، کين رولو فقير بنائي دربدر ڪرڻ جي وڏي ۽

گهري سازش رٿي ويئي آهي. اِهائي ڏاڙهين ڦورو قبضہ گير جي ايجنڊا آهي ۽ انهيءَ ۾ اسان جو سريال بہ ساٿن گڏ آهي. اِها ئي تہ ڳالهہ اسين ماڻهن کي سمجهائڻ چاهيون ٿا.“ سُهائيءَ پاڻس وڏي کي جواب ڏنو.

”۽ اهو ڪم ڪو سولو ڪم ڪونهي جو هڪدم ٿي وڃي. اهو سفر ڏاڍو ڏکو سفر ۽ ڏاڍو ڏکيو سفر آهي. وقت طلب سفر آهي. اهو ڪو ڏينهن ۽ مهينن جو سفر ڪونهي. اِن ۾ الاجي ڪيترا سال بہ لڳي سگهن ٿا. پر شرط آهي تہ اهو سفر جاري رکيو وڃي. منڊي کي واريءَ ۾ چڙڻ نہ ڏجي.“ قمر سهائيءَ جي جواب کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

”هونهن...! ڏکو سفر!! ڪيترو ڏکو سفر آهي؟ چاليهہ پنجاهہ سال تہ ٿيا آهن انهن ماڻهن کي سمجهائيندي. نيٺ بہ ڪڏهن سمجهندا هي جَٿَا؟ ميان هرويرو ڪوٺي پيا ٿيو.“ نورَل کي جهڙو ٻُل ملي ويو پنهنجي پڙاس ڪيڻ جو. هُو طنزيہ کِلَ کلڻ لڳو.

”نہ ياءُ وڏا نہ. ايئن نہ چئو. سمجهہ اچي پئي ماڻهن ۾. آهستي آهستي ماڻهو پاڻ کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ لڳا آهن. اڳوٽي جي پيٽ ۾ الاهي سجاڳي آئي آهي. پري ڪونہ ٿا وڃون. پنهنجي گهر جو مثال سامهون آهي. بابا وينو آهي. ڪانئس پڇون ٿا تہ بابا، جڏهن توهين اسان جيڏا هئا ۽ ڏاڏا جن گهر جا وڏا هئا. تڏهن ههڙو ڪو مسئلو ٿيندو هو تہ ڇا تڏهن اوهان سڀ گهر ڀاتي گڏجي ويهي هيئن صلاح صولي ڪندا هئا. جيئن اڄ پيا ڪريون؟“ سهائيءَ پڇيو. ”نہ پٽ. تڏهن اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ هئي. بابا جن رڳو حڪم جا ٻندا ٿيا پيا هلندا هئا. ٻاهريان مامرا سڀ سريال پاڻ نبيريندا هئا. اسان کي رڳو حڪم ٿيندو هو تہ هيئن ڪريو يا هونئن ڪريو.“ قادر بخش ايمانداريءَ سان سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي.

”تہ پوءِ اڄ جو اسين سڀ ويهي سامهون آيل معاملي تي سوچي رهيا آهيون. اِهو سمجهہ ۽ سجاڳيءَ جو ثبوت ڪونهي ڇا؟! اڄ جيئن اسان جو گهر پنهنجي چڱي ۽ مَٺي لاءِ گڏجي ويهي سوچي رهيو آهي، تيئن ئي اسين چاهيون ٿا تہ سڀ سنڌي گڏجي ويهي سوچين ۽ اِها سوچ ۽ سمجهہ آهستي آهستي ئي سهي، پر سنڌي ماڻهن ۾ اچي پيئي. تنهنڪري اسان کي نااميد نہ ٿيڻ گهرجي ۽ منڊي کي واريءَ ۾ نہ چڙڻ گهرجي.“ قمر چيو تہ سيني ڪان ڪل نڪري ويئي.

”پلا هاڻ ڪٺي موئي منڊي جي جند ڇڏيو تہ ڪو؟“ پهريون ڀيرو سنڌن ماءُ ڳالهايو.

”امان، منڊي کي ڪيئن ڇڏيون؟ اسين سڀ منڊا آهيون. اسان کي علاج جي ضرورت آهي. عقل، سمجهہ، هوش ۽ عمل واري علاج جي ضرورت آهي. باقي رهي ڳاجي خان جي ڳالهہ.“ قمر ڳالهہ

ڪي اڳتي وڌائيندي چيو ”ته ڳاجي خان ڪي به اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جيڪو به ماڻهو وڏي ماڻهو ٿيڻ جي شوق ۾، پنهنجي طبقي جي مسڪين ۽ غريب ماڻهن جي مفادن جي سوديبازي ڪري، بچ جو ڪتو ٿي، پنهنجي آقائن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، تنهن کي رڳو تيستائين سندس آقا مٿي تي هٿ رکندا، جيستائين هُو سندن مقصد پيو پورا ڪندو. تنهن کان پوءِ اُهي ئي سندس اُن بچ جي ڪتي کي ”چتو“ قرار ڏيئي مارائي ڇڏيندا. تنهن کان پوءِ وڏي ڳالهه ته اسين ڪنهن به فرد، شخصيت يا ٽولي جي خلاف ته آهيون ئي ڪونه. اسين ته چاهيون ٿا ته سڄي دنيا جا ماڻهو جيڪو جتي آهي، مِڙئي، مُٺ تي پنهنجي ڌرتي، پنهنجي وسيلن، ڌرتي جي مفادن جي حفاظت ڪري فلاح ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪن. ساڳي طرح اسين اهو به چاهيون ٿا ته اسان جي به سڄي سنڌي قوم گڏ ٿي، اسان جي بنيادي حقن جي ٿيندڙ پائماليءَ خلاف آواز اٿاري ۽ ڏٽي تي پنهنجي ڌرتيءَ جي رکوالي ڪري، اسان ته رڳو ۽ رڳو قورو ذهنيت، بالادست سوچ، اونچ نيچ جي فرق، مذهبي ڪترپڻي ۽ اسان جي اثاثن ۽ وسيلن تي ڌارين جي قبضه گيري ۽ والار جي مخالفت ڪريون ٿا. اسين چاهيون ٿا ته اسانجا پنهنجا ڌارين جا دلال ٿي، پاڻ پنهنجن ذاتي مفادن جي حصول لاءِ، جيري خاطر ٻڪري ڪُهي سڄي سنڌي قوم جي پيڙي هٿ وني نه پوڙين. هن کان اڳ گهڻو ڪجهه ٿي چڪو آهي. پر هاڻ اُها رَوش تبديل ٿيڻ گهرجي. هاڻ پنهنجن طرفان ڌارين جي دلالي ڪرڻ بند ٿيڻ گهرجي. هاڻي خسيس ذاتي مفادن لاءِ قومي مفادن جو سودو ڪرڻ جي اجازت ڪانه ڏبي. هاڻي ڳاجي خان کي خود فيصلو ڪرڻ گهرجي ته نيڪن ۾ گهوبيون هڻڻ ۽ غريبن لاءِ ملندڙ امدادي سامان ۽ پئسن ۾ روڙا هڻڻ جهڙن ڏوهن ۾ ايترو غرق نه ٿي وڃي جو سياڻي جند ڇڏائڻ به ڏکي ٿي پويس. ڇو ته حالتون سدائين هڪ جهڙيون ڪونه ٿيون رهن.“

”اڙي ابا، اوهين ته رڳو ڪوٺي پيا ٿيو. هتي رڳو هڪڙو ڳاجي خان آهي ڇا؟ هتي ته سڀ هڪ ٻئي کان وڌيڪ فنڪار وينا آهن. هڪڙو ڳاجي خان ڪٽي سڌري به وڃي. پر اُن جي جاءِ ته وري پنج ڇٽا ٻيا اچي والاريندا. انهن مان ڪيئن جند ڇُٽندي؟“ قادر بخش ڳالهايو.

”بابا، لطيف سائينءَ چيو آهي ته:

متو آهين مَڇَ، تلهو ٿيو ٿُونا هڻين،
تو جا پاڻئي اڇ، تنهن پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا.

اهي ڇُوبيل هڏن تي هنيوچيون هڻڻ وارا، چمچاگيري ۽ دلالي ڪرڻ وارا، چغلخوري ۽ جُوٽٽ ڪٽڻ وارا پاڻيهي سڌي گس تي اچي ويندا. اصل مسئلو ابوجهه عوام کي سجاڳ ڪرڻ جو آهي. مثال

طور پنهنجي ڳوٺ ۾ 50_60 گهر آهن. انهن مان ڪجهه گهر پنهنجي سوچ جا حامي آهن. پر گهڻا ڳاجي خان هٿان امداد جي نالي ۾ گڏرن واري اٽي لپ لاءِ قطارون ڪريو پيا اُن جي پٺيان ڊوڙن. جڏهن اِهي سڀ ڳوناٺان ڳالهه سمجهي ويندا ۽ پنئي تڪر جي پچر ڇڏي پنهنجي پيرن تي بيهندا، تڏهن ڳاجي خان اڪيلو رهجي ويندو ۽ جڏهن ڳاجي خان اڪيلو رهجي ويندو، تڏهن سندس آقا ڪيس ترين هٽي ڊوڙائي ڪيندا. تنهن ڪري ڳاجي خان لاءِ بہ بهتر اِهو ٿيندو تہ هُو هينئر ئي سوچي وٺي. نہ تہ اهي پرائي پورهئي تي پلجندڙ پرمار ڳجهون ڪانئس اهڙا تہ بچڙا ڪم ڪرائيندين جو پوءِ هُو عوامي انتقامي قهر کان بچي نہ سگهندو.“ سُهائيءَ قمر جي ڳالهه کي اڳتي وڌايو.

”ها، باقي هيءَ ”تنهنجي“ ۽ ”منهنجي“ جي جنگ ڪا اڄ ڪالهه شروع ڪا نہ ٿي آهي.“ قمر بحث کي اڳيان وڌائيندي چيو. ”اِها جنگ ايامن کان جاري آهي ۽ اڃا ايامن تائين جاري رهندي. اِها جنگ اڄ يا سڀاڻي ختم ڪانہ ٿيندي. ها، باقي وينلن تان واري وري ۽ هلندڙن اڳيان منزلون ڪا معنيٰ ڪانہ ٿيون رکن. اسان جو ”سڀاڻي“ روشن آهي. تنهن ڪري اسان کي سنئين گس تي وک وڌائيندو رهڻ گهرجي.“

”پر پوءِ نيٺ ڳاجي خان کي ڪهڙي ورندي ڏجي؟ هُن جو سندس آقائن جو نياپو موڪليو آهي، تنهن کي ڪيئن سامهون ٿجي؟“ قادر بخش سوال پڇيو.

”بابا، توهان ڳڻتي نہ ڪريو. آئون پاڻيهي سڀاڻي ڳاجي خان سان ملي ڳالهائيندس. جي گس تي آيو تہ نيڪ. جي پلا نہ، تہ بہ سنڌ گدڙن ڪانہ ڪاڏي آهي. انهن سيني کي پڇي پئبو. توهان فڪر نہ ڪريو.“ قمر جواب ڏنو.

”اي تون مرڳو ڪم خراب ڪري ايندين.“ نورل هڪل ڪري چيو. ”ڳاجي خان کي هينئر جيالن جي پٻي آهي، سو هڪڙي پير تي بيٺو نچي. سو تُو تنهنجي ڳالهه سمجهي. ۽ تون وري پنهنجي ڳالهه تان لهندين ڪونہ. مرڳو پاڻ ۾ وڙهي پُوندا. اِهو ڪم مون تي ڇڏيو. آئون پاڻيهي منٿ ميڙ ڪري، ڳشا پتا هٽي ماٺ ڪرائي ايندو مانس.“ نورل مفاهمتي پاليسي اختيار ڪندي چيو.

”نہ پاءُ وڏا نہ. نہ منٿ ميڙ ڪبي ۽ نہ ئي ڳشا پتا هٽبا. پنهنجي ڳالهه فضيلت سان سندس اڳيان رکندس. ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندس. باقي ايترو تہ بيوقوف آئون ڪونہ آهيان جو جيڪو منهنجي ڳالهه نہ مڃي، تنهن سان وڙهي پوان. وڙهبو ڪونہ، پر پنهنجي مؤقف تان بہ هٽ ڪونہ ڪٽبو. توهين فڪر نہ ڪريو.“

ٻِاتي اجوڪي بحث جي پڄاڻي ٿي. پوءِ سڀ ڪو وڃي پنهنجي پنهنجي هنڌ تي ليٽيو. سُهائي

ٻہ وڃي پنهنجي هنڌ تي ليٽي، ۽ تڏهن سندس ذهن ۾ سوال اڀريو: ”پر پوءِ تنوير جو ڇا ٿيندو؟ منهنجو مڱيندو تنوير؟ هُو ٻہ تہ ڳاجي خان سان گڏ جيو ڦٽِ ڦٽِ پيو ڪري؟ ڪيترا پيرا قمر جون ساٽس ڪچهريون ٿيون آهن، پر اسان جي ڳالهہ هن ڪي سمجهہ ۾ ئي نٿي اچي. آخر ڪار جي هُو پنهنجي هوڏ تي بيٺو رهيو تہ پوءِ منهنجو ساٽس گذارو ڪيئن ٿيندو؟ هڪڙي ٻن ڏينهن جي ڳالهہ تہ ڪانهي. هيءُ تہ زندگيءَ ڀر جي ساٿ جي ڳالهہ آهي. سو جي اسان جي وچ ۾ سوچن جي هم آهنگي نہ هوندي تہ ڳاڏو ڪٿي هلي سگهندو اسان جو.“

اِهو سوچيندي سوچيندي الاهي دير کان پوءِ سُهائيءَ جي مس مس وڃي اک لڳي هئي.

پر ٿوري دير کان پوءِ اوچتو اک کُلي پيئي هئي سهائيءَ جي ڏکي رات مهل!

سُهائيءَ وري سمهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ وري وري ڪوشش ڪئي، پر کيس ننڊ نہ آئي. هيءُ پاسو ورايو، وريو هُو پاسو ورائي. پنهنجي اکين مٿان سندس ٻانهن جو گداز ماسيرو ڏونئرو رکي سمهڻ جي ڪوشش ڪيائين. مُنهن تي رَليءَ جو وٽندڙ اوڇڻ اوڊي ننڊ جي ديويءَ کي منٿون ۽ ايلاز ڪرڻ لڳي. پر کيس چاهيندي بہ ننڊ نہ آئي. انهيءَ ئي ڇِنَ پَٽَ ۾ سندس ڌيان وري تنوير ڏانهن مُڙي ويو.

تنوير، جو نہ رڳو سُهائيءَ جو مڱيندو هو پر هُو سندس محبوب پڻ هو ۽ پنهنجي محبوب جو چهرو تصور ۾ ايندي ئي سندس چاهت جي ماٺي دريا ۾ هلڪيون هلڪيون چوليون اڀرڻ لڳيون. انهن مستيءَ جي موجن ۾ تسڪين ۽ لذت جا سُپ پرجي سهائيءَ جي منڻن ماسيرن چپڙن تي هارجي رهيا هئا. تڏهن سهائي سرشاري ۽ ترنگ جي هلڪي ريلي ۾ لڙهندي پنهنجي چپن تان چاش جي مناس وانگر چسڪيون پري چٽڻ لڳي. هوءَ اهڙي مدهوش ڪندڙ ڪيفيت ۾ موتئي جي گل وانگر ٽڙي پئي. رَليءَ اندر پاسيري ۽ ٿونڊڙي پيل سُهائيءَ جي هڪڙي مِٽَ ويهاٽي تي هئي ۽ ٻيءَ مِٽَ مٿان سندس وارن جون چڙواڳ چڳون وکريل هيون. انهن ٽِڙِ پکِڙِ وارن جي چڳن وچان سندس ماسيرن، رسيلن ۽ اڻ ڏوتل پرٽُو چپن تي، جوڀن جي مستيءَ سان پرپور سرشاريءَ واري مُرڪ منڊڪ منڊڪ پيرڙيون ڪٽڻ لڳي. هوءَ اُن نشيلي ڪيفيت ۾ ڦٿي ڦاريون ڦاريون ٿيڻ لڳي ۽... ۽ انهيءَ ئي حاصلات جي مختصر گهڙيءَ واري پل اڌ پل ۾ سُهائيءَ راتو ڪي خشڪ سياسي بحث مان پيدا ٿيل ڪوڙائڻ ۽ دنيا جهان جي دکن دردن، پيڙاهن ۽ اذيتن جي ايذاءَ کان آجو ڪري پاڻ کي جِلا ۽ جولان جي وهڪري جي حوالي ڪري ڇڏيو.. ۽... ڪيترو ئي وقت...

ڪيترا جُڳ..

ڪيترا زمانا... هوءَ پنهنجي ماسيري، رسيلي ۽ ماڪيءَ جي مناس پريئي هينئين چپ کي

پنهنجي زبان سان چُوسيندي رهي. آهستي آهستي چوسيندي رهي. ڳُنڌي ڳُنڌي چوسيندي رهي... خبر ناهي ڪيستائين!

هُن اِن اَملهه ۽ بي بها ڪيفيت مان نڪرڻ ئي ڪونه پئي چاهيو. هن چاهيو پئي ته هُوءَ انهيءَ حاصلات جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندي رهي، ٻڏندي رهي ۽... ۽ ٻڏندي رهي.

پر سندن گهر جي ڪشادي اڱڻ ۾ بيٺل چمونءَ جي وڻ تي بسيرو ڪندڙ جهرڪين جي اوچتو چر چِر ڪي ڇا ڪجي، جنهن ڪيس چرڪائي وڌو. هن چرڪ پري رلي مُنهن تائين هٿائي ته اڄو صبح ٿي چڪو هو. هن کي جهرڪين تي ڪاوڙ ته ڏاڍي آئي. پر پکين کي ڇا ٿو ڪري سگهجي! پکين کي ڪهڙي خبر ته ڪو هن نموني ۾ مهيا ٿيندڙ خيالي سرشاريءَ کي به زندگيءَ جي انمول حاصلات سمجهي ٿو!!

هوءَ ڪر موڙي، پاسو ورائي ليٽي رهي. هوءَ خوابناڪ خوشين جي تار سنڌوءَ مان ٻاهر نڪري آئي ۽ جڏهن هُن سندس محبوب مڱيندي تنوير کي ڳاجي خان جي خاص ٻولڙيئي جي حيثيت ۾ ڏٺو تڏهن سندس پيٽ جون آڱرين سڙي رک ٿي ويون. سندس ملوڪڙي منهن تي رنج ۽ اذيت جا آثار اڀرڻ لڳا. سندس اڻ ڏوتل اکين جون ڪنڊون آليون ٿيڻ لڳيون. ڳچ ڳچ دير تائين هوءَ ائين گهوماتي ۽ خاموش پيئي رهي. ۽ پوءِ هن پنهنجي دل ۾ ڪو فيصلو ڪري ورتو هو.

اڄ تنوير سان آمهون سامهون ويهي ڳالهائيندس. جي هُو پنهنجن سان گڏيو ته منهنجي سر جو به سائين آهي. جي نه، ته به آئون ته ڪنهن ڏرتيءَ ۽ قوم جي ويريءَ جي جوءِ بنجڻ بدران ڏرتيءَ جي ڏجاٽي بنجنديس. اِهو منهنجو فيصلو آهي. اهو سوچي سُهائي ٽپ ڏيئي کٽ تان هيٺ لٿي.

*(ڊسمبر 20، 2011ع)*

❋

# انوکي واردات

اسين جنهن زميندار جا هاري هئاسين، تنهن جي هڪ هزار کن ايڪڙ زمين هئي. ٻه سؤ کن ايڪڙن تي انبن، ٻيرين، ليمن ۽ زيتونن جا باغ هئا. باقي زمين ۾ ساريون، ڪمند، ڦٽيون، ڪڻڪ، بصر، سن فلاور ۽ پاڇيون ۽ گاهه وغيره پوکبو هو. چوندا آهن ته جيتري گهٽي ڪمائي، اوتري گهٽي بک. سو اسان جو زميندار به ڪروڙن جي آبادي ڪٺندو هو پر هارين کي ايترو مس ڏيندو هو جو منجهند جو ڪائيندا هئا ته رات لنگهڻ ڪاٽيندا هئا. سٿڻ هوندي هئي ته قميص ڪانه هوندي هئي. جي مٿي جي پوتي هُئي ته پيرن جي جُتي ڪانه هئي.

زميندارَ به وڏي اتڪل ۽ رٿا بنديءَ سان 15_20 هارين مٿان، انهن هارين مان ئي هڪڙي کي ”ڪمدار“ جو اعليَ رُتبو ڏيئي، کيس چانهه جو ڪوپ ۽ ٻين هارين کان ڪجهه وڌيڪ رعايتون ڏيئي، انهن جي جانچ پڙتال جو ڪم حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. پوءِ اهو ڪمدار پاڻ ٻيهي پنهنجن جو ويري ٿي، هٿ سان پنهنجن جي ٻيڙي ٻوڙيندو آهي ۽ زميندار جي ڌن دولت ۾ اضافو پيو ڪندو آهي.

اسين ٽي پائر، ٻه پيٽون، امان ۽ بابا ڪُل ست ماڻهو گهرجا، زميندار جي 15_ايڪڙ زمين آباد ڪندا هئاسين. سال ۾ ٻه فصل، ڪتي ۽ چيٽ، زبردست فصل ٿيندو هو. زبردست آبادي ٿيندي هئي ۽ زبردست آمدني ٿيندي هئي. پر اسين اُهي ئي بک ۽ اگهاڙ تي. جهڙا اڳي تهڙا تڳي. هڪڙو سال، ٻيو سال ۽ پوءِ ٽيون سال. پر اسين اُهي ئي بکيا ۽ اگهاڙا. نه سولو اَجهو هو نه هنڌ تپڙ ۽ نه ئي مال وجهو. ليڪن پوءِ به زميندار جو قرض پئي وڌيو. اگهائي سگهائي، موتي فوتي ۽ شادي مراديءَ تي وري به زميندار جي اڳيان هٿ تنگيو بيٺا هوندا هئاسين.

پوءِ مون سوچيو ته نيٺ ڇا ڪجي! اڻ پڙهيو ماڻهو. ٻه ٽي مهينا پئي سوچيم. پر مون کي ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه آئي. ٻئي ڪنهن سان صلاح مشورو به ڪونه ٿي ڪري سگهيس، ڇو ته سڀ هاري ڪمدارن جي دابي ۾ هئا. سو دل وسهي ڪانه ٿي، متان نه ڪو چغلي هڻي ٻيهي رهي. تنهنڪري پنهنجي مُنهن پاڻ پئي ٻڌم ۽ ڇوڙم. پوءِ جيڪا ڳالهه مون کي سمجهه ۾ آئي، سا هيءَ ته ٻئي ڪنهن به حيلي وسيلي انهن وڏن ماڻهن سان پهچي ڪونه سگهبو. نه ڳالهين ذريعي، نه احتجاج ڪرڻ سان ۽ نه ئي وڙهڻ سان. پر منهنجو خيال هو ته جيئن هو اسان جي سموري ڪمائي حساب ڪتاب ۾ گهوٻيون

هٽيو ڪٽيو ٿي ويا. تيئن مون کي به جتي ٻُل لڳي ته آئون به چوري ڪري ڪجهه نه ڪجهه پنهنجي ڪمائيءَ جو حصو جيترو به تڳائي سگهان، ڦٻائي وجان. پر چوري ڪرڻ وارن جو حشر به پيو ڏسندو هوس. اُهي ٿي ساڳيا اسان وانگر سورن ۾. پوءِ ڇا ڪريان؟ پر نيٺ آخري فيصلو اِهو ٿي ڪيم ته زميندار جي چوري ڪريان. گهٽ ۾ گهٽ دل ۾ پرندڙ باهه ته ڪجهه جهڪي ٿيندي.

ءِ اتفاق وري اهڙو ٿيو جو پهرين ئي چوري ڪندي پڪڙجي پيس. ٿيو هيئن جو ڏالڊا (سن فلاور) کي ٽريشر پئي لڳو. سؤ کن مڻ اَن صاف ٿيو هو. پر رات پئجي ويئي سو ڪري مان ڪڇي شهر ۾ ڪارخاني تائين پهچي ڪونه سگهيو. تنهنڪري مون کي ڪري تي سمهٽو پئجي ويو. ءِ اِها ڳالهه اسان هارين لاءِ ڪا وڏي ڳالهه ناهي. آئون ست ڏيئي گهران ماني ڪائي اچي ڪري تي سُتس. اڪيلو هوس. سوچيم ته اڄ چوريءَ جو سنو بل آهي. ڇو نه ٻوري کن اَن جي ڪٽي ڪتي جهنگ ۾ لڪائي ڇڏيان. پوءِ جڏهن ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ هئو مئو ٽري وڃي، تڏهن ڪنهن وقت ڪٽي وڃي شهر ڏيئي اچان. اِهو سوچي دل ۾ چيم 'رک موليٰ تي، يارهينءَ وارو حامي ٿيندو. ڪندو سٽائي بادشاهه پير. اُٿي وارو ڪر.' پوءِ زورائتي ٻوري ڀري، ٻوريءَ جو مُنهن ٻڌي، ڇڪي تاٽي آٽي هڪ محفوظ هنڌ تي لڪايم. تڏهن منهنجي بدن تي به رت هو ۽ بدن ڇيو به ڪيو ٿي. سو پانيان ٿو ته ٻوري ٻن مڻن کان سوائي هوندي، پر گهٽ ڪانه هئي.

خير، آئون ته اچي ڪري تي سمهي رهيس.

ڳالهه آئي ويئي ٿي ويئي. ڪنهن کي به خبر پئجي ڪانه سگهي.

به ڏينهن ڇڏي ٽئين ڏينهن ٻوري ڪٽي شهر پهچايم. سيٺ حساب ڪري پئسا مون کي هٿ ۾ ڏنا. مون کان خطا رڳو اِها ٿي جو پئسا وٺي جيئن جو تيئن کيسي ۾ وجهي دوڪان تان لهي وڃڻ بدران اتي بيهي ڳڻڻ لڳس ۽ عين ان وقت پئسا ڳڻيندي مونکي ڪمدار ڏسي ورتو. خير، اوڏي مهل ته هُن مون سان ڳالهايو به ڪونه. پر منهنجي وڃڻ کان پوءِ سيٺ کان پڇا ڪيائين. جنهن ٻڌايس ته به مڻ پنج ڪلو ڏالڊا وڪيو اٿس، جنهنجا مون کيس پئسا ڏنا هئا.

بس سائين، پوءِ ڇا هوا اصل وٺ وٺان ٿي ويئي. ٻئي ڏينهن صبح سان ئي پوليس جهلي آٽي تاٽي تي ڏاڍي خذمت ڪئي. بنهه ستي ڪتي ڪٽي سوڙهو ڪيائون. ڏهه مڻ ڏالڊا جي چوريءَ جو ڪيس چالان ٿيو. ٻيءَ شنوائي تي ڇهه مهينا سزا لڳي ويئي. بابا تي ڏهن مڻن جي قيمت سان گڏ ڀيڻ تي ڏنڊ جي رقم لڳائي قرض طور اسان جي ڪاتي ۾ لکي ويئي. ڏهن ڏينهن لاءِ گهر وارن جو وِرو (پيٽ لاءِ ملندڙ اتو سيدو) بند ڪيو ويو. جيڪو پڻ اسان تي قرض طور لکيو ويندو آهي. اسان تي چوڪسي

وڏي ويئي. چورَ جو ثابت ٿيا هئاسين.

سزا لڳڻ سبب پڪي قيديءَ جي حيثيت ۾ مون کي تعلقي لاڪ اپ مان ڪڍي حيدرآباد جي سينٽرل جيل ۾ آٽي ڪاري چڪر ۾ چڙهيائون.

۽ جيل جي دنيا ئي وري پنهنجي دنيا آهي. عجيب قسم جي دنيا! هڪ نرالو جهان! هتي هر قسم جا ماڻهو ڏٺم. شريف، بدمعاش، ڏوهاري، بي ڏوهي، قاتل، ڌاڙيل، ڦورو، چور، شاگرد، استاد، سياسي قيدي، مون وانگر اَنَ جي چور کان وٺي ڍور ڍڳي جا چور، ڳڪَ جي چور کان وٺي لکَ جا چور. رنن جي چورن کان وٺي مرد اغوا ڪندڙ چور. نشائي، موالي، جوئاري، ڳنڍيچوڙ قبضہ گير ۽ موٽر سائيڪل کان وٺي هوائي جهاز چورائيندڙ چور. قسمين قسمين جا ماڻهو الاجي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو هوندا آهن جيل جي جهان ۾.

مون سان هڪڙي آڙيڪاپ چور اچي سنگت رکي. لچڻن ۾ مڙس فضيلت پريو پئي لڳو. مون کان منهنجي ڪيل چوريءَ واري واردات جي سموري ڪهاڻي ۽ ان جو پس منظر ٻڌائين. پاڻمرادي فتوي ڏنائين تہ تون وڏو چور ٿي سگهين ٿو. پوءِ مون کي مختلف چوريون ڪرڻ لاءِ باقاعده ليڪچر ڏيڻ لڳو. مختلف صورتحالن ۾ هڪڙي ڪامياب چور کي ڇا ڪرڻ کپي! ڪٿي مقابلو ڪرڻ کپي، ڪٿي ڀڄڻ کپي. ان باري ۾ منهنجي ٽريننگ ڪرڻ لڳو. چار مهينا گڏ رهيا سين. پوءِ هُو آزاد ٿي ويو. مهيني کان پوءِ ملاقات تي آيو. مون کي ٻڌايائين تہ پاڻ، اسان جي لاءِ سندس ٽر ۾ هارپ تي ٻني ڪرڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو اٿس ۽ اِهو بہ تہ جيئن ئي آئون مهيني کان پوءِ آزاد ٿيندس، تيئن مائٽن سميت رات وچ ۾ ٽپڙ ڪٺي اوڏانهن هليا ويندا سين.

مهيني کانپوءِ منهنجي سزا پوري ٿي ۽ مون کي ڇڏيو ويو. ٻاهر نڪتس تہ گيٽ وٽ بابا بيٺل هو. ۽ پريان نم جي وڻ هيٺان مون وارو سنگتي عارب بيٺل هو. گڏياسين، ملياسين. حالي احوالي ٿياسين. خبرون چارون ڪيونسين ۽ پوءِ عارب بہ مون سان گڏجي اسان جي ڳوٺ هليو. رات رهي صبح جو هو هليو ويو. ڊاهي ٻڌي ڇڏيسين.

جيل مان اچڻ کانپوءِ ظاهري طرح آئون ڳوٺ خدا جو ٻڌجي ويو هوس، سيني پئي چيو تہ اِهو اٿو جيل. رڳو 6 مهينن ۾ ئي همراهہ نيڪ نمازي، الله لوڪ ٿي آيو آهي. مون بابا ۽ ڀائرن منجهہ ڳجهہ ۾ پروگرام مطابق تياري ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي. هونئن بہ اسان وٽ ٽپڙ تاڙي هو بہ ڪهڙو! باقي هڪڙي مينهن هئي، ٻهانو ڪري سا بہ ڪپائي پئسا هٿيڪا ڪياسين.

۽ پوءِ، هڪ مهيني کان پوءِ، هڪڙيءَ رات آڌيءَ مهل، هڪڙي مزدا گاڏي ٻنهہ ماٺ منيءَ ۾ اچي

اسان جي گهر اڳيان بيٺي ٻه ٻنهه ماٽ متيءَ ۾ سامان سميت اسان سمورن کي ڪٽي هلي ويئي. سيءُ هو ان رات، پلير، پلير! جهڙوڪر ماڻهو ڊور ڪتا، وڻ، گهر ۽ سڄو ڳوٺ سيءَ ۾ جمي ويو هجي. ڪنهن کي ڪل ئي ڪانه پيئي ته ڪير آيو ۽ ڪير ويو! باقي ته سڄو ڳوٺ جيئن جو تيئن هو رڳو اسان جو گهر خالي ٿي ويو هو. صبح جو زمين تي لڳل مزدا جي ٽائرن جي نشانن اِها شاهدي پئي ڏني ته هن گهر جا ماڻهو پنهنجي ايري سيري هنڊ ٿپڙ، ٿانوَ ٿپي ۽ سامان سڙي سميت رات جو خبر ناهي ڪهڙي وقت ڪيڏانهن هليا ويا آهن.

زميندار زور ڏيئي ٻيهي رهيو پر ڪيس خبر ئي پئجي ڪانه سگهي ته سندس هاري رات وچ ۾ ڪيڏانهن هليا ويا. خير، ڀڌي وڃي مرن. زميندار جي ٺٺئي سُورا! هن ته اسان تي رهيل قرض ورچي ٻين هارين جي کاتي ۾ لڳائي ڇڏيو.سندس گهران ڇا ويو!!

اسان پنهنجا نالا ۽ ذات بدلائي ڇڏي. اچڻ وارو هنڌ به ٻيو ٻڌايو سين. نوان سڃاڻپ ڪارڊ ٺهراياسين. پراڻي دنيا ڇڏي، نئون جهان اڏي ويهي رهياسين. نئين زميندار وٽ نيڪ نمازي ۽ شريف ٿي رهڻ لڳاسين. جيئن چوندا آهن ته ”جت سپ پنهون جا پائر“، تيئن زميندار به سپ هڪ جهڙا هوندا آهن. البت جيترو وڏو زميندار ۽ جيتري گهٽي هلندي پڄنديءَ وارو اوتري ڪيس ٻڪ گهٽي. اُن جي پيٽ ۾ وري ننيڍڙو زميندار ڪجهه مڙيئي هاريءَ کي جيئڻ ڏي ٿو. سو هتي اسان جو گذارو مڙيئي پئي ٿيو. پر مونکي منهنجي سنگتيءَ عارب جيڪي جيل ۾ ليڪچر ڏنا هئا ۽ جيڪا زباني منهنجي ٽريننگ ڪئي هئائين، تنهن جي عملي طرح پوئيواري ڪرڻ لاءِ زور پرڻ لڳو.

اهڙي طرح آئون منجهه ڳجهه ۾ ئي، هڪ سال اندر زبردست آڙيڪاپ ته نه، پر چڱو خاصو چور بنجي ويس. جنهن جي منهنجي پيءُ ۽ ڀائرن کي به خبر پئجي ڪانه سگهي. چوريءَ مان منهنجي چڱي خاصي آمدني ٿيڻ لڳي. منهنجي استاد سنگتيءَ عارب جو اصول هو ته هو پنهنجي ترَ ۾ پنجن ڇهن ميلن اندر چوري ڪونه ڪندو هو. پنهنجي ڳوٺ کان گهٽ ۾ گهٽ 25_30 ميل پري وڃي چوري ڪندو هو. هن جا پري پري تائين سنا واسطا هئا. هو ڪاتڙيو چور هو. يعني ڊگهو ڊور چورائڻ بدران ڪچين توڙي پڪين ڀتين کي ڪاٽ هڻي، گهر اندر گهڙي، روڪ رقم يا زيور زنو چورائيندو هو. ۽ اِهي اهڙيون شيون آهن جن جو زمين تي ته کُر پير لڳي ئي ڪونه ٿو. باقي چور، سو ڪچي مان هلي اچي پڪي روڊ تي چڙهيو ۽ پڪي تان ڪنهن سواريءَ ۾ چڙهي الاجي ڪٿان وڃي نڪتو. باقي پنيان پلي پيا تر جا ننڍا وڏا ڪاٽڪو ڪتجن.

چوراٽي لڏي ۾ جو ڪاهي پيس ته گهٽڻ خفتين سان ڏيٺ ويٺ ٿي. گهٽن جا تجربا سامهون آيا.

منهنجي استاد جو چوڻ هو تہ چوري اڪيلي سِر ڪجي. جڏهن ٻنهہ کا ڳري آسامي سامهون هجي يا چوري ٻنهہ ڏکي هجي، تہ ٻہ وڌ ۾ وڌ ٻہ ڄڻا هجن. گهٽن جو ٽولو هجڻ ڪري وري گهڻا مسئلا ٿا ٿين. ڪڏهن حصي پتيءَ تان ڪير ناراض ٿيو تہ وڃي جُوڙت ڪٽندو. ڪو هڪ جهلجي پيو تہ ٻہ سيني لاءِ ڏچو ٿي پوندو. مختلف طبيعتن جي ڪري يڪ راءِ ٿيڻ بہ مسئلو ٿيو پوي. بهرحال، ڀهريائين تہ منهنجو استاد بہ ٿي سال مون کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. پوءِ جڏهن، سندس ليکي ۾، آئون هاڻ باقاعده چور ٿي چڪو هوس، تڏهن هڪڙي ڏينهن مونکي پٺن تي هٿ هڻي چيائين: ”يار، هونئن تہ پنهنجو جيئڻ مرڻ گڏ آهي، باقي هاڻ تون چوري پنهنجي پنهنجي سر. پنهنجي مُنهن ۾ پاڻمرادو ڪندين. گهڻو ڪري سموري جُوءِ تنهنجي پيرن هيٺان آيل آهي. پر جي اڃا بہ ڪا نئين جوءِ ڳولي لهين، تہ بہ تنهنجي مرضي آهي. سڄو لاڳاپو اڳي وانگر تنهنجي واهر ڪندو. نئون لاڳاپو ناهيندين تہ وڏيڪ سنو ٿيندو. ڪٿي جي ڦاٿين تہ واهر ڪندو ساڻءِ. باقي چوريءَ تي تون پاڻ پنهنجي سر ويندين... ۽ ها، هڪڙي ڳالهہ ڌيان ۾ رکج. سا هيءَ تہ ڪٿي بہ جي ڪا عورت سامهون اچي وڃي تہ نہ اُن تي هٿ کڻبو ۽ نہ ئي اُن جي بي عزتي ڪبي. سوڙهين هٿين ٿي پئي، تہ بہ پيجي جان ڇڏائبي. پر جي چوري نہ ڪرڻ جي منٿ ٿي ڪري تہ چوري ڇڏي هليو وڃبو.“

اول تہ آئون ڏاڍو دلگير ٿيس. پر پوءِ چيم: ”نيٺ بہ ڪير، ڪنهنجو ڪيستائين سهارو ٿي سگهي ٿو. نيٺ بہ تہ پنهنجي زندگي هر ڪنهن کي پاڻ گذارڻي آهي. سو رک يارهينءَ واري تي. بادشاهہ پير ڪندو سٺائي.“ اهڙي طرح مون اڪيلي سر وارداتون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. ۽ واقعي بادشاهہ پير سٺائي ڪئي. پنڌرهن سورنهن سال ٿي ويا وارداتون ڪندي، پر ڪڏهن بہ ڪٿي اڙيس ڪونہ. اِن وچ ۾ اسان پائرن شاديون ڪيون. پيئرن جو بار لاهي هلڪو ڪيوسين. ڀاهريئين ٻني اسين شريف، نيڪ نمازي هاريءَ جي حيثيت ۾ سنو وقت گذاري رهيا هئاسين. زميندار بہ اسان مان خوش هو تہ اوڙي پاڙي ۾ سڀ ڪنهن سان هٿ جوڙ دعا سلام ۽ وات جي جيءَ جي ڪري سڀ ڪو اسان مان خوش هو. زندگيءَ جو هيءُ بہ هڪڙو رخ هو.

هڪڙي ڏينهن گهر اڳيان نم جي ڇانوَ ۾ ڪانپ ڪيڏيو ويٺو هوس. منهنجو 5 سالن جو ننڍڙو پٽ پاسي ۾ راند ڪڏي رهيو هو. پوپاڙيءَ جو ٽائم هو. تيستائين الهندان هڪڙو همراه پئي آيو. سلام وارڀائين. مون اٿي ساڻس هٿ پليڪار ڪئي. خبرون چارون پڇيون مانس. واقفيت ڪرايائين. همراه منهنجو اڳي ڏٺل تہ هو پڌل بہ هو پر ساڻس روبرو جي ملاقات ٿيل ڪانہ هئي. ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي چيائين: ”شڪاري، آئون اڄ تو وٽ هڪڙي ڪم سان آيو آهيان. (چور جڏهن پاڻ

۾ چوراٽيون خبرون ڪندا آهن تڏهن هڪ ٻئي کي شڪاري چئي مخاطب ٿيندا آهن.) تو ۾ وڏي حُجَ رکي آيو آهيان. تنهنجي دليريءَ جي گهڻي واکاڻ ٻڌي آهيم. مون سان هڪڙي ونگار وهو. پوءِ جي وقت تي مون ۾ تنهنجو ڪم پيو تہ سِرَ سُوڌو ٻڌل آهيان.“ ائين چئي منهنجي منهن ۾ نهارڻ لڳو.

مون ڪيس ڪجھ دير تائين اکين ئي اکين ۾ تورڻ جي ڪوشش ڪئي. منهنجي سوچ ۾ پرک جو مکيہ ڪارڻ اهو هو تہ هيءُ همراه ڪٿي مون کي ڦاسائڻ لاءِ جار وڇائڻ تہ ڪونہ آيو آهي. ۽ جڏهن منهنجي تجربي ۽ گهري نظر مون کي اشارو ڏنو تہ همراه اڙيات آهي ۽ مدد پيو گهري, ٻيو ڪجھ ڪونهي. تڏهن چيومانس: ”چئو ڪهڙي ونگار آهي.“

”فلاڻي ڳوٺ ۾, فلاڻي ماڻهوءَ جو پيلو گهوڙو ٻينل آهي. اُهو گهوڙو ڪولڻو آهي.“ چيائين.

”گهوڙو ئي تہ ڪولڻو آهي. اِن ۾ ڪهڙو فوج سان مقابلو ڪرڻو آهي جو پريشان ٿيو آهين.“ چيومانس. ”گهوڙو تہ ڪو چورو چنبي بہ ڪولي سگهي ٿو. مون پئي سمجهيو تہ ڪنهن وڏي ونگار لاءِ مون وٽ آيو آهين. ڇا گهوڙو گهر اندر تالي ۾ ٻينل آهي؟ متس ڪي چوڪيدار ويٺل آهن؟ آخر ڪهڙو مسئلو آهي؟“

”نہ گهوڙو اندر تالي ۾ ٻينل آهي ۽ نہ ئي ڪي چوڪيدار چؤڪي تا ڏين. گهوڙو ٻاهر مَنهَ ۾ رڳو رسي ۾ ٻڌل آهي. پر ڏٽيءَ جو اعلان آهي تہ آئون اهڙو ڪو مڙس ئي ڪونہ ٿو ڏسان, جيڪو منهنجو گهوڙو ڪولي وڃي. ۽ جيڪڏهن ڪنهن واقعي گهوڙو ڪوليو تہ گهوڙو تہ ڪيس ڦبيو, آئون گهوڙي جي پڇا ئي ڪونہ ڪندس, پر پاڻ ڪيس پنج هزار روپيہ انعام بہ ڏيندس. انهيءَ اعلان گهڻن کي هشڪاريو پر ڪير بہ ڦبي ڪونہ سگهيو آهي. تر جا سمورا ڪاتڪو ۽ آڙيڪاپ چور زور لاهي ٻيهي رهيا آهن, پر ٻيو مڙيئي ٿيو خير.“

”پوءِ آخر ڪهڙو مسئلو آهي, جيڪو خالي رسي ۾ ٻڌل گهوڙو ڪولڻ نٿو ڏي“

”همراه وٽ هڪڙو ڪتو آهي, جنهن مڙسن جا گس پنڌ بند ڪري ڇڏيا آهن. ڪتو ڳوٺ کان سڏ پنڌ پري ئي شڪارين کي ڦريو ٿو اچي ۽ اُتان کان اڳتي ڳوٺ ڏانهن وڌڻ ئي نٿو ڏي“ ٻڌايائين.

”تنهن ۾ مڙس اَرَ تَرَ ڏيئي ٻيهي رهيا آهن پر ڪتي سان پڄن ئي نٿا. هڪ پيري تہ شڪاري بہ ٿوليون ٿاهي, هڪڙا ڳوٺ جي هڪڙي پاسي کان آيا ۽ ٻيا ٻئي پاسي کان. اسر تائين زور لاٿائون پر ڪتي ڪين گهوڙو ڪولڻ ڪونہ ڏنو. مون کي بہ شوق ٿيو. مون بہ پيرا ڪوشش ڪئي پر ٺلهو موٽي آيس. هاڻي اِها چوري مون تي مرڳو ڀوت وانگر واسو ڪري ويئي آهي. گهوڙو ڪولڻ هاڻي منهنجي انا جو مسئلو ٿي پيو آهي. منهنجو مرڳو سک ڦٽي پيو آهي. رات ڏينهن گهوڙو پيو سامهون ڦري, انهيءَ هورا ڪورا ۾

بنھ ماني بہ نٿي وڻي. سو بيلي، مون سان ونگار وهو. مون سان گڏجي هل.اِن لاءِ آئون تو وٽ هلي آيو آهيان.“

اِن وچ ۾ هُن مونکي اُن ڳوٺ جا ڏس پار، گهوڙي جا پار پتيڪار ڏٽيءَ جو نالو ۽ سندس گهر جو ڏس پتو سڀ ڪجھ تفصيل سان ٻڌايو. مون سندس سموريون ڳالهيون غور سان ٻڌيون ۽ اُهي نشان پار بہ ذهن ۾ ويهاريا. پوءِ ڪيس چيم تہ: ”يار، پلي ڪري آئين، جي ڪري آئين. هڪ ٻئي جي ونگار وهڻ پاڻ شڪارين جي روايت رهندي پئي اچي. اها ڪا اڻ ٿيڻي ڳالھ ڪانهي. پر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ڪن اصولن جو پابند هوندو آهي ۽ ڪنهن سان ڪيل واعدي ۽ ڪنهن جي چوڻ ڪي پٺ ڏيئي نہ سگهندو آهي. مون کي منهنجي استاد جو حڪم آهي تہ آئون ڪنهن سان بہ گڏجي چوري نہ ڪريان ۽ هيستائين مون سندس چوڻ جو پرم رکيو آهي ۽ اڳتي بہ آئون سندس حڪم جو پابند آهيان. سو شڪاري، دل ۾ نہ ڪجانءِ. آئون توسان گڏ هلي نہ سگهندس. تنهنجي ونگار وهي نہ سگهندس.اِن لاءِ مون کي معاف ڪجانءِ.“

اسين الاهي دير ويٺا رهياسين. چانھ پيتيسين. دل کولي رهاڻ ڪئي سين. ۽ پوءِ هو موڪلائي هليو ويو.

همراه تہ هليو ويو پر سندس انا جو مسئلو جهڙو ڪر منهنجي مٿي ۾ هٽي ويو هو. هاٽي ماڳهي منهنجو سک ڦٽي پيو. هونئن تہ ڪو ڏور کولڻ يا ڪچي توڙي پڪي گهر کي ڪاٽ هٽي چوري ڪرڻ تہ منهنجي لاءِ ڪو مسئلو ڪونہ هو. پر هتي منهنجي لاءِ جيڪو چيلينج هو سو هو اُن ڪتي کي شڪست ڏيڻ، جنهن نامي گرامي شڪارين جا گس پنڌ بند ڪري ڇڏيا هئا. هونئن تہ روالور جي گولي هٽي ڪتي کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏجي، تي پئي سگهيو. پر جيڪي اصولن جا پابند شڪاري هوندا آهن، سي هرويرو خون خرابو ڪونہ ڪندا آهن. خاص ڪري هن حالت ۾، جڏهن ڪتو ڏٽيءَ سان بي انتها وفادار هجي. چوري ئي ڪرڻي آهي تہ پوءِ هڪڙي هنڌان ٻُل نٿو لڳي تہ وري ٻئي پاسان ڪري ونجي. خير!

بہ ٽي ڏينهن لاڳيتا اِن معاملي تي سوچيندو رهيس. ۽ پوءِ نيٺ هڪڙي ڏينهن شام جو وڃي بس ۾ چڙهيس. 20_25 ميل هلڻ کانپوءِ هڪڙي اسٽاپ تي بس مان لهي پيس. مليل ڏس موجب هڪڙي ڳاڏا واٽ وٺي اترطرف هلڻ لڳس. بہ ڪلوميٽر پنڌ ڪرڻ کانپوءِ مون کي اهو ڳوٺ ڏسڻ ۾ آيو. نشاني طور ٻڌايل اهو سِريل جو شاهي وڻ ڳوٺ جي هڪ طرف نويڪلو بيٺو هو. ڳوٺ کان آئون اجا سڌ ڏيڍ پنڌ پري هوس. مون اُتي بيهي آس اپس جو جائزو ورتو. چؤطرف آباد زمينن ۾ چيٽ پوکيل هئا. هڪ

ٻن ايڪڙن جي ايراضي تي مشتمل هڪڙو مقام هو. جنهن ۾ گهاٽيون جاريون، سَرَنِ جا ٻوٽا ۽ پنج ست پراڻن ٻيرن جا وڻ بيٺل هئا. سچ لهڻ کي باقي ٿورڙو ٽائيم هو. آئون ڳاڙا واٽ چڙڏي، ٻئي پاسي کان ڦري اچي هڪڙي وڏي گهاٽي جار جي هينان پاٿاري ناهي ويهي رهيس.

سج لٿو. سانجهيون ٻانگون ٿيون. سومهڻيءَ جون ٻانگون بہ ٿيون. جيستائين ويهي سگهيس، ويٺو رهيس. پوءِ ڪڙو سِري هينان ڏيئي ليٽي رهيس. آڌي رات ڏاري اٿيس. ٻافتي جي اداڻي والي ٿلهي چادر ساڻم هئي. ڳاڙا واٽ ڏانهن ڪونہ ويس. پر آباد زمينن جي وچان ٻنن تان هلندو، چوڪس چوطرف ڏوڪا ڪندو، ڪنائيندو آهستي آهستي اڳتي وڌڻ لڳس. اُن همراه جي ڳالهہ سچي نڪتي. آئون اچا ڳوٺ کان ڇڱو خاصو پري هوس، جو ڪتي جو ڀؤنڪاٽ ڪن تي پيوم. ڪتي کي پاڻ ڏانهن ايندو محسوس ڪيم. ڪتو ڀڪي سراڙي ۾ پئي مون ڏانهن وڌيو. 11ـتاريخ جي چنڊ جي سهائي هئي. ڏسڻ ۾ ڪجهہ ڪونہ ٿي آيو پر رات جي خاموشي ۽ نِوائيءَ ۾ ڪتي جي وات مان نڪرندڙ گهِرَڻ جي آوازن مان اندازو پئي ٿيو تہ ڪتو واقعي انتهائي خطرناڪ آهي. ۽ ساڻس مقابلو ڪرڻ يا پوئتي ڀڄڻ ڪنهن بہ طرح فائديمند ڪونہ ٿيندو. اجا انهيءَ ٻڌ تر ۾ هوس، تيستائين ڪتو ويجهو اچي پهتو. پوءِ بنا دير ڪرڻ جي ٻني تي سنئون ڏکهو تي ليٽي پيس ۽ ٻافتي واري چادر پيرن کان وٺي مٿي تائين ويڙهي، دم گهٽي، پئجي رهيس. ٻئي پل ڪتو پهچي چڪو هو. ساهہ جو هانپارو ڀؤنڪاٽ، پيرن سان زمين ڪرڙي مٿيءَ جون ڀڪيون اچلڻ. منهنجي پيرانديءَ کان اچيو وري سيرانديءَ اچي. هنڌ هنڌ کي سونگهيندو رهيو. ڳچ دير اهو عمل دهرائيندو رهيو. پوءِ نيٺ ائين بہ ڪيائين جو مون کي سونگهيندي سونگهيندي منهنجي مٿي وٽان بيهي، پوئين ٽنگ مٿي ڪٽي مون تي مُتڻ لڳو. وري پيرن ڏانهن ويو ۽ ساڳي طرح پيرن مٿان مُتيائين. ۽ پوءِ وقفي وقفي کان پوءِ اِهو عمل دهرائيندو رهيو. گهٽ ۾ گهٽ اٺ ڏهہ پيرا ائين ڪيائين. مونکي سڄو ڀُسائي ڇڏيائين. جيڏي مهل منهنجي مٿي کان اچي ٿي پيشاب ڪيائين، تيڏي مهل نہ پڇو تہ منهنجي ڪهڙي حالت ٿي ٿي! عام حالتن ۾ "مُنهن تي مُتڻ" کي ماڻهو گار طور استعمال ڪندا آهن. پر اج تہ ماڻهوءَ بدران مرڳو ڪتي پئي منهنجي مُنهن تي مُتيو ۽ آئون بيوس بنيو خاموش ليٽيو پيو هوس.

آڌي رات کان وٺي پرهہ ڦٽڻ تائين ڪتي مون کي چرڻ ئي ڪونہ ٿي ڏنو. مونکي سونگهي سونگهي ٿورو پريان وڃي ٿي ويٺو. پر منهنجي بدن ۾ ٿورڙي بہ چُر پُر محسوس ٿي ڪيائين تہ هڪدم پهچي ٿي ويو ۽ وري پيشاب ڪرڻ وارو عمل ٿي دهرايائين. صبح اچو ٿيڻ لڳو هو تڏهن ڪتو مون کي ڇڏي ڀؤنڪاٽ ۽ ڪؤنڪاٽ ڪندو ڳوٺ طرف هليو ويو. پوءِ مون آهستي آهستي اٿي آس

پاس جو جائزو ورتو. هر طرف سانت لڳي پيئي هئي. مون پنهنجا ڪپڙا چنديا ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا قدم کڻندو اچي بس سٽاپ تي پهتس.

ڳوٺ پهچي ڪپڙا بدلائي، ماني کائي پاسيرو وچي ليٽي پيس. سڄي رات جو اوجاڳو هو سو اهو سڄو ڏينهن سمهي ننڊ پوري ڪيم. ٻئي ڏينهن، ميل ڏيڍ پنڌ تي جهنگلي ٻلن جو شڪار ڪندڙ شڪارين جي ڳوٺ ۾ منهنجو هڪڙو سنگتي رهندو هو ان وٽ وڃي نڪتس. انهن وٽ ڪتا جام هوندا آهن. ڏاڃوري شڪاريءَ جو منهنجو ٻڌو سو ٻنهه ڊوڙندو آيو. ڏاڍي قرب سان مليو ۽ خبرون چارون پڇيائين.

”مون کي هڪڙي ڪُتي کپي، ڏاڃورا!“ چيومانس.

”ڪتيءَ جي لاءِ ڪري پنڌ ڪيو اٿئي. نياپو ڪريئين ها ته گهر ويٺي ڪتي پهچائي وجان ها. ڇئو ڪهڙي ڪتي کپي؟ ڪڙاهه جي ڪتي کپي يا شڪار جي. “

”اون هون... نڪو ڪڙاهه جي ۽ نڪو شڪار جي. مون کي رڳو هڪڙي ڪتي کپي. پر هجي ڳتَ تي. (لَڳ واري Heat Period) چيومانس.

ڏاڃُرو منهنجي منهن ۾ نهاري کليو ۽ چيائين ”ائين وري ڪيئن؟“

”پوءِ ڪونه ٿو ڪريان ڏاڃورا، مون کي سچي پچي لَڳ واري ڪتي کپي. “ چيومانس.

”پر لَڳ واري ڪتيءَ کي تون ڪندين ڇا؟“ پڇيائين.

”اهو پوءِ ٻڌائيندو سانءِ. پهرين تون مون کي ڳتَ واري ڪُتي هٿ ڪري ڏي. “ چيومانس.

”لڳ واري موسم ته هاڻ ختم پئي ٿئي. ڳالهه ڏاڍي ڏکي آهي. مشڪل سان ڪم ٿئي. پر وري به آئون جانچ ڪريان ٿو. “ پوءِ آئون وٺانئس موڪلائي هليو آيس پنهنجي ڳوٺ.

ٻه ڏينهن ڇڏي ٽئين ڏينهن ڏاڃورو ڪتي ڪٺي آيو.

۽ آئون به ڪتيءَ کي ساڻ ڪري، سج لٿي ڏاري وڃي ساڳئي مقام ۾، ساڳي پاٽاريءَ تي پهتس. مونکي پنهنجي اُڄ بک جي ڳڻتي ته ڪانه هئي. باقي ڪتيءَ لاءِ پاءُ کن گوشت جو پاڻ سان ڪٺي آيو هوس. ڪتيءَ کي چار سان ٻڌي پوءِ پنهنجي لاءِ پاٽاري ناهي ليٽي پيس. آڌي رات داري اُٿي، ڪتيءَ جي رسي هٿ ۾ ڪري اڳوٽو ساڳيو ٻنو وٺي ڳوٺ طرف وڃڻ لڳس. لڳ ڀڳ ساڳي پيٽيءَ تي پهتو هوندس، يا ٿورڙو اڳيان، جتي پهريائين مونکي ڪتو اچي پهتو هو ته پريان ڪان ڪتي جي ڀؤنڪ ٻڌڻ ۾ آئي. پر هن ڀيري مون وٽ ڪتي جو علاج هو تنهن ڪري مونکي ڪتي ڪان ڊڄڻ جي ضرورت ڪانه هئي. ڪتو پريان ڪان ئي ڀؤنڪاٽ ڪندو ڀڪي سراڙي ۾ پئي آيو. ساڳي هستي،

ساڳي مستي ۽ ساڳي دهشت. پر جيئن ئي مونکي ويجهو پهتو تيئن نري پيو. هن پيري سندس توجهه مون بدران ڪتيءَ تي هو ۽ هُو ڪتيءَ جي اڳيان پويان لُر لُر ڪرڻ لڳو.

پوءِ آئون ڪتيءَ کي واپس وٺي مقام ۾ آيس ۽ سندس رسي ساڳي جار ۾ ٻڌي ڇڏيم. بس منهنجو ڪُتي ٻڌي پري تيڻ ۽ ڪتي پنهنجي ڪارروائي شروع ڪري ڏني. دير ئي ڪانه ڪيائين. پهرين ڪوشش ۾ ئي ڪتيءَ سان سلهاڙجي ويو.

۽ آئون ڏاچوري کي دعائون ڏيندو ۽ پنهنجي ڪاميابيءَ لاءِ دعائون گهرندو ڳوٺ ڏانهن روانو ٿي ويس. هن واردات جو ذڪئي ۾ ڏکيو مرحلو مون ڪُتي کي شڪست ڏيئي فتح ڪري ورتو هو. باقي پريان ڳوٺ ۾ مونکي ڪابہ رنڊڪ يا رڪاوٽ سامهون ڪانہ آئي. آئون سڌو وڃي گهوڙي وٽ بيٺس ۽ گهوڙي جي پڇاڙي اڳاڙي ڪيڊي، رسو کولي رڳو ڪٽي لانگ وڙايم.

*(5_فيبروري 2012ع)*

❇

# عشق جا ابابيل

”پي پي...“

”...“

”پي پي... پي پي...“

”....“

”پي پي... پي پي پي پي... پي پي ...“

”...“

مون ٽيون ڀيرو موٽر سائيڪل جو هارن نسبتاً لاڳيتو وڄايو پر تڏهن بہ هُن مون ڏانهن ڪو توجهہ ڪونہ ڏنو. آئون ڏاڍو پريشان ٿيس. پرائي مائي! سا بہ نوجوان ڇوڪري!! اُن سان گڏ هيءَ حقيقت بہ سورنهن آنا سچ تہ هِن ڳوٺ ۾ رهندڙ برادريءَ جا ماڻهو ويڙهاڪ ۽ جهڳڙالو. جهيڙي لاءِ هر وقت تيار. بس رڳو ڪو معمولي بهانو ملي وڃي. پوءِ تہ ننڍا وڏا, پوڙها پڪا, ٻار ٻچا, رنين آهرين, سڀ ڪو مرڻ مارڻ لاءِ اصل تيار. هاڻ ڇا ڪريان!؟

هُوءَ سندن ڳوٺ کان فرلانگ کن پري لنگهندڙ پڪي لنڪ روڊ جي پاسي کان ٻارڻ لاءِ ڄار جون ڪانيون ڪهاڙيءَ سان وڍي روڊ جي پرسان ڇڏيندي پئي ويئي. هيءُ ڳوٺ ڀراڙيءَ جي اڪثر بدحال ڳوٺن جي ڀيٽ ۾ گهڻو خوشحال ڳوٺ هو ۽ منجهس اڪثر پڙهيل ماڻهو بہ رهن ٿا. پر پوءِ بہ سندن عورتون ٻنيءَ ٻاري جي ڪم سان گڏ مال ڍور جو ڪم ڪار ۽ ڪاني ڦانگو هٿ ڪرڻ ۾ رڌل هونديون هيون. جانورن جي علاج جي بهاني سان منهنجو اڪثر هن ڳوٺ ۾ بہ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو هو.

جيڏي مهل آئون اتي پهتو هوس, تيڏي مهل روڊ سڄو بلاڪ ٿيو پيو هو ۽ ڪٿان بہ موٽر سائيڪل جي مٿڻ جي جاءِ ڪانہ هئي. لاچار مون کي موٽر سائيڪل جهلي بيهڻو پئجي ويو.

هاڻ ڇا ڪجي؟

آئون وٽرنري ڊاڪٽر آهيان. تڏهن هڪ ننڍي شهر جي جانورن جي اسپتال ۾ سرڪاري ڊيوٽي ڪندو هوس. مون کي هن اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪندي ڇهہ سال ٿي ويا هئا. تنهنڪري آس پاس جي ائن ڏهن ميلن اندر رهندڙ تقريباً سيني ڳوٺن جي ماڻهن سان چڱا خاصا واسطا ٿي ويا هئا. ان ڏينهن بہ

اسپتال ۾ وينو هوس جو ٽي ميل ڪن اڳيان هن روڊ جي چيڙڙي تي هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙهڪ ياڳئي فون ڪئي هئي ته سندس مينهن جي ويم جو ڪيس ٿورو مُنجهي پيو آهي، سو مهرباني ڪري اچي ڏس. اوڏيءَ مهل آئون اوڏانهن وڃي رهيو هوس. پري کان ڏٺم ته ڪا مائي ڪاٺيون وڍي رستي جي پاسي تي اچلائيندي پئي ويئي. سو مون پري کان ئي هارن وڄائڻ شروع ڪيو. مائيءَ مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ جيستائين آئون اُن تائين پهچان، پاڻ تڪڙو تڪڙو ڪاٺيون اڇلي سڄو روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيائين. يعني بنا ڪنهن شڪ گمان جي، هيئن چئي سگهجي ٿو ته هُن مونکي سڃاڻي پوءِ ڄاڻي واڻي روڊ بند ڪيو هو. ۽ هاڻي باوجود هارن وڄائڻ جي، مون ڏانهن ڪو توجهه ئي ڪونه ٿي ڏنائين. هيءُ رستو ڪو هڪ شهر کان ٻئي شهر ڏانهن ويندڙ مصروف روڊ ڪونه هو. هيءُ رستو هڪ لنڪ روڊ هو جيڪو عام پڪي رستي کان چار ميل پري هڪ وڏي ڳوٺ تائين ويندڙ ٻهراڙيءَ جو رستو هو. جنهن تان ڪنهن ڪنهن وقت ڪا موٽر سائيڪل، ڪا رخشا يا ڪا سوزوڪي وين متي ٿي، نه ته پيو مڙيئي ٿيو خير. ڏينهن جا 11 ٿيا هئا ۽ فيبروريءَ جو پيو هفتو ختم ٿيڻ وارو هو.

مائيءَ سان ڳالهائي جهيڙي جي رِسڪِ کڻڻ پنهنجي جاءِ تي، پر هيئن ٺلهو پرائي مائيءَ جي پاسي ۾ ويهڻ به ته خطري کان خالي ڪونه هو. تنهنڪري، ماٺ ڪري واپس وري پوئتي وڃڻ کان بهتر سمجهيم ته مائيءَ سان ڳالهائجي. پوءِ جيئن ٿيندو تنهن کي مُنهن ڏبو.

آئون انهيءَ لنڪ روڊ تان اڪثر پيو ايندو ويندو هوس. چو ته چئن ميلن جي انهيءَ لنڪ روڊ تي ۽ انهيءَ لنڪ روڊ مان نڪرندڙ ڳاڏا واٽن تي ڪجهه جيترا ڳوٺ هئا. جن جا رهندڙ ياڳيا منهنجا گراهڪ هئا ۽ جيئن ته گهڻا غريب ۽ هاري طبقي سان واسطو رکندڙ هئا. تنهنڪري منجهن گهڻو ڪري پردي جي پابندي ڪانه هئي. اڪثر ماين کي سندن ڪرت وهير، لاباري، مال چارڻ يا ڪاٺيون ڪرڻ دوران گسان پنڌان پيو ڏسندو هوس. سو مون کي لڳو ته هيءَ نوجوان ڇوڪري به هن کان اڳ ۾ به تي پيرا منهنجي ڏٺل هئي ۽ اِهو به ته هڪ پيرو هِن ڇوڪريءَ مون ۾ گهوري نهاريو به هو. اُن بنياد تي ٿورو مطمئن ٿيس ته هيءَ منهنجي رستا روڪ هُن ڄاڻي واڻي ڪئي آهي. تنهنڪري جهيڙي جا امڪان گهٽ هئا. سو ٿورو کنگهڪار ڪري، گلو صاف ڪري چيم:

”هاڻ پلا رستو کول ته هيءُ غريب ماڻهو لنگهي وڃي. الاجي کهڙي ڏوهه جي سزا ڏني پيئي وڃي!“

”جي رستو نه کوليان ته ڇا ڪندين؟“ دابو ڏيندي چيائين، پر مون ڏانهن نهاريائين ڪونه.

”ته پوءِ هيڏانهن نهار ته ٻيئو تنهنجي منهن ۾ نهاريان. ٻيو پلا آئون توکي ڇا ڪندس!“

”اڳي ڪڏهن ڪا چوڪري ڪونہ ڏٺي اٿئي ڇا؟“

”ها، پر اڄ ڊؤ ڪري تنهنجو منهن ڏسان.“ سندس نرم پوندڙ لهجي جي ڪري منهنجي همت وڌي ويئي.

”ڊؤ ڪري ڏسڻ وارن جو تہ ٺهيو پر رڳو اک ڪٽي نهارڻ وارن جو حشر ڳوٺ وارا ڪهڙو ڪندا آهن، سا خبر اٿئي؟“ وري داٻو ڏنائين.

”توکي جيڪو وڻي سو پيلي ڪر، باقي ٻين هٿان بي عزتو نہ ڪرائجانءِ.“

”ڇو ٻين هٿان ڇو نہ؟“

”ڇو تہ مون کي ڏسي پوءِ تو پاڻ ڇاٽي واٽي رستو بند ڪيو آهي. اِن ۾ منهنجو ڏوهہ ڪونهي جو ٻين هٿان بي عزت ڪرائين.“

لاجواب ٿي ويئي. پوءِ ڪجھہ پل ترسي چيائين: ”تہ ڇئبو تہ اِها ڳالهہ آهي.“ ائين چئي منهن مون طرف ڪري مون ڏانهن نهارڻ لڳي.

اوڏي مهل نہ رستي تان ڪو ايندڙ ويندڙ ماڻهو نظر ٿي آيو ۽ نہ ئي ڪير آس پاس ۾ ٻنين تي موجود هو. پريان، گهڻو پريان ٻنين ۾ مال پئي چريو. پر انهن جا دراڙ بہ اسان کان گهڻو پري هئا. سو ٿورو ڊپ هلڪو ٿيو ۽ منهنجي دلچسپي بہ وڌڻ لڳي.

”واهہ! سبحان الله. واقعي ناهڻ واري توکي خوب ناهيو آهي.“ مون سندس تعريف جا ڍُڪ پريا.

پر پاڻ مون کي نظرانداز ڪري پڇيائين:

”ٻڌو آهيم تہ مال جو ڊاڪٽر آهين. سو رڳو ڍورن جو علاج ڪندو آهين يا ماڻهن جو بہ ڪندو آهين؟“

”الاجي اِهو وري ڪهڙو مريض آهي، جيڪو مون کان ٿو علاج ڪرائي؟“ حيران ٿيندي پڇيومانس.

”حال هڪيو تہ آئون آهيان. منهنجو علاج ڪر.“ ڏاڍو قربائتو ماٺو ڪندي چيائين.

”اڇا! تہ اِها ڳالهہ آهي، هاڻ ڳالهہ ٻڌ. هونئن تہ علاج لاءِ اسپتال اچڻو پوندو آهي. پر تو سان خاص رعايت ٿو ڪريان. تون هتي ئي ٻڌائي تہ توکي ڇا ٿو ٿئي؟“

مون سندس سراپا تي نظر وڌي. پگهر ۾ شل هئي. ڇار جو هڪڙو ننڍڙو سائو پن سندس پگهر هاڻيءَ مِٽَ تي چِپڙيو پيو هو. ڪهاڙي سندس هٿ ۾ هئي. ڇارين مان اٿندڙ دَزَ سندس اڌ اگهاڙين ٻانهن، مٿي ۽ مُنهن تي نمايان پئي ڏسڻ ۾ آئي. سوير کان ڪاٺيون وڍڻ جي ڪري هوءَ ساهہ ۾ پورجي

ويئي هئي ۽ هاڻي مس مس وڃي سندس ساهه سانتيڪو ٿيو هو. سندس جسم تي اوڇي پرنٽ لان جو شهري فيشن وارو وڳو پاتل هو ۽ پوتي مٿي تي اوڍيل هجڻ بدران سندس ڳچيءَ ۾ پيل هئي. سندس نرڙ تي پگهر جون بوندون لاڳيتيون ظاهر ٿي رهيون هيون. هُن پنهنجون اکيون منهنجي اکين سان اٽڪائي ڇڏيون. سندس اکين ۾ هڪ نرالو جهان آباد هو. جنهن ۾ پيار جي پَلَرَ جي پالوٽ ٿي رهي هئي. جنهن ۾ ترنگ جا تازا تنواري رهيا هئا. جنهن ۾ محبت جي مستي مخمور ٿي رهي هئي. جنهن ۾ عشق جا ابابيل اڏري رهيا هئا ۽ جنهن ۾ عابده پروين "مين يار دي گهڙولي پردي" ڳائي رهي هئي.

"جي اِهو به آئون ٻڌايان ته مونکي ڇا ٿو ٿئي ته پوءِ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي ضرورت ڪهڙي؟ پوءِ ته سڌو سنئون ميڊيڪل اسٽور تي وڃي چئجي ته مون کي فلاڻي درد جي دوا ڏي. ايتري ته انهن کي به خبر آهي ته مٿي جو سور پونسٽان گوريءَ سان گهٽجي سگهي ٿو. پوءِ هي اسپتالون ڇو نهيون آهن؟ ڊاڪٽر ڇا جي لاءِ ٿيا آهن؟"

حال هڪيو ته منهنجا به تاڪ لڳي ويا. پر ڏڪ پچائي، ڳيتون ڏيئي چيم:

"اُهي اڳوڻي زماني جا ڏاها ۽ ڄاڻو حڪيم هئا جيڪي ماڻهوءَ کي پري کان ايندو ڏسي ٻڌائي سگهندا هئا ته توکي ڪهڙو درد آهي. هاڻي جيڪي ڊاڪٽر ڪاپي ڪري امتحان پاس ڪن ٿا، يا جيڪي استادن کان گن پوائنٽ تي مارڪون وٺن ٿا يا جيڪي پئسن تي ڊگريون حاصل ڪن ٿا، تن، اسان جهڙن ڊاڪٽرن کي ڪهڙي سڌ سور جي! اسين جيڪي لئيءَ مان لٽ پيچي ڊاڪٽر ٿيا آهيون، سي ڇا ڄاڻون ته ڪنهن جي دل، ڪنهن جي اوسيئڙي ۾، ڪيئن رستا روڪ ڪريو، گس بند ڪريو ڳوڙهن جا ڪبوتر پئي اڏائيندي آهي ته ڪڏهن ٿا پرديسي پرين هن واٽ تان واهرو ڪن... اسين ته ڏُڪڙيا ڊاڪٽر آهيون. سو جي ڏُڪو لڳو ته واهه واهه. جي نه لڳو ته ڏوهه وري به مريض جو ڪنداسين ته 'اسان ته توکي چيو هو ته گوريون پاڻيءَ سان ونجانءِ، تو کير سان ڇو ورتيون. پوءِ فاعدو ڪيئن ٿيندو!'"

پهريون پيرو مُرڪ سندس سٽيل چپن تي "ڏانديو راند" کيڏڻ لڳي. ساڄي هٿ سان پنهنجي نرڙ تي ڳڏ ٿيل پگهر اگهيائين. تِهائين وڏيڪ گهُوري منهنجي اکين ۾ نهاريائين، ۽ لاڳيتو پئي نهاريائين. مرڪَ جي ڏانديو راند جاري هئي. آئون پڻ سندس گهُور جي سحر ۾ گهائجي سُن ٿي ويس...

ڪي ساعتون... الاجي ڪيتريون ساعتون، يا صديون گذري ويون. زمان ۽ مڪان مٽجي ويا. وايومندل تبديل ٿي ويو. رُتيون ايندڙيون ويندڙيون رهيون. سانوڻن جا اوهيرا وسندا رهيا. سيارن جا

پارا پوندا رهيا. ڪڏهن ڪنول تي ٽڙيا تہ ڪڏهن موتيا تي مهڪيا. ڪڏهن سرنهن پيلا گل ٿي جهليا تہ ڪڏهن سارين جي سائي چادر ڌرتيءَ تي وڇائجي ٿي ويئي. ۽ آئون انهن زمانن ۾ مڪانن کي لتاڙي وڃي ٽنڊو ڄام جي زرعي يونيورسٽيءَ جي وٽرنري فيڪلٽيءَ ۾ پهتس، جتي منهنجي تعليم جاري هئي. ان عرصي دوران، هڪ ڏينهن جڏهن ڪالوني اسٽاپ تان بس ۾ چڙهي حيدرآباد ٿي ويس، تڏهن مون سان گڏ بس ۾ چڙهندڙ ٻين پيسينجرن سان گڏ ”مهڪ“ بہ چڙهي هئي. هوءَ يونيورسٽيءَ ۾ مقرر ڪنهن پروفيسر جي ڌيءَ هئي. اُن ڏينهن اسان جي اکين پاڻ ۾ نينهن جا ناتا جوڙيا هئا. جيڪي پوءِ پاڻ ۾ جُڙندا ئي ويا. پختن پيچن ۾ تبديل ٿيندا ويا. واعدا اقرار ٿيندا رهيا. گڏجي جيئڻ مرڻ جا قول اقرار ٿيندا رهيا. منهنجي تعليم مڪمل ٿي. قسمت سان ڊيوٽي بہ ملي ويئي. پوءِ جڏهن منهنجي طرفان مهڪ جي مائٽن ڏانهن پرٽي جو پروپوزل پهتو تڏهن پراڻي ۽ دقيانوسي سوچ موجب، اسان جي وچ ۾ Living Standard جي فرق کي سبب ڄاڻائي مون کان مهڪ کي هميشہ لاءِ ڌار ڪيو ويو. اهو سوچي تہ متان نہ مهڪ ڪو انتهائي قدم کڻي، سندس مائٽن هڪ مهيني اندر ئي، اتي رهندڙ ٻئي پروفيسر جي آفيسر پٽ سان ڪيس پرڻائي ڇڏيو هو...!

مون کي خيالن ۾ ڪوئجي ويل ڏسي چيائين ”ڊورن جا ڊاڪٽر، تنهنجو ڏُک اڄ لڳي ويو. الاهي، الاهي ڏينهن کان، جڏهن کان ڪنهن، ڪنهن کي پڇريون پيرو ڏنو هو تڏهن کان سڄيون راتيون هورا ڪورا جي ور چڙهيو وڃن. ننڊ ڪانہ ٿي اچي. ڀلا ٻڌائي انهيءَ بيماريءَ جو علاج ڪهڙو آهي؟“ موهيندڙ مرڪ اڄا بہ سندس چپن تي وڙڪي رهي هئي.

”اِها بيماري ڪا عام بيماري ڪانهي. انهيءَ وچڙندڙ بيماريءَ جا جيوڙا تڏهن کان هلندا پيا اچن جڏهن کان انسان وجود ۾ آيو آهي. انهيءَ بيماريءَ جي علاج ۾ ٿيستن لاءِ لاڳيتو سوچڻو پوندو. هونئن بيمار جو نالو ڇا آهي ۽ ڌيءَ ڪنهن جي آهي؟“

”نالو نہ ٻڌايان تہ!“ دلربائيءَ سان ڏاڍو پيارو ماٺو ڪيائين.

”سڄاڻپ جي ڪتاب ۾ داخلا تہ نالي سان ئي ٿيندي آهي نہ. باقي هونئن دل جي دفتر ۾ تنهنجا نيڻ نقشا ائين چٽجي ويا آهن، جيئن ٺٽي واري بادشاهي مسجد جي چٽسالي، جيڪا صديون گذرڻ ڪانپوءِ بہ جيئن جو تيئن نئين نڪور آهي.“

”نيڻ تارا... (پڇريون پيرو ڪِلَ جي جهرٽي ڇِڪات ڪيو)... نيڻ تارا ڌيءَ طارق علي...“ شرمائجي نگاهہ نيچي ڪري ڇڏيائين.

”جهڙي صورت سبحان، تهڙو پؤتر ۽ پيارو نالو. واهہ، سبحان الله...“

پريان کان اينڊرسوزوڪيءَ جي گوڙ ٻڌڻ سان اسان جا ڪن ڪڙا ٿيا. نيڻ تارا رستي تان جارين جا ڏنگهر هٽائڻ لڳي ۽ آئون گس آجو ٿيندي ئي روانو ٿي ويس. ويندي ويندي چيم: ”آئون سياڻي ساڳئي ٽائيم تي وري ايندس.“

۽ اُها رات، مون سڄي رات جاڳي گذاري هئي. اوسيئڙي جي عذابن جي ٽانڊن تي هلندي نه، وڇوڙي جي ڪاريهرن هٿان ڏنگجندي نه پر. نيڻ تارا جي هن نموني ۾ پيار جي آڇ جي سرور ۾ مخمور ٿيندي. سندس مرڪ جي سحر ۾ وهلور ويندي. سندس سراپا جي حسن جي حسين وادين ۾ سير ڪندي ۽ سندس بيباڪي، برجستائي ۽ بي ڊپائيءَ واري قدم جو قدر ڪندي سڄي رات خوشيءَ ۾ ٽڙندو رهيس. ايئن صبح ٿي ويو پر نه ٿڪ محسوس ڪيم ۽ نه اوجاڳو.

ڪلهوڪي ڳوٺ ۾ اڄ وري وڃڻ جو بهانو ڪلهه ئي ٺاهي آيو هوس سو تقريباً ڪلهوڪي ٽائيم تي موٽر سائيڪل ڪڍي روانو ٿي ويس. نيڻ تارا اڄ به ساڳئي هنڌ تي بيٺي ڪاٺيون وڍيون. پر اڄ روڊ بلاڪ ڪرڻ جي تڪليف ڪانه ڪئي هئائين. ۽ مون به بنا هارن وڄائڻ جي موٽر سائيڪل آهستي آهستي آڻي سندس پاسي ۾ جهليو. هيڏانهن هوڏانهن لوُنڌا ڦيرايم پر اڄ به آس پاس ۾ ڪير به موجود ڪونه هو.

”اڄ ته گس ڪليو پيو آهي، پوءِ ڇو بيهي رهيو آهين؟“ منهنجي منهن ۾ نهاري مُرڪي چيائين.

”پهرين تون ٻڌائي، ڪلهه تو منهنجو گس ڇو بند ڪيو هو؟“ مون به مرڪندي پڇيو.

”الاجي. مون کي خبر ڪانهي.“ شرمائيندي اکيون پوري وري کوليائين ۽ وري ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين.

”الله سائين، تنهنجي قدرت ڪيڏي نه حسين آهي.“ سندس شرمائي ڪنڌ هيٺ ڪرڻ مون کي ايڏو ته وڻيو جو بي اختيار منهنجي اندر مان دانهن نڪري ويئي.

نيڻ تارا آهستي آهستي ڪنڌ مٿي کنيو ۽ سندس نيڻن جا تارا هڪ هنڌ بيهي هڪ ٽِڪَ مون کي تڪي رهيا هئا. سندس نهارَ ۾ الاجي ڪهڙا ڪهڙا سنيها هئا، نياپا هئا، پيغام هئا، التجائون هيون، ارمان هئا ۽ الاجي ڇا ڇا هو. نيڻ تارا لاڳيتو مون ڏي نهاريندي رهي. جڏهن ته سندس چپ ڦڙڪي رهيا هئا، پر ڪجهه چئي ڪونه پئي سگهيا. هوءَ ذاتي ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي. مون هُن جي ڀرواڙيءَ جي حجاب کي پروڙي ورتو هو. اهڙن موقعن تي سنڌ جي ڀرواڙيءَ جي ڇوڪري هندي فلمن وانگر پنهنجي چاهت جو کلي عام ۽ وڏي واڪي اظهار ته نٿي ڪري سگهي نه. هُن لاءِ ته، ڪلهوڪو عمل ۽ اڄ وري اچڻ ئي سندس اٿاهه پيار جو اظهار هو. سو مون سندس جذبن جي

ترجماني ڪندي چيو:

”نيڻ تارا، آئون... آئون تنهنجي هن پيار جي پالوٽ جو دل سان قدر ڪريان ٿو. آئون به توسان واعدو ٿو ڪريان ته ڪڏهن به توسان ڪچي ڪانه ڪندس. نيڻ تارا... نيڻ تارا... سچ پچ ته مون ڪي اُهي لفظ ئي نٿا هٿ اچن، جن سان آئون پنهنجي پيار جو اظهار ڪري سگهان. آئون توکي ڪيئن ٻڌايان ته پنهنجي پيار جي پهرين رات، راتَ مون ڪيئن آسمان ۾ اڏامندي گذاري آهي. تنهنجن داٻن، تنهنجي يادن، تنهنجي ماڻن ۽ تنهنجي مُرڪن جا جهول پري سڄي رات سرور ۽ خمار ۾ مون اکين ۾ ويهي وهائي ڇڏي آهي. ۽... ۽...“

”هاڻ ٺهيو ٺهيو...“ مون کي اڌ ۾ ڪاٽي وري پنهنجي مُنهن سندن برادريءَ ۾ ڳالهائجندڙ لهجي ۾ چيائين ”الائي ڪُرو ڪُرو ٻولي تو. مون ڪي ته ڪِي نائين سمجهه ۾ اچي تورِيو.“ (الاجي ڇا ڇا پيو چوين. مون کي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي.)

”نيڻ تارا... پيار جو اظهار لفظن جي معنيٰ جو محتاج ڪونه هوندو آهي. پيار جون نديون ته نيڻن جي تارن مان ڦٽي نڪرنديون آهن. پيار جا چشما چهري جي پاونائن مان اُڀڪي نڪرندا آهن. ۽ نيڻ تارا... تنهنجي طرفان پيار جي واديءَ ڏانهن وڌايل وک ۾ هر قدم تي تنهنجو ساٿ ڏيندس. اهو منهنجو توسان وچن آهي.“

”ڀورن جا ڊاڪٽر، نه ايڏيون وڏيون دعوائون ڪر ۽ نه ئي ايڏي وڏي خوشفهميءَ ۾ وهلورجي وڃ. اسين ماڻهو ڏاڍين ڏکين حالتن ۾ رهيا پيا آهيون. منهنجي برادريءَ جا ماڻهو ڏاڍا ڏِنگا آهن. نه رڳو منهنجي برادري جا ماڻهو پر هر ماڻهو هر پيار جو دعويدار ماڻهو ئي پيار جو وڏو ويري آهي. جيڪا شيءِ هُو پنهنجي لاءِ جائز قرار ڏي ٿو سائي شيءِ پنهنجي گهر ڀاتين لاءِ ناجائز، ڪفر ۽ ممنوع قرار ڏي ٿو. تنهنڪري اسين ماڻهو جيڪي ريتن، رسمن، دين ۽ ڌرمن جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌل هوندا آهيون، جوش ۽ جنون ۾ جڪڙيل هوندا آهيون، سي ايڏيون وڏيون دعوائون ڪٿي پاري سگهنداسين. سياڻي ايئن نه ٿئي جو پنهنجي ڪيل قولن جي ٻولن ۾ ٻڌجي پنهنجون زندگون زهر بنائي ويهي رهون. پنهنجو جيئڻ روڳ بنائي ويهي رهون. تنهنڪري آئون ڊجان ٿي ايڏي وڏي هام هڻڻ کان.“

”ايڏين وڏين حقيقتن جي ڄاڻ هوندي به ته تو پيار جي پيچري تي پهرين وک کنئي آهي. ڇا اِها همت گهٽ آهي؟ ڇا اِن کان وڌيڪ به ڪا دليري ٿي سگهي ٿي؟ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ته ننڍڙو ٻار به نانگ ۾ هٿ وجهي سگهي ٿو. پر جيڪو ڄاڻي ٻجهي به، ته نانگ زهريلو جيوَ آهي ۽ سندس ڪکيل مري به سگهي ٿو. پوءِ به ان کي جهلي ٿو ته اهو ئي دلير چئبو نه! سو جي تون سچ پچ ڊڄين ها ته ڪلهه

منهنجو رستو ڪونہ روڪين ها.“

”اُها تہ مڙيئي مون دل لڳي تي ڪئي. اهڙيون شرارتون تہ اسين ڳوٺ جون ڇوريون ڳڌجي سڏجي ڪنهن آلي پولي ڇوري ڇنپ سان ڪنديون آهيون ۽ پوءِ هُو پيو خوار ٿيندو آهي.“ هن کلندي چيو.

”جي ائين هو تہ پوءِ تون اڄ ڇو آئي آهين؟“ مون سندس اکين ۾ نهاريندي چيو.

”الاجي ڇو آئي آهيان. مون کي ڪهڙي خبر؟“ هُن جي ماٺي سان منهنجي دل ٺري پيئي. هوءَ بہ منهنجي اکين ۾ نهارڻ لڳي. سندس اکين ۾ هڪ حسين ڪائنات وسيل ۽ آباد هئي. چيائين:

”ها سچي، آئون تہ ڪانيون ڪرڻ آئي آهيان.“ هُن ڪنڌ ڦيري ٻئي پاسي ڪندي چيو.

”هيڏانهن نهار.“ چيم. هُن مون ڏانهن نهاريو.

”منهنجي اکين ۾ نهار.“ هُن منهنجي اکين ۾ نهاريو.

”هاڻ چئو تہ ڪلهہ تو مون سان مذاق ڪيو هو ۽ اڄ تون رڳو ڪانيون وڍڻ آئي آهين. منهنجي لاءِ ڪونہ آئي آهين.“ چيم.

”اون... هون...“ هن پنهنجي اکين تي هٿ رکي چڙيا ۽ ڳالهہ لنوائڻ لڳي.

”چڱو نيڪ آهي. جي تو سچي پچي مذاق تي ڪيو تہ پوءِ آئون هلان ٿو.“ ڏنم تہ ڦٽڪي پيئي. هڪدم اکين تان هٿ لاهي، سنجيده ٿي ويئي. هڪدم وڏي اچي موٽر سائيڪل جي بنهہ اڳيان بيٺي. سندس چپ پيهر ڦڙڪڻ لڳا، پر هوءَ ڪجهہ چئي ڪانہ سگهي. اُڻ تُڻ ۾ هورا ڪورا سندس اکين مان جهاتيون پائڻ لڳي. پوءِ هڪ پرپور نگاهہ مون تي وڌائين ۽ چيائين:

”ائين تہ ڏکيو ٿي وڃڻ ڏيانءِ.“

”پوءِ پلا هيئن، سرعام رستي تي گهڻي دير بيهي سگهجي ٿو؟“ پڇيومانس. ”پنهنجو هيءُ عمل تہ ڪيڏي مهل بہ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو.“ مون ڳڻتي ظاهر ڪئي.

”ها، ايئن تہ آهي. واقعي رستي تي بيهي ڪچهري ڪرڻ، گهڻو وقت پاڻ کي ڦٻي ڪونہ سگهندو.“ پاڻ بہ فڪرمند ٿي ويئي.

”پوءِ ڇا ڪجي؟“ پڇيومانس.

”الاجي. مون کي تہ سمجهہ ۾ نٿو اچي،“ چيائين. ”تون ئي ڪو گس ڳول.“

”ٺيڪ آهي. آئون بہ سوچيان ٿو ۽ تون بہ سوچ. وري ايندڙ آچر تي هن ٽائيم تي هتان لنگهندس. پوءِ حالي احوالي ٿينداسين. ٺيڪ، پوءِ آئون هاڻ هلان.“

”دل تہ نہ ٿي چئي.“ قربان قربان ٿيندي چيائين.

”ڪڏهن ڪڏهن دل کي مجائبو بہ آهي.“

”۽ ڪڏهن ڪڏهن دل بنهہ بي چئي تي پوندي آهي.“ شرمائيندي چيائين.

”ٺورو ويجهو ٿي.“ چيومانس. هوءَ بہ قدم کڻي مون کي ويجهو ٿي.

ٻانهن کان جهلي، ڇڪي اچا بہ ويجهو ڪيو مانس.

”اونهون... اونهون...“ ڦٿڙاٿيائين. پر ٻئي لمحي پاڻ اربي منهنجي ٻانهن جي جهولي ۾ جهُلي پيئي.

مون موٽر سائيڪل کي ڪِڪ هنئي ۽ هُوءَ سندس پوٽيءَ سان پنهنجي مِٿَ اگهڻ لڳي.

آئون طارق عليءَ کي ويجهو ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

هُو ٺيڪيدار بہ هو. ٿورڙي زمين هُيس. بہ ٽي ڏور بہ هئس. ۽ آئون ڏورن جو ئي سهي، پر ڊاڪٽر هوس. اسان جي زندگيءَ جو معيار تقريباً ساڳيو هو. پر مون ڏٺو تہ هو برادريءَ جي ريتن رسمن ۾ حد کان وڌيڪ جڪڙيل هو. نہ رڳو جڪڙيل هو پر انهن ريتن رسمن جو پابند هجڻ سان گڏ انهن جو وڪيل پڻ هو. مشرقي معاشري جي تمام وڏي اڪثريت جي مردن وانگر هِن جي سوچ بہ اِهائي هئي تہ آئون جيڪي بہ ناجائزيون ڪريان، سي پلي ڪريان، پر ٻيو ڪير بہ ايئن نہ ڪري جيئن پاڻ ٿو ڪري.

اسان جا تعلقات وڌندا رهيا. هُو اڪثر منهنجي اسپتال تي ايندو هو. جي شام جو ايندو هو تہ وري اسپتال جي پاسي ۾ ئي مسواڙ تي ورتل منهنجي رهڻ واري ننيڙي جاءِ ۾ ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين. هتي آئون اڪيلو رهندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن، ڪن خاص موقعن تي هُو مون کي سڏي سندس ڳوٺ وٺي ويندو هو يا ڳوٺ جي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي ڏور ڏيکي جي علاج لاءِ سندس ڳوٺ وڃڻ ٿيندو هو تہ نياپو ڪري ڪيس گهرائيندو هوس. موجود هوندو هو تہ ملندا هئاسين. ڪچهري ڪندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن ماني بہ گڏجي کائڻ لاءِ زور پريندو هو. جڏهن اهڙو موقعو ملندو هو تڏهن آئون محسوس ڪندو هوس تہ ماني تيار ڪرڻ ۾، ٿانون ٿپن جي صفائيءَ ۾ ۽ سلاد جي سجاوٽ ۾ ڪنهن خاص اهتمام نمايان ڏسڻ ۾ پيو ايندو هو. يا اِها منهنجي خوش فهمي هئي ۽ رڳو مون کي ئي ”پريان سندي پار جي مڙيئي مڻائي، ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري،“ وانگر ڪاڏي جي هر شيءِ مان نيڻ تارا جي هٿن جي خوشبوءِ پئي ايندي هئي.

جڏهن مون سمجهيو تہ هاڻي اسان جا تعلقات اُن خاص مقام تي پهچي چڪا آهن، جتي آئون پنهنجي دل جي منشا طارق عليءَ اڳيان رکي سگهان ٿو. تڏهن مون هڪ ٺياڪڙ دوست جي معرفت

نيڻ تارا جي گهُر لاءِ طارق عليءَ جا ڪن ڪٽايا.

پوءِ ڇا ھو؟ ھڪڙو طوفان برپا ٿي ويو. ٽياڪڙ دوست جو اھڙو حشر ڪيائون جو ھُو ٻہ مھينا اسپتال داخل ھو. مونکي رات وچ ۾ شھر خالي ڪري ڀڄڻو پيو. مون واري مسواڙي جاءِ کي باھہ ڏيئي ساڙيو ويو.ا سپتال ۾ پيچ ڊاھہ ڪري در دريون، فرنيچر وغيره تباھہ ڪيو ويو. نہ رڳو طارق علي پر سڄي ڳوٺ جا ماڻھو ماڻھوءَ بوءِ ماڻھوءَ بوءِ ڪندا شھر ۾ منھجي ڳولا ڪندا رھيا. پر اتفاق اھڙو ٿيو جو آئون ڪنھن دوست طرفان اطلاع ملڻ تي فقط ڏھہ منٽ اڳ ۾ شھر ڇڏي چڪو ھوس.

پوءِ مون کي خبر پئي تہ جڏھن نيڻ تارا تي وحشياڻي تشدد جي انتھا ٿي ويئي ۽ ھُوءَ وڌيڪ اذيتون سھي نہ سگھي، تڏھن ھڪ رات ھُن پنکي ۾ رسو ٻڌي پاڻ کي ڦاھو ڏيئي ڇڏيو ھو.. نيڻ تارا جو ساٿ نہ ڏيئي سگھڻ جو پڇتاءُ اڄا تائين منھنجو پيڇو ڪري رھيو آھي.

*(13 ـ فيبروري 2012ع)*

❊

# وڇايل قبرن جا مدفون

ملڪ جي هڪ وڏي شهر جي بلڪل پوش علائقي ۾، جتي صرف V.V.I.Ps خاندانن جون رهائش گاهون هيون، هڪ شاندار ڪوٺيءَ جي وڏي لوهي گيٽ جي پاسي ۾، هڪ ڪشادي عام شاهراه جي فٽ پاٿ جي پرسان هڪ نئين ماڊل جي زيرو ميٽر گاڏي اچي بيٺي. رات جو پهريون پهر هو. بلبن ۽ سيوَرَن جي روشني رات کي ڏينهن ڏيکاري رهي هئي. اُها شاندار ڪوٺي پنهنجي شاندار اڏاوت ۽ سجاوت جي ڪري به ۽ اُن جي ڪمپائونڊ وال جي ٻاهران ۽ اندر آرائشي وڻن، گلن ۽ ٻوٽن جي ڪيارين، ڊاڪاگراس جي ٻارين وچان نهيل پاٿن جي ٻنهي پاسن کان ٽڙيل مختلف رنگن جي گلاب جي گلن جي ڪونڊين جي قطارن جي ڪري ڪنهن شاهي محل سان مشابهت ڪري رهي هئي.

گاڏيءَ جون هيڊ لائٽس بند ٿيون. انجن بند ٿي. ڊرائيور گيٽ کليو ۽ هڪڙو بنهه عمدي پوشاڪ پهريل سهڻو ڀيرو ۽ جاذب نظر نوجوان هيٺ لٿو. هن گاڏي لاڪ ڪئي ۽ وڏي گيٽ ڏانهن اجا به ٿي قدم ئي مس کنيائين ته ننڍي گيٽ جي اندرئين پاسي بيٺل هڪ زورائتو مڙس ست ڏيئي ٻاهر نڪتو. نوجوان گيٽ کي ويجهو پهچي چڪو هو. اُن همراه کان پڇيائين ”لال جان اندر موجود آهي؟“

”آهو جي آهو... هن وقت ڏنڌي جو ٽائيم آهي. هن ويلي ڪيڏانهن وجي سگهي ٿي. تُسي آؤ جي بسم الله... بسم الله...!“ اُن زورائتي مڙس وڏي طمطراق سان آيل نوجوان جي مرحبا ڪئي ۽ ڪيس وٺي وڃي لال جان جي لاءِ مخصوص ويل ڊيڪوريٽيڊ ۽ ويل فرنشڊ ڪمري ۾ پهچايائين. اندر داخل ٿيڻ سان ئي ٿلهي شيشي وارو سائونڊ پروف آٽو ميٽڪ دروازو خود بخود بند ٿي ويو. لال جان صوفي تان اٿي اڳيان وڌي ۽ ”جي آيا نون، جي آيا نون...“ چوندي خوش اخلاقيءَ سان آيل جي آجيان ڪندي کيس وٺي آڏي پاڻ سان گڏ صوفي تي ويهاريائين. مُنهن تي ڪاروباري مرڪ سجائي، قربان قربان ٿيڻ جي اداڪاري ڪندي ڪائنس سندس خير خيريت پڇڻ لڳي. ”ڪهڙا حال اٿئي علي، هن ڀيري اچڻ ۾ ڪجھ وقفو ڪونه ٿي ويو آهي؟!“

”ها، ايئن برابر آهي لالي. آئون ڪاروباري ٽوئر سانگي اسٽيٽس (آمريڪا) ويل هوس. اِن ڪري حاضري ڀرڻ ۾ ڏينهن لڳي ويا آهن. نه ته هونئن، هيءُ در به ڪو وسارڻ جهڙو آهي ڇا!“ علي مصطفيٰ غرور سان مرڪندي چيو.

”اِها اوهان جي ڪرم نوازي آهي، جو ايتري اهميت ڏيو ٿا. هونئن به اسين وينا ئي اوهان جهڙن قدردانن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ آهيون. اوهان خوش، ته اسان خوش.“

”لالي، ماڻهو جو چون ٿا ته وقت ماڻهوءَ کي پوڙهو ڪري ٿو ڇڏي، سو شايد هاڻي ايئن ڪونه ٿو ٿئي، نه!“ علي مصطفيٰ لال جان جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

”وري ڇا ٿيو علي، ڪير پوڙهو ٿي ويو؟“ لال جان ڳالهه لنوائيندي ماڻو ڪيو.

”آئون جڏهن کان هتي اچڻ پيو آهيان، مون ته هر واري توکي وڌيڪ ڪيُوٽ ۽ وڌيڪ سمارٽ ٿيندو پئي ڏٺو آهي. ڇا ڪائيندي آهين لالي! اهڙو ڪو سدا بهار نسخو هجي ته اسان کي ڏس. اج ته تون واهه جي پئي وڻين...“ علي مصطفيٰ جي مُرڪ هلڪڙي کِلَ ۾ بدلجندي ويئي. ***”اوئے چھڈو جی--- کوئی نسخا و سخا نائیں ہوندا---*** بس هڪڙو ئي سدا حيات نسخو هيءُ آهي ته ٻين کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ پاڻ به خوش رهو...! پوءِ توهان ڪڏهن به پوڙها نه ٿيندا. اسين به ائين ڪندا آهيون. اوهان جهڙن کي خوشيون مهيا ڪندا آهيون ته اسين پاڻ به خوش ٿي ويندا آهيون ۽ اِها حقيقت ته پڪي هوندءِ ته خوشيءَ جهڙي ٻي ڪا خوراڪ ڪانهي هوندي.“ لال جان ڏاڍي دلربائيءَ سان ۽ ڪاروباري مهارت جا داءَ وپيچ هلائيندي چيو.

”تنهنجو مقصد آهي ته آئون به تو وانگر ههڙي ڪنهن ڪونيءَ جو بندوبست ڪريان ڇا؟“ نوجوان وڏو ٽهڪ ڏيئي لال جان سان ٽاشي ملائيندي چيو.

***”اوئے نانا---*** منهنجو اِهو مقصد ڪونه هو... (ڪلندي...) اِن زناني ڏنڌي لاءِ اسان ئي ڪافي آهيون. اوهان ڪو اهڙو مردن وارو ڪارنامو سرانجام ڏيو جو راڄ خوش ٿين. لوڪ واهه واهه ڪري ۽ اوهان به خوش ٿي وڃو. خير، اوهان ٻڌايو ڇا وٺندؤ ٿڌو گرم... يا آبِ حيات. رڳو حڪم ڪريو.“

”نه، آب حيات اڄ نه. اج مون کي رڳو ٿڌو پيار ۽ البم ڏيکار. ڪو نئون پکي به ڦاسايو اٿئي يا رڳو اڳوڻين بدڪن تي آرو ڪريو ويٺي آهين؟“

***”حکم کرو جی سہٹیا--- تہاڈے واسطے ایک بہشتی حور پھڑ کے لائی ہوں-*** ڏسندين ته خوش ٿي ويندين. هونئن به اسان جو ڪم اهو ئي ته هوندو آهي ته اسين آيلن کي سندن گهرن کان به وڌيڪ خوشيون مهيا ڪريون ۽ جي ايئن نه ڪنداسين ته پنهنجا گهر ڇڏي اسان ڏانهن ڪير ايندو.. هون!“ ايئن چئي لال جان صوفي تان اٿي ۽ ٽيبل جي خاني مان هڪ البم ڪڍي آڻي نوجوان جي هٿ ۾ ڏيندي چيائين ”نمبر 11 کي غور سان ڏسجانءِ.“

”ها، ايئن ته آهي جي رڳو اکيون پوري سيڪس رُڪئايرمينٽ پوري ڪرٽي هجي ته پوءِ گهر چڏي هتي چو اچجي.“ نوجوان چيو ۽ البم کولي هر هڪ تصوير کي غور سان ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ هڪڙي بنهه مختصر لباس پهريل ٻارهن تيرهن سالن جي انتهائي خوبصورت ڇوڪري، جنهن جي سُورج هاڻ پٽي شاخون ڪڍيون. سافٽ ڊرنڪ جي ليمائي رنگ جي پاٽيات هڪ اعليٰ ڪوالٽيءَ جي گلاس ۾ شيشي جي ٽري ۾ رکي کٽي آئي ۽ آٽي نوجوان جي اڳيان پيل ٽيبل تي رکيائين ۽ پاڻ هلي ويئي. نوجوان البم تان ڏيان هٽائي اُن انتهائي حسين، معصوم ۽ ڪيُوٽ ڇوڪريءَ جي بنهه مختصر لباس مان پينڊ پٽائيندڙ ڳوري ڳوري جسم جو انگ انگ ڏسڻ لڳو ۽ جڏهن ڇوڪري ٻاهر هلي ويئي، تڏهن لال جان کي چيائين: ”يلا هِن آبِ حيات مان ڪڏهن تي ڍُڪ پرائين. هن گل جي ته خوشبوءَ ئي نرالي آهي.“

***”اوئے چھڈو جی--- اے تو بچی اے ہن تک--- تُسی البم ویکھو جی--!“***

”خبر ناهي ته ڪڏهن وڏي ٿيندي ۽ ٽيستائين اسان جو الاجي ڪهڙو حال ٿيندو.“ علي مصطفيٰ ڪلندي چيو ۽ وري البم ڏسڻ ۾ مشغول ٿي ويو ۽ پوءِ 11 نمبر واري تصوير کي مختلف زاوين کان ڦيرائي گهيرائي ڏسڻ لڳو. ڳچ ڳچ دير تائين هُو تصوير ۾ گم ٿي ويو. لال جان ڏاڍي چالاڪيءَ سان بي خبر بڻي، ڏاڍي غور سان عليءَ جي چهري جي ايرندڙ مختلف ڀاونائن کي ڏسي رهي هئي. جيڏي مهل ڏٺائين ته علي تصوير جي سحر ۾ بنهه ٻڏي ويو آهي، تڏهن هلڪي کنگهڪار ڪري چيائين:

”ڪٿي گم ٿي ويوءَ. ڪيئن لڳي 11 نمبر؟ آهي نه بهشت جي حورا!“

”علي مصطفيٰ تصوير جي سحر مان چرڪ ڀري جاڳي پيو. پنهنجي وائڙپ لڪائيندي چيائين: ”واقعي لالي، تنهنجي انتخاب کي داد ڏيڻو پوندو. پر هيءَ نيرَڳي (روهاڪي پکيءَ جو هڪ قسم) هٿ ڪٿان ڪئي اٿئي؟“

”***یہ تسی پولیس والا کدی سے بٹیا اے--؟***“ تون ميوو چکي ڏس ۽ ڏس ته ذائقي ۾ شيريني ڪيتري اٿس. باقي ڪهڙي باغ جو ميوو آهي، تنهن سان تنهنجو ڇا؟ اسان وٽ ته نه رڳو ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ جا وڙاچن ٿا، پر ڪڏهن ڪڏهن ته ٻين ملڪن جون جنسون به اچي نڪرنديون آهن.“ لال جان شوخيءَ سان علي مصطفيٰ جي منهن ۾ نهاريندي مرڪندي چيو.

”ها، ايئن ته آهي.“ ايئن چئي علي مصطفيٰ ٻيهر تصوير کي ڏسڻ لڳو. جنهن جي هيٺان ريٽ لکيل هو: 1 ڪلاڪ، ٻه هزار روپيه. 2 ڪلاڪ، ٽي هزار روپيه ۽ رات، پنج هزار روپيه. هُو هڪ ڀيرو وري تصوير جي چهري تي چانيل حيرت زده معصوميت ۾ گم ٿي ويو.

”ڇا پيو سوچئين؟“ لال جان وري عليءَ کي سجاڳ ڪيو.

عليءَ سڄي رات جي پيمينٽ ڪئي ۽ لالي ڪيس وٺي 11 نمبر ڪمري ۾ آئي:

”پڪراج، علي مصطفيٰ اسان جو وڏو قدردان آهي. هن جي پارٽ اٽئي. اُهي سموريون خوشيون ڏجانس جيڪي هُو چاهي ٿو.“ ايئن چئي لال جان هلي ويئي. پڪراج، جيڪا بيڊ تي وهاٽي کي ٽيڪ ڏيئي، سلو آواز ۾ هلندڙ ٽي.وي. ڏسي رهي هئي، تنهن اٿي اندران دروازو بند ڪيو ۽ موٽي اچي عليءَ وٽ ويٺي. هڪ اُڇاتِري نگاهه علي مصطفيٰ تي وڌائين. جيڪو لاڳيتو ڪيس ڏسي رهيو هو ۽ چيائينس ”اچو ويهو.“

پر علي بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي مسلسل ڪيس تڪي رهيو هو.

”اوهان ويهو ڇو نٿا. بيٺا ڇو آهيو؟“

”ويهڻ لاءِ سڄي رات پئي آهي. في الحال مون کي ڏسڻ ڏي.“

”ڇا ٿا ڏسڻ چاهيو؟“

”اِهو ئي تہ تنهنجي اداس اکين جي صحرائن ۾ منهنجي ٿاڪ لاءِ ڪنهن ڳنڍيءَ جو چانورو بہ آهي يا نہ!“

”اِهو تہ ويهي بہ ڏسي سگهجي ٿو. پوءِ بيٺا ڇو آهيو؟“

”ڪٿي ويهان؟“

”صوفي تي ويهو يا بيڊ تي ويهو. جتي اوهان جي دل چاهي.“ پڪراج اطمينان سان چيو.

”اچا ڪا بي جڳهہ جتي ويهي سگهجي!؟“ عليءَ پڇيو.

”اسان جي اکين ۾ ٿي ويهو. اسان جي پاڪرن ۾ ٿي ويهو. جيڪا اوهان جي مرضي.“ پڪراج خالص ڪاروباري انداز اختيار ڪيو.

”تنهنجي دل ۾ اسان لاءِ ڪيتري جاءِ آهي؟“

”صبح تائين دل سميت منهنجو سمورو وجود اوهان خريد ڪيو آهي. اوهان جتي چاهيو ويهي سگهو ٿا.“ طنز پڪراج جي لپ اسٽڪ ڪيل چپن تي هنيوچيون هڻڻ لڳي.

”تمام گهٽي ڏکويل ٿي ڏسجين.“ عليءَ همدردي جتائي.

”هن جاءِ تي خوشيءَ سان يا خوش رهڻ لاءِ ڪير بہ ڪونہ ايندو آهي.“ پڪراج لاپرواهيءَ سان چيو.

”ڪٿي جي آهين؟“

”مون ماضي وساري ڇڏيو آهي. هاڻي... حال هڪيو... هيءُ ئي منهنجو ٿاڪ ۽ ٽڪاڻو آهي.“

”لڳي ٿو حالتن جي ستمر ظريفين توکي تمام گهڻو مايوس ڪري ڇڏيو آهي. پر ماڻهوءَ کي زندگيءَ جي ڪنهن بہ ڏاڪي تي اميد جو دامن نہ ڇڏڻ گهرجي. حالتون ڪيڏي مهل بہ ڦري سگهن ٿيون.“ عليءَ پکراج جي همت وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”پر اوهان اِن پاسي چو ٿا سوچيو!؟ وهان سڄي رات جي پيمينٽ ڪئي آهي، پورا پنج هزار روپيا. اوهان کي ايئن اجاين ڳالهين ۾ وقت ضايع ڪرڻ بدران روپئي روپئي جو حساب چُڪائڻ گهرجي ۽ وري لال جان بہ اوهان جي خاص پارٽ ڪري ويئي آهي. تنهنڪري ڇڏيو اِنهن فضول ڳالهين کي. اچو اچي ويهو.“

”هن طرح تنهنجي اکين ۾ نهارڻ سان ۽ توکان خبرون چارون وٺڻ سان بہ منهنجا پئسہ وصول ٿي رهيا آهن. اِن ڳالهہ جو تون فڪر نہ ڪر. حساب ڪتاب جو مان پڪو آهيان. تون ٻڌاءِ هتي توکي گهڻا ڏينهن ٿيا آهن. اڳئين واري آيو هوس، تڏهن تہ تون موجود ڪانہ هئين.“

”مون کي هِتي اچ 15 هون ڏينهن آهي.“ پکراج بنا ڪو تاثر ظاهر ڪندي چيو.

”پکراج جو نالو تنهنجو ماڻٽاڻو نالو آهي يا هن دنيا جو؟“ نالو تہ ڏاڍو پيلو آهي.“

”مون پهرين عرض ڪيو تہ مون پنهنجو ماضي وساري ڇڏيو آهي. هونئن بہ نالن جي پيلارن هجڻ سان ماڻهوءَ جا نصيب تہ پيلارا نٿا ٿين. پوءِ نالو پيلو يا ڻلهو هجڻ سان ڪهڙو ٿو فرق پوي!“

”ائين بہ ڪونهي. نالن جو ماڻهوءَ جي شخصيت تي وڏو اثر پوي ٿو.“

”اِهو ئي اثر پيو آهي نہ. جو پکراج ۽ علي مصطفيٰ جهڙن پيلارن نالن جي باوجود اسان ٻئي مال ۽ خريدار جي حيثيت ۾ چڪلي ۾ موجود آهيون...! هُون...! پيلارا نالا...!“ پکراج جي چپن تي زهريلي طنز جوڏو ڪراٽو ڪيڏڻ لڳي ۽ علي گهوماتجي ويو. ڪي پل، ڪي ساعتون هُو پکراج جي اکين ۾ نهاريندو رهيو.

”تہ چئبو تہ اِها ڳالهہ آهي“ عليءَ ڏڪ پچائي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ لاڳيتو پکراج جي اکين ۾ نهاريندو ئي رهيو. نهاريندو ئي رهيو.

”ڇا ٿا ڏسو؟ اچو ويهو نہ.“ پکراج چيو.

”تنهنجي اکين جي آستانن ۾ اُهي اسباب ڳولڻ ٿو چاهيان، جيڪي توکي هتي پهچائڻ جو باعث بڻيا آهن. جن تنهنجي ڪومل ۽ مناس پريئي لهجي ۾ تلخ طنز جو زهر پري ڇڏيو آهي.“ عليءَ چيو.

”اُهي اسباب ,اِتي توکي نظر ڪونہ ايندا, ڇو تہ مون اُهي اسباب اجا اکين ۾ سجايا ئي ڪونہ هئا. تنهن کان اڳ ۾ ئي مون اُهي دفن ڪري ڇڏيا هئا. هاڻي تہ اُها قبر ئي ڍهي ويئي آهي ۽ قبر تي لڳل ڪتبي جو بہ نالو نشان ڪونہ رهيو آهي. تنهنڪري اوهان پريشان نہ ٿيو.“

”پر چون ٿا تہ ڳولڻ سان الله بہ ملي وڃي ٿو.“

”ها, بڌو مون بہ آهي تہ الله ماڻهوءَ جي شہ رڳ کان بہ ويجهو هوندو آهي. پر مون کي تہ ڪٿي بہ نظر ڪونہ آيو. تڏهن بہ, جڏهن خيبر پختون خواه جا ماڻهو ٻوڏ جو پاڻي لوڙهي ڪٽي وڃي رهيو هو. جڏهن پنجاب سيلاب جي ور چڙهيل هو. جڏهن سموري سنڌ ٻڏي رهي هئي. مون کي الله ڪٿي بہ نظر ڪونہ آيو. تڏهن, جڏهن آئون بہ سمورن گهر ڀاتين سميت پاڻيءَ جي زبردست ريلي جي ور چڙهي ويئي هُيس. پاڻ کان سواءِ باقي ٻن ننڍي ڀيڻن, هڪ جوان ڀاءُ, امان ۽ بابا جي ڪابہ خبر پئجي ڪانہ سگهي تہ ڪهڙي جهان ۾ آهن. مون کي پنهنجي خبر بہ تڏهن پئي جڏهن پاڻيءَ جي انهيءَ زبردست ريلي مون کي خيبر پختون خواهہ مان ڪٽي اچي پنجاب جي هڪ بستيءَ جي پرسان ڇڏيو. جتي ”پنجابي ڀائرن“ منهنجي جان تہ بچائي ورتي. پر پوءِ منهنجي مالڪيءَ تان منجهن جهيڙو ٿي پيو. هُو چوي تہ آئون ڪڍان, هيءُ چوي تہ آئون ڪڍان. تان جو همراه پاڻ ۾ وڙهي پيا. چڱي مڙس جهيڙو ٽارڻ خاطر, جهيڙي جي جڙ کي (مون کي) هڪ عورتن جي سوداگر جي حوالي ڪري ڇڏيو. پوءِ ڪيترن ئي عورتن جي واڙن تان ٿيندي ٿيندي هتي اچي پهتي آهيان. اِن وچ ۾, اِنَ ڏکي عرصي دوران, الله جيڪو ماڻهوءَ جي شه رڳ کان بہ ويجهو هوندو آهي, هڪڙي دانهن بہ ڪانہ ٻڌي. اُن سموري عرصي دوران جيڪي مون دانهون ڪوڪون ڪيون, جيڪي مون آزيون نيزاريون ڪيون, جيڪو مون رب کي ٻاڏايو جيڪي مون سائينءَ کي سڏڙا ڪيا, سي جيڪڏهن پٿر اڳيان ويهي ڪجن ها تہ اُهو بہ پگهر جي پاڻي ٿي وڃي ها. پر الله منهنجي هڪ بہ ڪانہ ٻڌي. مون کي ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. حالانڪ اسان جو سڄو ڪٽنب روزي ۽ نماز جو پابند هو. مون الله جي ڏاڍي ڳولا ڪئي پر مون کي ڪٿي بہ ملي نہ سگهيو. شايد منهنجي ”نيت سچي“ ڪانہ هئي. يا شايد منهنجي نصيب ۾ اِهو ئي ڪجھ لکيو ويو هو..... سو اوهان ڀلي ڳوليو. ٿي سگهي ٿو تہ اوهان کي الله ملي بہ وڃي. باقي وڃايل قبرن جا مدفون ڪڏهن بہ ملي ڪونہ سگهندا آهن.“ اشڪن جو عربي سمنڊ پڪراج جي اکين ۾ اُپ سان ملندڙ ڇوليون هڻي رهيو هو. سنڌوءَ جي ڇاڙن وانگر لڙڪن جون لارون سندس ڳاڙهن صوفن جهڙين مِٽِن تي ڳڙڻ لڳيون هيون. پر پوءِ هڪدم هن پاڻ کي سنڀالي ورتو. ليڪن جيستائين هُن پاڻ سنڀاليو, تيستائين هُوءَ علي مصطفيٰ کي اهو سڀ ڪجھ ٻڌائي چڪي

هئي، جيڪو پاڻ ٻڌائڻ نٿي چاهيائين ۽ جيڪو عليءَ ٻڌڻ ٿي چاهيو. خبر ناهي ڪهڙي جذبي تحت هوءَ نہ چاهيندي بہ پنهنجو اندر اوري ويٺي هئي. علي مصطفيٰ اچرج مان، حيران ٿيندي، خاموشيءَ سان پکراج جي مختصر درد ڪٿا ٻڌي ۽ هڪ ڏکھو ٿڌو شوڪارو ڀري ڪنڌ ڦيري ديوار تي لڳل تصوير کي ڏسڻ لڳو. هُو جذبات کان وهلورجي ويو هو. هُو پنهنجن جهڄندڙ جذبن کي هٿيڪو ڪرڻ لاءِ، وقت جي وِٿي حاصل ڪرڻ خاطر تصوير کي تڪيندو ئي رهيو، جنهن ۾ هڪڙي بکايل شينهڻ، اجايل هرڻيءَ کي پاڙيءَ جي ڏُبي مان پاڙي پيئڻ لاءِ ايندي ڦري آئي هئي. موت جي خوف ۽ حراس کان هرڻيءَ جون اکيون ڦاٽل هيون ۽ هوءَ وڏا وڏا چال ڀري پاڻ بچائڻ جا جتن ڪري رهي هئي.

جڏهن علي مصطفيٰ پنهنجي وهلور جي ويندڙ جذبات تي قابو پاتو تڏهن ٻيهر پکراج جي اکين سان اکيون ملائي لاڳيتو تڪڻ لڳو. هڪڙو ڀيرو وري بہ پکراج کيس ياد ڏياريو تہ:

”اوهان ويهو نہ، ٻينا ڇو آهيو. ڇا آئون ايتري لائق بہ نہ آهيان جو منهنجي استدعا قبول پوي.“ پکراج وري بہ ڪاروباري انداز اختيار ڪيو.

علي مصطفيٰ بہ قدم وڌي اچي پکراج جي پرسان ٻينو. هُوءَ بيڊ تي ٽنگون هيٺ لاڙي ويٺي هئي. فرش تي قالين وڇايل هو. ڳاڙهي رنگ جي غاليچي تي ديده زيب وٽڪاري اُٽيل هئي. علي پکراج جي لڙڪندڙ پيرن وٽ گوڏا ڀڃي ويھي رهيو. پکراج تڙپي پيئي. ٽپ ڏيئي اٿي بيٺي ۽ عليءَ جي هٿن ۾ هٿ وجهي کيس اٿارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ۽ چوندي رهي:

”هِي اوهان ڇا ٿا ڪريو؟ هِي اوهان ڇا پيا ڪريو؟ ايئن ڪو ٿيندو آهي ڇا؟ ايتري بي ادبي مون کان نہ ڪرايو. ڇا مون کان ڪا خطا ٿي آهي ڇا؟ اوهان هيئن فرش تي ڇو ٿا ويهو؟ فرش تي ويهڻ، اوهان جي پيرن جي خاڪ چمڻ تہ اسان جو ڪم آهي. اوهان ڇو ٿا ايئن ڪريو؟ جيڪڏهن لال جان کي خبر پئجي ويئي تہ منهنجي لاءِ جيئڻ مشڪل ٿي پوندو. اوهان منهنجي جيئڻ کي ڇو ٿا مشڪل بنايو؟....“

”تون فڪر نہ ڪر پکراج... تون ڪا ڳڻتي نہ ڪر... لال جان کي پيمنٽ ٿي چڪي آهي. صبح تائين اسان کي ڪير بہ ڊسٽرب ڪونہ ڪندو. تنهنڪري تون لال جان جو ڪو الڪو نہ ڪر.“

”پر بہ هيئن ٺيڪ ڪٿي ٿو لڳي تہ اوهان هيٺ فرش تي ويهو ۽ آئون مٿي بيڊ تي.“ پکراج فڪرمند ٿيندي چيو.

”اِها منهنجي خواهش آهي تہ تون مٿي ويهين ۽ مان هيٺ ويھي تنهنجي پوڄا ڪريان. تون

محبت جي ديوي آهين. تون حسن جي ديوي آهين. تون مون کي رڳو اجازت ڏي تہ مان صبح تائين تنهنجي چرنن ۾ ويهي تنهنجي پوڄا ڪندو رهان. تنهنجي اکين مان پريت جا پيالا پِري پيءَ پنهنجي پياس اُجهائيندو رهان... تنهنجي... تنهنجي...“

”علي مصطفيٰ صاحب، آئون هڪ ڪوٺي جو وڪاءُ مال آهيان. ۽ وڪاءُ مال بہ اُهو جنهن کي پنهنجو مُلهہ ڪٿڻ جو بہ اختيار ڪونهي. منهنجي قيمت ڪٿڻ ۽ وصول ڪرڻ بہ منهنجي وس ۾ ڪونهي. مون کي اِها بہ پڪ ڪانهي تہ سڀاڻي آئون هتي هونديس يا ڪنهن ٻئي عورتن جي سوداگر وٽ وڪجي وينديس. اوهان فضيلت ڀريا ماڻهو آهيو. هرپرورُجَ جي پويان ڊوڙڻ مان ڪهڙو فاعدو؟“

”ٻريل مَٿَ مان تہ هرڪو اُڃ اُجهائي ٿو پر خالي گهڙي مان سالن جي پياس پوري ڪرڻ جهڙي ديوانگي تو ڪڏهن بہ ڪانہ ڀڏي هوندي. ماڻهو تہ پيٽ گذر لاءِ هڪ پورهيت جي هٿن سان تراشيل پٿر جي مورتيءَ کي بہ خدا جو مقدس درجو ڏيئي پنهنجي سموري زندگي ان جي خوشنوديءَ لاءِ گذاري ڇڏيندا آهن. تون تہ وري بہ هڪ ساهہ کڻندڙ جيئرو ۽ سمجهہ ۽ ساڃاهہ رکندڙ انسان آهين ۽ چون ٿا تہ ماڻهوءَ ۾ سَوَ گڻ هوندا آهن. جيڪڏهن تنهنجي پرستش ۽ پوڄا سان منهنجي ماندي من کي ڪي گهڙيون سڪون نصيب ٿئي ٿو تہ منهنجي خيال ۾ توکي ڪو اعتراض نہ ٿيڻ گهرجي.“

”مون پهرين بہ عرض ڪيو تہ وڪائو مال جي وس ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو آهي. چڪايل قيمت واري عرصي دوران تہ اسين گراهڪ جي ڊسپوزل تي هوندا آهيون. سو اوهان جيئن چاهيو پنهنجو وقت پورو ڪري سگهو ٿا. مون تہ رڳو اِهو عرض ٿي ڪيو تہ اوهان رُڃَ جي پنيان وقت وڃائڻ بدران هيءَ حقيقت قبول ڪريو تہ آئون هڪ ڪوٺي تي ويٺل رنڊي آهيان ۽ هن مردن جي معاشري ۾ رنڊيءَ کي استعمال تہ ڪري سگهجي ٿو پر پاڻ سان گڏ ويهاري نٿو سگهجي. چو تہ رنڊيءَ کي استعمال ڪرڻ وارو مرد تہ وري بہ معتبر هوندو آهي ۽ رنڊي صرف رنڊي رهجي ويندي آهي. مرد جي انهيءَ گُدي ڪرتوت کي مردانگي، معتبري، عياشي ۽ وقت جي وندر جهڙا خوبصورت لحاف اوڙهي صاف ستھرو ۽ اجوا اجرو مجيو ويندو آهي. باقي رهي عورت، تنهن کي بدڪردار، جسم فروش، وحشيا، ڪال گرل، چالو مال، رنڊي، ڇڪلائڻ ۽ الاجي ڇا جو ڇا، ۽ الاجي ڪهڙن ڪهڙن لقبن ۽ نالن سان نوازيو وڃي ٿو ۽ سندس جاءِ فقط غلاظت جي ڍير تي هوندي آهي. تنهن ڪري اوهان جنهن مقصد لاءِ هتي آيا آهيو ۽ جنهن ڪارج لاءِ پيمينٽ ڪئي اٿوَ اُهو مقصد ماڻيو باقي اسان جهڙين کي اسان جي حال تي ڇڏي ڏيو.“

”تو ۾ ڪنهن کي قائل ڪرڻ جي وڏي صلاحيت موجود آهي. تو ۾ پٿر کي رِجائي پاڻي ڪرڻ

جي بہ خاص صلاحيت آهي. پوءِ بہ تون ڪنهن درد رکندڙ دل واري مرد کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪري سندس سهارو ڇو نہ حاصل ڪري سگهي آهين؟ مون کي حيرت آهي!!“

”هينئر مون کي ڪير رنڍي چوندو تہ مون کي ڪاوڙ ڪانہ ٿيندي، ڇو تہ هينئر آئون آهيان. پر هتان وڃڻ کان پوءِ بہ مون کي ڪنهن رنڍي چيو تہ اُهو طعنو آئون سهي ڪانہ سگهنديس. تنهنڪري آئون اهڙو عمل ڪرڻ ئي نٿي چاهيان، جيڪو بعد ۾ آئون برداشت ڪري نہ سگهان.“

”منهنجي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟“

”ڪهڙي حوالي سان؟“

”جيڪڏهن مان تنهنجو خادم ٿي رهڻ چاهيان تہ؟“

”آئون اوهان کي پنهنجي اُن گراهڪ جي حيثيت ۾ ٿي ڏسان، جيڪو مون وٽ پهريون ڀيرو آيو آهي. ۽ پهريون ڀيرو ايندڙ هر شخص وڏيون وڏيون دعوائون ڪندو آهي. سو منهنجي لاءِ اِها ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي.“ پڪراج ڏاڍي چيڙهائيندڙ لهجي ۾ چئي ڏنو.

”تون بلڪل صحيح ٿي چوين. تنهنجي اِها بيباڪي ۽ صاف گوئي مون کي ڏاڍي وڻي.“

”اسان کي صاف گو ۽ بيباڪ اِن ڪري بہ ٿيڻو ٿو پوي جو اسان جي دل مان عزت ۽ ذلت وارو ڊپ نڪري چڪو آهي. اسين انساني غلاظت ۽ پستيءَ جي انتهائي هيٺين لڪير تي پهتل آهيون. اِن کان وڌيڪ اسان کي ڪير هيٺ ڪري بہ ڇا ٿو سگهي؟! جنهن جو ڊپ ٿئي. باقي رهيو موت، سو تہ هونئن بہ هڪڙي ڏينهن اچڻو آهي. پوءِ ڊپ ڇا جو؟!“

”جن جن ماڻهن توکي زندگيءَ جي هِنَ موڙ تي آڻي پهچايو آهي، تن سان حساب چڪائڻ جي دعوي ڪرڻ تہ فضول آهي. باقي هڪڙو تو سان مڙساڻو واعدو ٿو ڪريان تہ جيڪڏهن تون مان سان گڏ رهڻ چاهين،تہ مان اُهي سمورا زخم ڇيڻڻ جي انتهائي ڪوشش ڪندس، جيڪي هيستائين توکي مختلف مردن پهچايا آهن. جيئن تو پنهنجو ماضي وساري ڇڏيو آهي، تيئن مان بہ تنهنجو ماضي وساري توکي گلاب جي پتين تي ڪريل صاف شفاف ماڪ ڦڙن جهڙو مان ڏيندس. سڄي عمر تنهنجي غلاميءَ ۾ گذاري ڇڏيندس. مان تنهنجي خدمت کي عبادت جو درجو ڏيئي تنهنجي پوڄا ڪندس... مان... مان...!“

”پر آئون اِن لائق ناهيان.“

”ڇو؟“

”آئون تنهنجو ساٿ نباهي ڪانہ سگهنديس.“

”پر ٻه ڇو ته سهي؟“

”اوهان کي منهنجو مشورو آهي ۽ اوهان لاءِ بهتر به ائين آهي ته اوهان هِن جاءِ تي رڳو دل وندرائڻ ئي ايندا ڪريو. هيءَ بيوفائين جي بازار آهي. هتي وفائن جي اميد رکڻ، پاڻ ئي پاڻ کي اذيتون پهچائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي. ڏنڏوڙي ماڻهن جو خدا پئسو هوندو آهي. اُهي وفائن جي ڄار ۾ ڪونه ڦاسندا آهن. پر اُهي ٻين کي دوکي جي ڄار ۾ ڦاسائي ڪين ڪنگلو ڪرڻ ڪانپوءِ اکيون ڦيري اڻ سڃاڻو ٿي پوندا آهن ۽ ڪِرِيلَ ماڻهوءَ کي وري اٿڻ ۾ وقت درڪار هوندو آهي.“

”پر سڀ آڱريون برابر ڪونهن. هتي جا به سڀ ماڻهو هڪ جهڙا ڪونهن. پري ڪونه ٿا وڃون. تون پاڻ کي ئي ڏس. مون هتي هيستائين ٻين کان ڪڏهن به اهڙيون ڳالهيون ڪونه ٻڌيون آهن، جهڙيون اڄ تون پئي ڪريئين. تون اڇي اجري آهين. تون وفا جو پيڪر آهين. تون پيار جو مجسمو آهين. تون عشق جي امام آهين. تون... تون... تون، هينئر جيڪا تون آهين، سا تون، تون ڪانه آهين ۽ جيڪا تون هينئر آهين، تنهن سان نه، پر جيڪا تون هينئر ڪانه آهين، تنهن تونءَ سان مان کي محبت ٿي ويئي آهي. مان اُن تونءَ کي پنهنجي دل جي انتهائي ڳجهن خانن ۾ لڪائي ويهارڻ چاهيان ٿو. جتي ان کي ٻيو ڪير به ڏسي نه سگهي. جتي صرف مان اُن جي حضور ۾ رڳو پنج وقت نه، پر هر وقت عشق جا سجدا ڪرڻ چاهيان ٿو. جتي ٻيو ڪير به نه هجي. رڳو تون هجين ۽ مان هجان. جتي خدا جي ٻيءَ خدائيءَ جي به ضرورت نه هجي. جتي رڳو تنهنجي عشق جو چانورو هجي ۽ مان محبت جي مٽيءَ ۾، پيار جي پاڻيءَ سان عشق جا ٻوٽا پوکيندو هجان. جيڪي عشق جا گل جهلين، جيڪي عشق جي سرهاڻ ڦهلائين. جيڪي عشق جا فصل ڏين... پڪراڄ... پڪراڄ مان ميڄان ٿو ته توکي هن اسٽيج تي آٽڻ ۾ مردن جو ئي ڪردار آهي.. پر... پر... هڪڙو ڀيرو مون تي اعتبار ڪري ڏس. مون تي ڀروسو ڪري ڏس...!“

”اوهان وڏي هام ته هڻو پيا، پر آئون اُن نوجوان حسن پرست ۽ هوس پرست مرد تي اعتبار ڪيئن ڪريان جو هن ڪوٺي جو مستقل گراهڪ آهي. جنهن جي قدردانيءَ جي واڪاڻ لال جان ڪري ٿي ۽ خاص پارت ڪري ٿي. ڪهڙي خبر اوهان سياڻي ڪنهن ٻيءَ جي ڳالهين جي حسين ڄار ۾ ڦاسي، ان کي عشق جا سجدا ڪرڻ شروع ڪري ڏيو جيئن اڄ منهنجي ڳالهين جي ڄار ۾ ڦاسڻ جو ڏيکاءُ پيا ڏيو! ڪهڙي خبر ته هن کان اڳ ۾ به ٻين ڪيترين کي اهڙا سهڻا خواب ڏيکاري چڪا هجو! اوهان جي اڄ مون سان پهرين ملاقات آهي ۽ پهرين ملاقات ۾ ئي اوهان زمانن ۽ مڪانن جون اُهي سموريون سرحدون اورانگهي ويا آهيو جن تائين پهچڻ لاءِ ماڻهن جون عمريون ڳري ويندڙيون آهن. اوهان پاڻ

ٻڌايو جيڪڏهن اوهان جي جاءِ تي آئون هجان ۽ منهنجي جاءِ تي اوهان، تہ ڇا اوهان پهرين ملاقات ۾ اُهي سمورا خدشا، ڊپ، خوف ۽ دوکي جون ديوارون پار ڪري ويو ها، جن جي اوهان مون مان تقاضا ڪري رهيا آهيو؟!“

”پڪراج... پڪراج... تنهنجي انهيءَ سوال جو مون وٽ ڪوبہ جواب ڪونهي. مان تو وٽ وري ايندس ۽ وري ورِي پيو ايندس. ۽ تيستائين پيو ايندس، جيستائين منهنجي وفا ۾ توکي يقين اچي، تيستائين پيو ايندس.“ پوءِ علي مصطفيٰ باقي وقت هيٺ غاليچي تي ئي گوڏا ٻيجي پڪراج جي سامهون ويهي سندس اکين ۾ تہ ڪڏهن منهن ۾ نهاريندو رهيو.. نهاريندو رهيو..! ۽ پڪراج بہ عليءَ جو لحاظ ڪري هيٺ غاليچي تي ئي ويهي رهي.

ٻئي ڏينهن ساجهر ئي علي مصطفيٰ لال جان جي ڪوٺي تي پهچي ڪمري نمبر 11 جي هڪ مهيني لاءِ سموري رقم هيڪاندي جمع ڪرائي بڪنگ ڪرائي ڇڏي. لال جان سان اهو بہ طئي ٿيو تہ علي چاهي اچي يا نہ. پر ٻيو ڪوبہ گراهڪ پڪراج ڏانهن نہ ويندو ۽ اهو بہ تہ هن امر جي ڄاڻ پڪراج کي نہ پوندي.

علي مصطفيٰ روزانو يا ٻئي ڏينهن ايندو رهيو ۽ سڄي رات ويهي پڪراج جي سراپا ۽ خصوصاً سندس اکين ۾ نهاريندو رهندو هو. اُن ڪان اڳتي ڪا بہ شيءِ ڪانہ ٿيندي هئي. اهڙيءَ طرح ٽي هفتا گذري ويا. انهن ٽن هفتن دوران علي مصطفيٰ ڏاڍي صبر، ڏاڍي تحمل، ڏاڍي سهپ ۽ بردباريءَ جو مظاهرو ڪندو رهيو. هُو پڪراج کي پنهنجي محبت ۽ وفا جو يقين ڏياريندو رهيو ساڻس سات نباهڻ جا وچن ورجائيندو رهيو. منٿون ۽ ايلاز ڪندو رهيو. پر پڪراج جي پٿر ٿي ويل دل رِجي پاٽي ٿيڻ کان نابري واري ويٺي رهي. اُن عرصي دوران هُو پنهنجي گهر، پنهنجي ڪاروبار ۽ پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کان پڪراج کي واقف ڪري چڪو هو. علي مصطفيٰ پڪراج کي اهو بہ ٻڌائي چڪو هو تہ هُو پنهنجي پنج سال اڳ پرڻيل زال سان چو بيوفائي ڪري رهيو هو. هُن جو چوڻ هو تہ بيوفائيءَ جي شروعات پاڻ نہ پر سندس زال ڪئي هئي. هوءَ پنهنجي ڪنهن ٻواءِ فرينڊ سان شاديءَ کان پوءِ بہ ملندي رهي هئي، جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ ساڻس گڏ تعليم حاصل ڪندو هو. اول تہ هوءَ اِنهيءَ حقيقت کان انڪار ڪندي رهي. پر پوءِ جڏهن ڪيس سگ سوڌو پڪڙيو ويو تڏهن بہ هن پنهنجي دوست جي پچر ڇڏڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي هوڏ تي قائم رهي. پوءِ هُن ڪيس گهر مان لوڏي ڪڍي ڇڏيو آهي. پر ڪيس طلاق اِن ڪري نٿو ڏي تہ جيئن هوءَ ٻي شادي نہ ڪري سگهي. اِهو بہ تہ سندس زال نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ فيملي ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي آهي.

ڪيس هلي پيو. جڏهن وڃي فيصلو ٿئي. سندس وڪيل ۾ متعلقه ڪورٽ جو عدالتي عملو ڳري معاوضي عيوض ڪيس کي اينگهائي رهيا آهن.

علي مصطفيٰ ۽ پکراج جي وچ ۾ هاڻي اختلافي نقطو به فقط اهو وڃي بچيو هو ته هُو سندس زال کي طلاق نه ڏيئي ڪري ناانصافي ڪري رهيو هو. جڏهن ته عليءَ جو چوڻ هو ته هُو سندس زال کي ڪيل بيوفائيءَ جي سزا ڏيئي رهيو هو. پکراج کي خدشو هو ته جيڪو مرد حال هڪيو هِن وقت به عورت سان دولت جي عيوض ناانصافي ڪري رهيو آهي, تنهن مان اڳتي چڱائيءَ جي ڪهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي.

علي مصطفيٰ کي ملڪ اندر ئي ٻئي شهر ۾ ڪاروبار جي سلسلي ۾ وڃڻو پيو. ڪو پرڏيهي واپاري وفد آيو هو جنهن سان ڪاروباري مامرا ڏورڻا هئا. سو ڪيس لاڳيتا چار ڏينهن لڳي ويا هئا. پر ان عرصي دوران هو لال جان کان فون ذريعي پکراج جي خبر چار پيو وٺندو هو.

جڏهن لاڳيتا چار ڏينهن وٽس ڪو گراهڪ ڪونه آيو تڏهن پکراج کي سندس شڪ ثوري پڪ ۾ بدلبو ڏسڻ ۾ آيو. پکراج کي پهرين ئي شڪ ٿيو هو ته گذريل ٽن هفتن دوران سواءِ عليءَ جي, ٻيو ڪو گراهڪ نٿو اچي, سو ڪٿي ايئن ته ڪونهي ته عليءَ سندس لاڳيتي بڪنگ ڪرائي ڇڏي هجي. پر چاڪاڻ ته گذريل ڏينهن ۾ علي گهڻو ڪري روزانو نه ته به ٻئي ڏينهن ضرور وٽس ايندو هو. پر جنهن ڏينهن ڪير ڪونه ايندو هو ته هوءَ ايئن سمجهندي هئي ته ڌنڌي جي موڙيءَ سبب ڏينهن خالي وڃي ٿو. سو جڏهن وٽس لاڳيتا چار ڏينهن ڪير ڪونه آيو ۽ پنجين ڏينهن آيو ته وري به علي مصطفيٰ ئي آيو. تڏهن کيس پڪ ٿيڻ لڳي ته معاملي ۾ ڪا گڙٻڙ ضرور آهي. سو ان رات موقعو وٺي پکراج عليءَ کان پڇيو:

”علي مصطفيٰ صاحب, هڪڙي ڳالهه پڇان, مون سان ڪوڙ ته نه ڳالهائيندا نـا!“ پکراج ماڻي سان گڏ حجت ڪندي, مسڪرائيندي چيو.

”ها,اِهو سچ آهي ته مان تنهنجي سڄي مهيني جي ايڊوانس پيمينٽ ڪري هيڪاندي بڪنگ ڪرائي ڇڏي آهي. اِهو ئي تو پڇڻ ٿي چاهيو نـا!“ عليءَ پکراج جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

”پر اوهان کي ڪيئن خبر پيئي ته مون اِهو ئي پڇڻ ٿي چاهيو؟“ پکراج حيران ٿيندي چيو.

”مون جو سڄو مهينو رياض ڪيو آهي, تنهن جو ڪجهه ته اثر ٿيڻو هو نـا!“

”ڇو؟ آخر اوهان ايڏي وڏي رقم جو زيان منهنجي لاءِ ڇو ڪيو؟“ پکراج خفا ٿيندي پڇيو.

”پڪراج... مان توکي وڃائڻ نٿو چاهيان... مان توکي وڃائڻ نٿو چاهيان.“ التجا ڀريو آواز آيو.

”پر هيئن تہ اوهان جي سموري جمع پونجي، ڌن دولت، ڏنڌو ڌاڙي سڀڪجهہ داءَ تي لڳي ويندو. اِها تہ اکين ڏٺي تباهي آهي. اوهان ايئن ڇو ٿا ڪريو؟“ پڪراج پريشان ٿيندي چيو.

”جيسين راڻو نٿو ريجهي، تيسين منهنجو سک چين ۽ آرام بہ تہ داءَ تي لڳل آهي. منهنجي سامهون سک چين ۽ آرام ڪان وڌيڪ پئسو ناهي.“

”۽ جڏهن کيسا خالي ٿي ويندا، تڏهن اِها ئي لال جان، جيڪا اوهان تان قربان پيئي ٿئي، سا اوهان لاءِ گيٽ ئي بند ڪري ڇڏيندي. اندر اچڻ بہ ڪانہ ڏيندي.“

”ملندو تہ ملندياس، نہ تہ گهوري جان جتن تان.“ علي مصطفيٰ لاپرواهيءَ مان چيو.

”پنهنجي تباهي ۽ بربادي ڪري اوهان ڇا ٿا ثابت ڪرڻ چاهيو؟.“ پڪراج پريشان ٿي وئي.

”اِهو ئي تہ مون جهڙا چريا ديوانا اڃا بہ دنيا ۾ موجود آهن.“

”مون کي اوهان جي انهيءَ سوچ ۽ طرز عمل تي ڏاڍو ڏک ۽ افسوس ٿو ٿئي.“

”مان اِها ئي تہ ڳالهہ چاهيان ٿو تہ تباهہ ۽ برباد ٿيڻ کان اڳ تون مون کي بچائي وٺ. مان پنهنجي وس ۾ ناهيان رهيو. هاڻ منهنجي عزت ذلت، مان مرتبو ۽ زندگي ۽ موت تنهنجي هٿ ۾ آهي. چاهين تہ مونکي بچائي وٺ. نہ تہ مون پنيان ٻيڙيون ساڙي ڇڏيون آهن. مون لاءِ واپسيءَ جو ڪو رستو ناهي بچيو. مان پنهنجي تباهي ۽ بربادي جو الزام توتي ڪونہ هڻندس. ايترو باقي ضرور چوندس تہ مان پنهنجو سڀ ڪجهہ تو تان قربان ڪري ڇڏيو. پڪراج... پڪراج مون کي رڳو ايترو ٻڌائي تہ توکي ريجهائڻ ۽ راضي ڪرڻ لاءِ مون کي اڃا ڇا ڇا ڪرڻو پوندو. مان هر حد پار ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

پڪراج خاموش ٿي وئي. ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڇڏيائين. خاموشي طويل ٿيندي وئي. ڪمري ۾ مڪمل سانت ڇانيل هئي. ڪجھ گھڙيون ڪان پوءِ پڪراج ڪنڌ مٿي ڪنيو. سامهون علي مصطفيٰ مسلسل سندس منهن ۾ نهاري رهيو هو. ڳوڙها عليءَ جي اکين جا بند ٽوڙي مِڙن تان ٽمي رهيا هئا. پڪراج ڪان ڇرڪ نڪري ويو. هڪ ڀيرو وري اکين اکين سان زور آزمائي ڪرڻ شروع ڪئي. اکين ڇنيڻ ڇڏي ڏنو. دلين جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿيڻ لڳي. ڪي ساعتون... يا ڪي صديون... بہ مجسما... خاموش خاموش... آمهون سامهون... پنبڻيون... ۽... ۽... الاجي ڪيترن ايامن کانپوءِ... پٿر جي تراشيل مجسمن ۾ هلڪي چرپر پيدا ٿي... ۽ پڪراج ويٺي ئي ويٺي... رومڙ ڪري عليءَ کي چنبڙي وئي... بہ ئي جسم هڪ ٿي ويا... ٻنهہ مانيٽا سڏڪا آهستي آهستي سانت جي راڪاس کي پٽريون

هٽڻ لڳا... ڳچ دير تائين... ڳچ ڳچ دير تائين... ۽ پوءِ عليءَ پکراج جو چهرو پنهنجي هنج ۾ رکي سندس ڳلن تان وهندڙ لڙڪ اگهيا...

هڪ سال ڪانپوءِ... علي مصطفيٰ صاحب لال جان جي ڪمري ۾ ويٺو هو. البم سندس هٿن ۾ هو. البم جا ورق اٿلائيندي لال جان کان پڇيائين: ”يلا ڪو نئون پکي ڦاسايو اٿئي، يا ساڳين بدڪن تي آرو ڪريو ويٺي آهين.؟“

*”اوئے چھڈو جی، تسی تے ہر ویلی نیا پرندہ منگدا اے- ہور سٹاۓ، پکھراج دا کی ہویا؟“*

*”اوئے چھڈو جی،* پنيان نہ مُڙ اڳيان ڏس.“ ۽ عليءَ جو وڏو ٽهڪ ڪمري ۾ ٻُرڻ لڳو.

*(20 فيبروري 2012ع)*

❊

# اکين ۾ رهجي ويل عڪس

”اي، ڪچاڙو تو ڏسين؟“ حڪوءَ مُنهن ۾ گُهنڊ وجهي رُکي نموني ۾ پڇيو.

”کُدا (خدا) جي ڪدرت (قدرت) پيو ڏسان ٻيوا“ صابوءَ ٿڌي لهجي ۾، مُنهن تي مرڪ آڻيندي خوش دليءَ سان ورندي ڏني.

”کدا جي ڪدرت!؟ هتي وري ڪٿان آئي کدا جي ڪدرت! هتي تہ رڳو آئون بيٺي آهيان.“ حڪوءَ صابوءَ جي ڳالهہ ڪانہ سمجهي، سو هيڏانهن هوڏانهن لوٽا ڦيري ورائي پڇيائينس.

”تون ئي تہ اَهيئين کدا جي ڪدرت، ٻيو وري ڪيڙي (ڪهڙِي)!“

”آئون کدا جي ڪدرت اَهيان! ٻتال ٿيو اَهيئين ڪيئن؟“

”نڪو نہ ٻتال ٿيو آهيان ۽ نہ ڪا ئي ڪا ڪل ٽڙي آهيم. هي تونجيون سدا ملڪوڙيون اکيون، هي تونجاڪارن پڪل جموئن جيڙا (جهڙا) چپ، تونجي ڪونج جيڙي ڊگهي ڳچي، سوئيري (سرمي) جهيڙو سانورو رنگ، ناريل جي وڻ جيڙو ڊگهو قد، اڇن باسمتي چارن (چانور) جيڙا ڏنڌ! اِها ئي تہ آهي کدا جي ڪدرت، ٻيو وري ڪيڙي ٿيندي آهي کدا جي ڪدرت!“ صابوءَ ڏنڌ ٽيڙيندي هلڪي کل ڪلندي چيو.

”چوئين (چوين) ڪچاڙو پيو؟ مٿو ڪراب ٿيو ائيني گـ؟ چڱيءَ ڪي مرين تہ هيءُ ٽڙ ٽِڏي وڃ، وڃين پانجي (پنهنجي) گهر جي اڱيان ٽُورو ٽي ٻيهي، هِتي ڪچاڙي لاءِ ٽنگيو بيٺو اَهيئين.“ حڪوءَ صابوءَ کي چنڊ پٽيندي چيو.

”ٿڌي ٽي مولاڻ، ٿڌي ٽي. ايڏي ڪاوڙ پہ ڪا سونهي ٽي گـ. سو پہ تو جيڙي پلوڙ زال کي، ڏسڻ ۾ تہ ايڙي روٺ، مُنهين ڪانہ ٽي اڇين. پوءِ تونجو هيءَ ڳالهائڻ ايڏو ڪارو ڪو؟“ صابوءَ حڪوءَ جي داٻي کي نظر انداز ڪندي چيو.

”هاڻ نهيو نهيو. جهل وات پانجو. ايڙا لڙا ٻين کي وڃين هڻ. اجايو حُجاتي نہ ٿي. ماٺ ڪري پانجو گس وٺ“. حڪوءَ مُنهن سُجائيندي چيو.

”مون تہ پانيو هو تہ جيڙي ڏسڻ ۾ پلي آهين، تيڙي ڳالهائڻ ۾ پہ مني هونديئين. پر تون تہ مرڳو لٽ سان پيئي اڇين. جي رنج ٿيئين تہ سچي پچي هليو وڃان.“

”چُٺان ني تہ پيئي، ٻيو اجا پٽڪو لاهي پيرن تي رکان ني. پوءِ ويندين چا؟“

”پوءِ پہ ايڏو گرم نہ ٿي مولائڻ. ڏک جي ڪار ڪانهي. ڳال ڳال سان ڇتندي. ڏيئي وني پہ مون توڏانهن ٺلهو نهاريو ئي تہ آهي. ڪو لٺ ڏڪو تہ ڪونہ هنيو آهيم.“

”پر پہ ڪو تہ پيو نهاريئين. اڳي ڪڏهن ڪا ڇوڪري ڪانہ ڏٺي ائيني ڳ.“

”ان ڪري تو نهاريان جو تون مون کي الاهي الاهي تي وڻين. پر ڪئر (خير)، جي توکي مون جو ٺلهو نهارڻ پہ نٿو وڻي تہ اڳتي لاءِ ڪٽي تو ۾ ڪونہ نهاريندس. پر هليا. ٿورو اوريان ٿي تہ ڦيڻ مکيان ني. متان نہ مرڳو مونجو نظر نہ لڳي پوني.“

ڦيڻ مکڻ جي ڳالهہ ٻڌي حڪوءَ کان ٺهڪ نڪري ويو ۽ هوءَ پوتيءَ جو پلاندُ مُنهن تي ڏيئي الاهي دير تائين کلندي رهي. سندس ڪاوڙ هوا ٿي اڏامي ويئي.

”ٻيلي شڪرانو ڪِليئين تہ سهي. نہ تہ هُجَ (هونئن) تونجي دابي تہ مرڳو مونجا ڳُونَهہ مُٺَ سوڙها ڪري ڇڏيا هئا. ڇئو تہ هاڻ وري ايڙو دابو تہ ڪونہ ڏينديئين نہ. نہ تہ مرڳو آئون هيءَ جُوءُ ئي ڇڏي هليو ويجان. اَلها! (الله)“

حڪو اجا تائين پئي کِلي.

”قسم سان. سچي تو ڇئان. اسين گريب ماڙهو سهي جي ڪَلَ! نہ ڳڙو ٻوليون ۽ نہ دابو سهي سگهون. اسان جي ميڻ جي دل. سو ٻيلي. اسان جي مڙيو ئي پارت هجني. وڏيڪ مٺا ٿيا جيئرن وس. ماريو تو ڙي جيئاريو. آنجي آهي مرضي.“

حڪوءَ پنهنجي بي مهار کِلَ روڪي صابوءَ ڏانهن نهاريو. ”ڏسڻ ۾ ڪيڙو ميسڙو تو لڳين. پر پانيان تي تہ اَهيئين ٻئي ڪُلهيون وهينل. ڳالائڻ تي تو اچين تہ جهل ئي ڪونہ تو ڏيئين. الاجي ڪٿان کان ڪٿي وڃيو پڄين. متان وري نوڪَ اِها تہ گريب اَهيان. سهي جي ڪَل!“

”هيڏانهن. جا....! نالو ڪجاڙو ائيني .... ؟“

”حَڪُو.“

”ها حڪو. مونجو نالو صابو آهي. سو جا حڪو. ڳاڙهي قرآن جو سُنهن تہ آئون ميسڙو ڪونہ اَهيان. جيڙو ٻهار (ٻاهر) اَهيان. تيڙو ئي منجهہ اَهيان. اِهو تہ مڙيئي تونجي ڪاوڙ کي ڍرو ڪرڻ لاءِ اِجَ (ائين) پئي درڙيون (درٽيون-منٽون) هئيم. سچي ڳال هيءَ آهي تہ جڏهن کان تون اسانجي ڳوٺ ۾ آئي اَهئين ۽ جڏهن کان توکي ڏٺو آهيم. تڏهن کان سک ڦٽي پيو آهيم. تونجي سامهون تہ ڪونہ تي آهيس. پر گسان پنڌان لڪيو ڇپيو تونجو ديدار پيو ڪندو هوس. پر پوءِ جڏهن ڏٺم تہ توکان سواءِ ساٽ (ساعت) پہ ڪانہ تي سريم. تڏهين ٻن ڏينهن کان ڳلوڙو ڪُنڊي ڪٽي اڇيو آنجي گهر مانڌان

(اڳيان) تڙ تي مڇي مارڻ جو موٽو (بهانو) ڪريو بيهو رهان. ڪالهہ تہ سچو ڏينهن نهاري نهاري اکين ۾ پڇيون پئجي ويون پر تون ٻهار ئي ڪانہ نڪتيئين. اڄ وري آئي آهئين تہ مرڳو داڀن سان اُڦٽ ساهہ تي ڪيدين"، جا. حڪوا بار چا پير جو سُنهن تہ تون مرڳو مونجي دل ۾ گهر ڪري ويهي رهي آهيئين."

"اي هاڻ نهيو نهيو ايڙيون قواليون تہ آنکان ڪير سکي." حڪوءَ ماٺو ڪيو.

"اِهي قواليون ڪونهن حڪو اِها منهنجي دل جي ڳالهہ آهي، اتبار (اعتبار) ڪر حڪو." صابوءَ منت ڪئي.

"چڱو چڱو هاڻ پري ٿي، تڙ ڪالي (خالي) ڪر تہ آئون پاٽيءَ جو دلو پريان. ويچارو مجني جو ماسات." حڪوءَ ٺوڪ ڪندي مسڪرائيندي چيو.

"ها اِڄَ پہ هوندو ويچارا جو ٿياسين. باقي هڪڙي ڳال پڌري پٽ پئي آهي تہ زوريءَ نہ پيار ٿيندو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن ڪي زوريءَ دل ڏبي آهي. سو جي سچي پچي رنج ٿئين تہ آئون وري تون جي ڳسان پنڌان نہ اچان. چو تہ هرپرو آئون ڪنهن جي دل ڏکايان، اهو مونجو وڙ ڪونهي."

"مرڳوان منزل تي پُجي ويو آهيئين ڪيئن! اجا دير ئي گهٽي ٿي آهي." حڪوءَ هڪ دلربا مرڪ مرڪندي چيو.

"هُجَ تہ ٻڌو آهيم تہ دلين جي وچ ۾ نہ پنڌ ويچا وجهندا آهن ۽ نہ ئي ڪا وکت (وقت) جي اهميت رهندي آهي. ست سمونڊ پہ ڪن پل ۾ اُڪرجيو وڃن تہ صديون پہ ساعت ۾ گذريو وڃن. پر مون ڪي تہ سچو سارو بار پريو مهينو ٿيو آهي تولاڪ اُسڙڪندي. پهريئين ڏينهن، جڏهن تون ڍاسن (ڍاٽسن پڪ اپ) مان پئي لٿيئين، تڏهن توتي نگاهہ پئي هُئيم. اوڏي مال (مهل) ئي جيڙو ڪر ڪنهن هينئين ۾ ويرَمُٽ (ڪارو جادو) وهي چڏي هئي. ۽ ... ۽ تون پئي چئين تہ دير ئي گهٽي ٿي آهي." صابوءَ پنهنجي دل کولي حڪوءَ مانڌان رکي.

"يلا يائيرَا! تون تہ ماڳهين ڪو اوڏيءَ مال ئي چتايو بينو هُئين. آئون تہ توکي اڄ پهريون ڀيرو پئي ڏسان." حڪوءَ بي خبري ظاهر ڪندي چيو.

"چوندا ڪونہ آهين تہ 'سکيو ڪنهي پيٽ، ٻُڪيئي وجي ساهہ..!' سوجيسين تونجي نگاهہ مون تائين پهتي آهي تيسين باقي ڪي پساهہ وجي بچيا آهين، سو پہ مٿان وري داپا."

"مون ڪي ڪبر ڪانہ هئي تہ ڪو تو جيڙا شودا مرڳو اڪايو بينا آهين تہ ڪتان تا ٻوڏ جا ستايل ماڙهو اچن، تہ هي عاشق جيوڙا پانجو عشق لڙائين. جي هيل مينهن نہ پون ها ۽ ٻوڏ نہ اچي ها تہ پوءِ

تونجو ڪچاڙو ٿئي ها! تون ڪنهن جي لاءِ ڳُنڍيون ۽ ڪلوڙا ڪٺي اچي ٻيهين ها!“ حڪوءَ طنز ڪندي چيو.

”حڪو تون پلي مون تان مشڪري ڪر. پلي ٺوڪرون هڻ، پر مون توسان دل واري ڪئي آهي.“

”پلا مڙس! ٻيو ڪو چُوندو تہ سچي پيو چئي.“

پوءِ صابو ڪنڊي ۽ ڪلوڙو ڪٺي پنهنجي گهر روانو ٿيو.

تڏهن حڪو ستڻ جا وَرَ ڪُنجي گوڏن تائين مٿي ڪري، دلو ڪٺي پينجاري واهہ جي تڙ تي پاٽيءَ ۾ لهي پيئي. دلي ڪي اندران توڙي ٻاهران پاٽيءَ ۾ آچلائي ڌوئي صاف ڪري، پاٽي پري دلو ڪٺي ڪچ تي رکيائين ۽ آهستي آهستي ڪري پاٽيءَ مان ٻاهر نڪري ڪپر تي آئي. هيڏانهن هوڏانهن لوٽا ڦيريائين، پر صابو ڪٿي بہ ڪيس ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. الاجي ڇو سندس دل جي ڪنهن پاسي ۾اِهو خيال ڳر موڙي رهيو هو تہ ڪٿي نہ ڪٿي، ڪو ڳُنڊ پاسو وٺي صابو ضرور لاڪائنس ٻيٺل هوندو. پر جڏهن صابو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيس، تڏهن جهڙو ڪر دل ۾ ڪيس ڪو جهٽڪو محسوس ٿيو.

”الا! ويچاري ڪي هران پران (هرويرو) تڙي ڏيئي پريشان ڪيم. جي رڳو بہ اڪر ڪلي ڳالايان ها تہ مونجي گهران چا وڃي ها. مڙيئي هن جي دل ڪُوش ٿئي ها ٻي. پر ڪئر، نيڪ آهي، جي ڪلي ڳالائجيس ها تہ مرڳو منجهائنس قاسي وڃجي ها. هجر ئي پيو چُوئي تہ پهرئين ڏينهن ڪان وٺي تولاڪ ماندو آهيان، سو ڏسان تہ اڳتي ڪچاڙو تو ڪري“ حڪو پنهنجي دل ۾ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهي هئي...

”پر پيلي حڪو اجائي اَتڙي (جلد باز) نہ ٿي. هنن مردن تي ايترو تڪڙو اتبار (اعتبار) بہ نہ ڪر. ايڙا ميسڙا رڳو ڪم ڪڍائو هوندا آهين. پڏو ڪونہ ائيني تہ ’ميسڙن مان مسيتون (مسجدون) ٻرن...‘ بس ڪم لٿو ڪاڳر ڦاٽو. پو (پوءِ) سڃاڻيندا بہ ڪونہ. ٻي ڳال تہ آئون پرائي ڳوٺ ۾ ڏُرجي (دربدر ٿي) آئي آهيان، ڪو گهوٽ پسند ڪرڻ ڪانہ آئي آهيان. پانجن پکن جي تباهہ ٿيڻ ڪان پوءِ هتي اچي بہ تي ڏينهن پناهہ ورتي ائينون. حال هڪيو تہ پراين تڪرن تي پيٽ ڪوڙيو پيا آهيون. پاٽيءَ سُڪندا تہ هليا ويندا سين ۽ وري وڃي اباڻا اجها آباد ڪيندا سين. اجا بہ وڏي ڳال تہ مون ڪي ڪيڙي شادي ڪرٽيِ آهي جو آئون اجايو پيئي وهلور وجان ۽ هي ڳاليون پئي سوچيان...“ اِهي پُور پچائيندي حڪو پاٽيءَ سان پريل گهڙو ڪٺي گهر اندر هلي ويئي.

حڪوءَ جن جو گهر، سندس ٻن چاچن جا گهر ۽ هڪڙو سندس مامي جو گهر. ”گونگڙو“ سِمَ نالو اٿلڻ جي ڪري پيدا ٿيل ٻوڏ ۽ بي انتها برساتيءَ پاڻيءَ جي ڪري ڳوٺ ٻڏڻ سبب، پنهنجا سِرَ بچائي اچي پنهنجي برادر جي لاڳاپي ۾، ڏڙو شهر کان ڏکڻان، پيڃاري واهه جي بندر تي ڪَپر سان اڏيل ڳوٺ ۾ ترسيا هئا. ۽ جنهن گهر ۾ حڪوءَ وارا ترسيل هئا، تنهن کان پنج گهر ڇڏي ڇهون گهر صابوءَ وارن جو هو.

اُن شام جنهن ڏينهن حڪوءَ وارا پنهنجو اپرو سيرو لڏو هنڌ ٿپڙ، رلي رانتو ۽ ٻيو ضروري سامان ڊاتسنن ۾ ڀري اچي صابوءَ وارن جي ڳوٺ ۾ لٿا هئا، تنهن مهل به چڱي ٻونڊار وسي رهي هئي. اوئيءَ مهل صابو به ڳوٺ جي ٻين همراهن سان گڏ، آيل مهمانن جو سامان گاڏين مان لاهڻ ۽ گهرن اندر رکڻ ۾ جُنبي ويو هو. آيل زائفائون وسندڙ ٻونڊار جي ڪري تڪڙيون تڪڙيون گهرن ۾ گهڙي وڃي اجهي ۾ ويٺيون ۽ مڙسالا وري ڳوٺ وارن سان گڏجي سامان لاهڻ ۾ لڳي ويا هئا. انهيءَ افراتفريءَ دوران به حڪوءَ جي گهري سانوري رنگ، ڊگهي قد ۽ ٻنهه ملوڪڙن آرڪاٽن صابوءَ جا وائيسر (واشر) ڍرا ڪري وڌا هئا. توڙي جو حڪوءَ جو ڌانهس ڪو توجهه ئي ڪونه ٿيو هو پر پوءِ به صابو حڪوءَ کي ڏسندي ئي پنهنجي دل جو فصل پيلائي وينو هو.

پوءِ سڄو سارو مهينو صابو حڪوءَ کي رڳو پري کان، سو به اڻ لکي نموني ۾ ڏسندو رهندو هو. تنهن ڪري حڪوءَ جي ملائڪن کي به خبر ڪانه هئي ته ڪو صابو ۾ لاڪائس باسون باسيندو پُوٽي.

اُن ڏينهن، جڏهن حڪوءَ کي هن حقيقت جي پروڙ پئي ۽ ساڻس روبرو جيڪا ڳالهه ٻولهه ڪيائين، سا ته ڪيائين، پر پوءِ گهر وڃڻ ڪانپوءِ، جڏهن رات جو هيڪلي هنڌ تي ليٽي هئي، تڏهن پُورَن ۽ پچارن اچي پَني جهلي هُيس:

حڪو جيڪا، رحمت مان ڦري زحمت بنجندڙ برساتن جي بربادين جي وَر چڙهي، پنهنجن پکن جي پاڙئون پتجڻ ۽ نيست و نابود ٿيڻ بعد پنهنجن مائٽن سميت پناهه وٺي اچي پنهنجي برادر ۾ رهي پيئي هئي، سا جڏهن صابوءَ سان ڳالهيئين پئي هئي، تڏهن ته هٽي ڏٽي حال هڪيو ته پنهنجي جند ڇڏائي، صابوءَ کي رُکو مُنهن ڏيئي روانو ڪري چڪي هئي. پر هاڻ جڏهن اچي هنڌ تي ليٽي هئي، تڏهن سندس بند اکين اڳيان صابوءَ جي شڪل اڀري اچي بيهي رهي هئي... معصوم، منتون ڪندڙ ۽ مرڪندڙ شڪل.... ”ڪدا جي ڪُدرت پيو ڏسان ٻيو....“، ”تون ئي ته ڪدا جي ڪُدرت آهين، ٻي وري ڪيڙي...!“، ”هليا، اوريان ٿي ته ڦيڻ مکيان ني، مرڳو نظر نه لڳي پُوني...!“ آلا! ڪيڏيون نه منتون تي

ڪيائين...! ڇا جنهن کي دل ۾ بدي هوندي، جان (يا) جنهن جي نيت ڪراب هوندي، سو اِجَ (ايئن) پلانڊ وجهندو؟ ايڙيون ليلڙاتيون ڪيندو؟ ايڙو ڳوپ ڪُڌا جو هوندو؟ مون کي ته منجهس ڪو ڦير ڏسڻ ۾ ڪونه تو اچي... پيو پيو ڪيڙي ڪبر! ماڙهوءَ جي نراڙ تي ڪولِڪلِ توروئي ڪو هوندو آهي... ماڙهو.. ماڙهو پيو ايڙا ڪرميت تا ڪن جو ڪبر ئي ڪانه تي پوئي... ڪيڙي ڪبر ته هي پيو اِهو سمورو ناٽڪ ڪيندو هجي! پر .... پر ... لئي حڪو توکان ڪير توپڇي ته هُو سنو آهي گئ بڇڙو! ڪٺي هو سنو پيو هجي، ته پيو مون جو ڇا؟ مون جي ڪيڙي ڪم جو! پلي ڪٺي مون تي چريو ٿيو پيو هلي، پر مون مان ورندس ڇا! جي ڪٺي آئون وٺانس پيو تي، ته پيو هُو پانجن مائٽن کي چوئي ته اُهي مون جي مائٽن سان ڳالائين، مون جي اڳيان پنيان ٿيڻ مان کيس ڇا ورندو سرندو! متي مائٽي ته مائٽ ڪيندا، آئون ڪو ساڻس پيجي ته ڪانه ويندس... پر اِهي پيو اجايون ڳالهيون. آئون ته ڪنهن نه ڪم جي. مون مان نه هوند، نه شڪر، پو... پو... ڇڏ منڊو واريءَ ۾. مونجي ٺُنئِي سُور...!

(2)

”ٻڌو آهيم ته آئين سُياڙي وريو پانجي وطن پيا وڃو.“ صابوءَ جي چهري تي ڏاڍي فڪرمندي پئي ظاهر ٿي. هُو اڄ وري ڪُنڊي ۾ ڪلوڙو ڪٺي اچي حڪوءَ وارن جي گهر اڳيان تڙ تي پاسو وٺي ويهي مڃي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جيڏي مهل حڪو گهر کان ٻاهر نڪتي ته ڪانئس پڇيائين.

”ها، وڃڻو ته آهي. پرائي درن تي رهي پيو ڪيترا ڏينهن رهبو.“ حڪوءَ به ساڳي سنجيدگيءَ سان کيس ورندي ڏني.

”حڪو آئون اڄ پيو ڪونه اچان ها، پر... پر جڏهن ٻڌم ته آئين وڃو پيا، تڏهن هڪڙو پرڪو وري اچي تونجي اڳيان ٽنگجي ويهي رهيو آهيان. هڪڙي ضروڙي ڳال پڇڻي آهيم توکان، سو جي موڪل ڏيئين ته پڇان.“

”ڇئو ڪيڙي ڳال آهي؟“

”جي تون پيو مون ۾ راضي هُجين ته ٻڌائي ته آئون اڳتي قدم وڌايان.“

”ڇا جي باري ۾؟“

”شاديءَ جي باري ۾، پانجي شاديءَ جي باري ۾.“

”پر مون ۾ ڏٺو ڇا ائيني، جو مرڳو چريو تي پيو آهيئين.“

”اِها ته مون کي ڪبر ڪانهي ته تو ۾ بين ڇوڪرين کان ڪجاڙو وڌڪ آهي، پر ڪا ته ڳال آهي

سهي. نہ تہ هتي پہ پلا پليءَ جو چيهہ ڪونهي. هڪ ٻئي کان وڌيڪ پيون آهين. پر سچ پڇين تہ جڏهن کان توکي ڏٺو آهيم، تڏهن کان سک ڦٽي پيو آهيم. تو الاجي ڪيڙو جادو ڪري ڇڏيو آهي، جو جي جاڳان پيو تہ تون اکين اڳيان پيئي ڦرين. جي ڪٽي ڪيڏي مال ننڊ اچيم تي، تہ وري خوابن ۾ تون اچيو اڳيان بيهو رهين. هاڻ ٻڌاءِ تہ آئون ڪريان تہ ڪهاڙو ڪريان!“

”آئون ڪيڙو جادو ڪينديس. آئون تہ ڪاري اڱار جيڙي. پيو تہ ڪير مون ۾ نهاري پہ ڪونہ. تون الاجي ڪو اچي بتال ٿيو اَهيئين. مون جي صلاح وٺ. مون جي پچار ڇڏي ڏار. اسين مشڪين گريب ماڙهو پانجيءَ ۾ پُورا. گراهہ ڪمايون. گراهہ کِنيون. سو ايڙن عيشن ۾ اسانجو ڪهاڙو؟ مون کي رڳوِاها ڪبر آهي تہ اسانجا مائٽ جڏهن پہ، جتي پہ مرضي ٿيندي، ڏيئي ڇڏيندا. نہ اسان کان پڇندا اَهين ۽ نہ وري اسان جي ٻڌندا اَهين. ۽ اسين پہ ڍورن وانگي هڪڙي کِلي تان هڪلجي، ٻئي ڪلي تي اچي بيهي رهنديون آهيون. اسان جي لاءِ ٻنهي پاسي هڪ جهرو وهينير هوندو آهي. ڏکيو سکيو تڪر ٿيو ڪيٽڻو. سو جيڙو هِتي، تيڙو هُتي، سچي ڳال ٻڌايان ني، تون مڙس پلو تو ڏسجين. مون کي تو تي قياس تو ٿئي. تون هران پران مون جي پويان نہ رُل. ائون مائٽن جي تونسلي آهيان. سندن مرضيءَ کان سواءِ ڪجهہ پہ ڪري ڪانہ سگهنديس. ڳاليون ائيني سنيون سُبتيون. متان نہ ڪنهن پُل ۾ رهين. ٻڌايو ڇڏيان ني تي ڪٽين.“ حڪوءَ پهريون پيرو ڪُلي صابوءَ سان ڳالهايو.

”آئون اِجَ ڪتي تو چُئان تہ تون تون جي مائٽن کي ڇڏي مون سين نڪري هل. آئون تہ رڳواِجَ تو چئان تہ جي تون مون ۾ راضي هجين تہ مون کي موڪل ڏي تہ تون جي مائٽن کان تون جي گُهر ڪريان. باقي ڪاري اڱارن جيڙي اَهيئين، جان (يا) جيڙي پہ اَهيئين، سا تہ اکين ڏسجين پيئي. سُونڊي هينان ڍَڪل تہ ڪانہ اَهيئين. تون ڪيڙي اَهيئين؟ سو تون مونجي دل کان پڇ. ٻين کي ڪيڙي ڪبر تہ تو ۾ ڪيڙي مٺيان آهي!“

”پوءِ پلا تون ئي ڪٽي سُٽائي تہ مون ۾ ڪيڙي ”مٺيان“ آهي. ڪيڙو سون جو تڪر مون ۾ ڏٺو ائيني، جو مرڳو مريو تو پَئين.“ حڪوءَ کان مٺيان جو لفظ ٻڌي کِلَ نڪري ويئي.

”چري. سڀ ڳاليون ڪي ٻڌائڻ سُٽائڻ جون ٿورو ئي ڪو هونديون آهين. ڪي ڪي ڳالهيون رڳو محسوس ڪبيون اَهين. اُهي نہ ڏسي سگهبيون اَهين ۽ نہ وري ڪو سُٽائي سگهبيون اَهين. اُهي رڳو دل جي اکين سان دل ئي دل ۾ محسوس ڪبيون اَهين. هُج تہ ماڙهو سڀ هڪ جيڙا هوندا اَهين، پر گلن جيڙي ڪشبو (خوشبو) ڪنهن ڪنهن منجهان ايندي آهي، سيني مان نہ! سو تو منجهان ايندل (ايندڙ) ڪشبوءَ مون کي مست الست ڪري ڇڏيو آهي.“

”ائي الا، ويچارو! ماڳهي ڪم ڪان ويو پيو آهي.“ حڪوءَ ڪلندي چيو.

”بس، هاڻ تونجي وس آهيان.“ صابوءَ به مرڪندي چيو.

”ڏس صابو، تون ته مون کي سڃاڻين به ڪونه، ته آئون ڪير آهيان؟ ڪيڙي آهيان؟ ڪيئن آهيان؟ پوءِ رڳو پري کان ڏسڻ سان ئي اِڄَ لڳي چڙهڻ سڃاڻپ ته ڪانه چئبي.“ حڪوءَ سنجيده ٿيندي چيو.

”عاشق وري سياڻا به ٿيندا آهِنِ ڇا؟ هُجَ به دنيا پروسي تي قائم آهي. ۽ ماڙهوءَ ۾ سوين گُن ٿيندا آهِنِ.“ صابوءَ پُر اميد ٿيندي چيو.

”اهي رڳو آکڻ سڻڻ جون ڳاليون هونديون آهين. سڀ ماڙهو جيڙا ٻهار (ٻاهر) ڏسبا آهن، تيڙا هوندا ڪونهي. ڏسڻ ۾ ته ٿُوهَه ڏاڍا سُنا پر ڪؤڙا جيڙا وِڪِ (زهر). سو ڪيڙي ڪبر ته جنهن لاءِ تون مريو تو پوئين، سا اندر ۾ بنهه ڪا ٻازن کان بڇڙي هجي ته!“ حڪوءَ ساڳي سنجيدگيءَ سان چيو.

”ها، اِڄَ ته آهي، اِڄَ ته برابر آهي. پر ڇُون تا ته پنج آڱريون به هيڪ جيڙِيون ڪونهي. برابر ماڙهو دوکو ڏيندا به آهِنِ ۽ ماڙهو دوکو کيندا به آهين. مون وٽ ايڙي شاهدي ته ڪانهي جو آئون قسم کڻي چئي سگهان، پر الاجي ڪو مون جي دل پئي چوئي ته تون مون سين دوکو ڪانه ڪنديئين. شل رب مون جي ڳال قبول ڪري وٺي.“

”کڻي هاڻ توسان دوکو نه ڪريان، پر جي هِن کان اڳ جيڪي سَرَ سُڄا ڪيا هجنم، سي! هِن کان اڳ ٻازن کان بڇڙي رهي هجان ته پوءِ؟!“ حڪوءَ آڏي اک سان صابوءَ ڏانهن نهاريو.

”جيڪي ٻازن کان بڇڙيون هونديون آهين، جان جن سر سڄا ڪيا هوندا آهين، سي هڄ تو وانگر قبولدار ڪونه ٿينديون آهين. سي پانجا ڏوهه اڄ پاسينديون ڪونهي. تن جي مُنهن ۾ مٽيان ڪانه هوندي آهي. انهن جا منهن لٿل هوندا آهين. انهن جو اندر ڪاڏل هوندو آهي. انهن جي ڳالين ۾ ايڙو دم ڪونه هوندو آهي. وري به توڪل جو سودو آهي، آئون توکي تونجن سمورن عيبن ثبابن (ثوابن) سميت قبول توکريان.“ صابوءَ وڏي هامَر هٽندي چيو.

”جڏهن ماڙهوءَ کي ڪا شيءِ وڻندي آهي، سا تڏهن رڳو وڻندي آهي. اوڏيءَ مال اُن کي رڳو ان شيءِ جون سنايون ڏسڻ ۾ ايندين آهين، پر ڪا به ڪرابي نظر ڪانه ايندي آهي. اڄ تون مونجي عشق ۾ انڌو ٿي پيو آهيئين، سو توکي مونجا ڪي به عيب ڏسڻ ۾ ڪونه تا اچن. مونجو ڪارو رنگ توکي اک جو ڪجل ٿو لڳي، مونجا ڪارا چپ به توکي پڪل جمون تا لڳن. پر سياڻي جڏهن اِن ڪاري ڪَل مان جوانيءَ جو جؤين هلي ڇُرندو ۽ ڪاري چمڙي لڙڪڻ لڳندي، تڏن هئي جا هٿ هٽندين.

آئون اندر ايڙيِ ڪانہ آهيان. جيڙي ڪپڙن ۾ ڍڪيل ٻاران (ٻاهران) ڏسجان پئي. تنهن ڪري مونجي صلاح مڃ ۽اِن هوڏ تان لهي وڃ.“

”مون چيو نہ تہ تون سمورن عيبن ثبابن سميت جيڙي آهيئين، مونجي آهيئين، سو توتان هٿ ڏکيو تو ڪڻان. پانجي وس پڄنديءَ سارُو زور آئون پہ گهٽا لاهيندس، پو پہ الله مالڪ آهي.“

”پر مونجي ڳال سمجهين ڪونہ ٿو! آئون جو چُئان پئي تہ آئون جيڙي ڏسجان پئي، تيڙي ڪونہ آهيان، سو ضروڙڪا تہ ڳال هوندي“ حڪوءَ صابوءَ کي خبردار ڪندي چيو.

”اُها ڪيڙي ڳال آهي. مون کي پہ تہ سُڻائي، آئون پہ تہ ٻڌان تہ سهي.“ صابوءَ پڇيو.

”اِهو اندازو تون هِن ڳال مان لڳائي وٺ تہ اسان جي برادر ۾ جلد ڇوڪريون پرڻائڻ جو رواج آهي. هوڏانهن ڇوڪري اجا ساماڻبي مس، تہ هڪدم هُن جو وِهانءُ ڪري ڇڏيندا. پو جيڙو پہ گهوٽ ملي، انڌو منڊو ڪاڻو ڪوجهو جڏو لُولو ۽ ڇريو ڪريو ڪونہ ڏسبو آهي. مڙيئي نياڻيءَ جو بار لاهي ڇڏبو آهي... پر مون کي ... پر مون کي ويني اٺ ڏهہ سال ٿي ويا آهن. اجان مونجي شاديءَ جي ڳال پہ ڪونہ تا ڪن. هاڻ تون پاڻ سوچ تہ ڪا تہ ڪرابي آهي مون منجهہ. جو هيترو وکت ويهي رهي آهيان.“ حڪوءَ اشارن ئي اشارن ۾ سڄي حقيقت صابوءَ اڳيان رکي ڇڏي.

”اِهي سڀ پوءِ جون ڳاليون آهين. تونجا مائٽ راضي ٿين تا جان نہ. تونجو سڱ مونکي ملي تو جان نہ. اُن کان اڳ ۾ پهرين تون سڻائي تہ تون راضي آهئين ڪ نہ!“ صابوءَ سڌو سوال ڪيو.

”آئون تو ساڻ نلهي ها ڪيئن تہ ڪريان! جڏهن پانجي شادي ٿي ئي نہ ٿي سگهي، تہ پوءِ ها جان نہ مان ڦائدو پہ ڪيڙو؟“ حڪوءَ قطعي ڳالهہ ڪري ڇڏي.

”پر پہ ڪوتہ سهي؟ ڪو نٿي ٿي سگهي پانجي شادي؟“ صابوءَ وري پڇيو.

”اِها ڳال تون ڪونہ سمجهندين.“ حڪوءَ نراس ٿيندي چيو.

”جي تون سمجهائيندئن تہ سمجهندس نہ. تون چئي ڳال تہ ڪريئين ئي نٿي، رڳو پيئي ڳجهارتون ڏيئين.“ صابوءَ زور ڀريندي چيو.

”اِها ڳال آئون توکي سڻائي ڪانہ سگهنديس.“ حڪوءَ ڏُکاري ٿيندي چيو.

”پر پہ ڪو تہ سهي؟“ صابوءَ وري بہ زور ڀريندي پڇيو.

ايتري ۾ بصري گهرجي گهٽيءَ مان ٻاهر ايندي نظر آئي. بصريءَ کي ايندو ڏسو صابو ڪنديءَ ڏانهن توجهہ ڏيئي مڇي ڦاسائڻ جو بهانو ڪري ويهي رهيو. تہ حڪوءَ وري سُٿڻ جا وَر کُنجي تڙ تان

پاڻي پرڻ لاءِ گهڙو ڪٽي پاڻيءَ ۾ لهي پيئي.

بلڪل اوڏيءَ مهل صابوءَ جي ڪُنڊيءَ کي ڪُنڊَ (چِڪَ) آئي ته صابوءَ به ڪاريگر شڪاريءَ وانگر ڏور کي ٿورڙي ڍِرَ ڏني ته جيئن مڇي باقاعدي ڪلوڙي وارو ڳاهه ڳيهي وڃي. ڪجهه ڍِرَ ڏيڻ ڪانپوءِ صابوءَ ڏور کي هيڪانڊي وٺي ٻاهر ڇڪ ڏني. ڏور ۾ قاتل ڪا وزنائتي شيءَ محسوس ڪيائين. پر سندس زورائتي ڇڪ سبب ڏيڍ ڪلو کن وزن واري مور مڇي ٻاهر اڇي ڪري ۽ وٺي ٽپ ڏيڻ لڳي. صابوءَ هڪدم ڏور کي ويڙهي سوڙهو ڪيو ۽ ڪلوڙي ۾ قاتل مور مڇي ڪٽي سندس گهر ڏانهن روانو ٿيو.

”ٻڌائي ڙي ڇوري، اهو همراهه پڻ ڏور ۾ قاتل مڇيءَ وانگر تونجي اکين جي ڪلوڙِي ۾ قاسي ته ڪونه ويو آهي. جيڏي مال ڏس ته تڙ تي تنگيو بيٺو آهي.“ بصريءَ حڪوءَ کي ڪُڪ وٺ چُمرڪو وجهي اک پِچندي چيو.

حڪو بنا ڪنهن ورندي ڏيڻ جي، بصريءَ جي اکين ۾ اکيون وجهي نهارڻ لڳي. بصريءَ جو حڪوءَ کي سنجيدگيءَ سان گهوريندي ڏٺو ته سڄي هَيلڙِ ٿي ويئي. سندس چهري تان شرارت ته گم ٿي ويئي، پر مرڳو هوءَ پريشان ٿيڻ لڳي. پر وري به مُنهن تي زوريءَ ڦڪي مرڪ آڻي معذرت واري انداز ۾ چيائين:

”ماڦ (معاف) ڪِج حڪو مون توسان ايڙو وايات (واهيات) پوڳ ڪيو. اڳتي اِڄَ مور ڪانه ڪنديس، مون کي ڪبر ڪانه هئي ته تون مرڳو رنج ٿي پُونديئين.“

”نه بصري نه. تون دلگير نه ٿي. ايڙي ڳال ڪانهي. مون پاڻ تي چيو ته توکان هڪڙي ڳال پڇان. پر د جهلي ڪانه پئي سگهيس. دل جي ڳال جنهن تنهن مانڏان ته ڪانه ڪبي آهي نه. دل اُن مانڏان ڪولي رکبي آهي، جنهن ۾وِسندي آهي. ڇا آئون توتي پروسو ڪريان؟ تون مونجي ڏِڪَ رکنديئين نه اِن لاءِ پئي تونجي منهن ۾ نهاريم“. حڪو بلڪل سنجيده هئي.

بصريءَ وڏي وچي حڪوءَ کي ڀاڪر وڌا ۽ پرتُو سانوري مِٽ تي چُمي ڏيئي، پنهنجي ٻنهي هٿن سان حڪوءَ جو چهرو جهلي، سندس اکين ۾ اکيون وجهي ڏاڍي پروسي سان چيائينس:

”حڪو توڙي جو پان (پاڻ) زندگيءَ ۾ پهريون گهمرو گڏيون آهيون ۽ پان کي گڏ رهندي اجا مهينو ڏيڍ مس ٿيو آهي. پر چُوندا ڪونه اَهين ته ڪِن جي رتيءَ جي رهاڻ پڻ سڄي حياتيءَ کان ڳري هوندي آهي. سو جي سچ پڇين ته ايمان سان تِي ڇُٺان ته توجهڙي اعتبار واري ساهيڙي اجا تائين ٻي مون ڪٿي پڻ ڪانه ڏٺي آهي. تون ته رڳو اِجَ پئي ڇُوين ته آئون ڏِڪَ رکان تونجي، پر آئون توسان

ايمان وارو واعدو تي ڪريان ته جي تون مون کان مونجو سِرِ گهرنديئين ته پڻ توکان ڪانه جهلينديس آ هيءَ مونجي سِينڌ ڏس، جهجهيون ڳاليون جان وڏيون ڏاڙون ڪانه تي هٽان. ڪم جي وکت آزمائي ڏسج، مون جي مني، توسان ته مونجي جيءَ جون جڙيون آهين. تون بي کٽڪي تي چئو. ڪيڙي ڳال آهي؟" بصريءَ حڪوءَ کي ياڪرن ۾ پيڪوڙي چيو.

"بصري، مونجي پيڻ، ايڙي ڪاپه ڳال ڪانهي، تون پريشان نه ٿي. مون کي توکان صابوءَ جي باري ۾ پڇڻو آهي ته هُو ڪهڙو ماڙهو آهي. تونجي پاڙي ۾ رهي تو. آئين هتي ننڍا تي وڏا ٿيا آهيو. جيڪا کبر توکي هوندي، سا هر ڪنهن کي ڪانه هوندي. آئون جنهن ڏينهن کان هتي آئي آهيان، تنهن ڏينهن کان وني مونجي پويان چريو ٿيو پيو هلي. مون لاءِ مريو تو پوئي. مون کي، هن جي مون لاءِ ڪجڻ کپڻ تي، ڏاڍي کهل تي اچي. مون کي اها پڻ کبر آهي ته آئون هن کي ملي ڪانه سگهنديس. پر هن جو ضد آهي ته رڳو آئون ها ڪريان. پوءِ کٽن سندس ياڳ! توکان رڳوارِن ڪري تي پڇان ته جي لڪئي جو ليک ٿي وجي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن ايڙي ماڙهوءَ جي ور نه چڙهان جو مرڳو پيڙيءَ چاڙهي ڦرهو ڪيڍي نه وجي. گهٽ ۾ گهٽ ايڙو ته هجي، جنهن سان ماڙهو حياتي گذاري ته سگهي. باقي چاهڻ وارو ته چُوندو ته تونجي لاءِ آشمان تان چنڊ لاهيو تو اچان. پوءِ چئڻ ڏينهن جي چسڪي وٺڻ کان پوءِ اِجَ اکيون ڦيريندو. جيڙو ڪر سڃاڻندو ئي ڪونه هو. تڏهن تي توکان پڇيم." حڪوءَ سڄي حقيقت بصريءَ کي ٻڌائي ڇڏي.

جيڏي مهل حڪو ڳالهائي رهي هئي، اوڏيءَ مهل بصريءَ جون نگاهون ته حڪوءَ جي نگاهن سان اٽڪيل هيون. پر سندس ذهن جي اسڪرين تي صابوءَ جي لائيو مووي هلي رهي هئي. هوءَ صابوءَ جي ننڍِ پڻ کان وني، ڏور ۾ مڇي ڦاسائي ڪٽي وجڻ تائينءَ واري وقت کي سامهون ڏسي رهي هئي. پر بصريءَ کي ڪٽي به صابوءَ جي ڪاتي ۾ اهڙي ڪابه شيءَ نظر ڪانه آئي، جنهن کي بنياد بنائي کيس رد ڪري ڇڏجي. پاڻ بصريءَ جي دل ۾ هڪ ٻن جاين تي ڇهنڊڙي پئي هئي، جنهن ۾ هُن صابوءَ کي پنهنجي نيٽن ۾ ويهارڻ جي خواهش کي ڳر ڪٽي اُپو ٿيندي محسوس ڪيو هو. سو جڏهن حڪو ڪائنس صابوءَ جي باري ۾ پڇيو ته کيس ٻڌايائين ته مون کي سندس ڪابه "ڪِني ڦِٽي" ڪٿي به ڏسڻ ۾ ڪانه آئي آهي.

(3)

بصريءَ جي اوچتو اچڻ ڪري حڪوءَ ۽ صابوءَ جي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه اڌ ۾ رهجي ويئي. صابوءَ چاهيو پئي ته ڪنهن به صورت ۾ اجوڪي ڏينهن ۾ ئي حڪوءَ کان پڪي ها يا نه جي ورندي وٺي.

شام ٽيڻ واري هئي. تنهن ڪري مرڳو سندس سک ڦٽي پيو هو. جي اج اِها ڳالهه نه نبري سگهي ته پوءِ اتي ئي رهجي ويندي. ان خيال ڪيس گهر ۾ ويهڻ ئي ڪونه ٿي ڏنو. نيٺ هُو وري به اچي حڪوءَ وارن جي گهر اڳيان آنٽا (چڪر) ڏيڻ لڳو. هيڏانهن اچيو هوڏانهن وڃي. پر ٻيو مڙيوئي ٺيو خير! تانجو سج به اچي لٿو ۽ هُو نااميد ۽ ناڪام ٿي، دل ئي دل ۾ اوسڙڪندو، هنجون هاريندو واپس هليو ويو.

۽ اُها رات صابوءَ ٽانڊن تي هلي گذاري هئي.

حڪوءَ بنا گهارجندڙ زندگيءَ جو تصور سوچي صابو ڪيترين ئي قيامتن مان گذريو. ڪيترين ئي دوزخن جي آڙاهن جا عذاب پوڳيائين. ڪيترائي ٽرجا ڪارا ڏڪار سر تي سنائين. ڪيتريون ئي ٻوڏون مٿانهس گذريون. ٽوڙي ٻنڌ ۽ ڪوٽ عالمو ٻنڌ جي هيڪاندي پاڻيءَ ۾ روهندو ٻڏندو اُپڙندو ۽ غوطا کائيندو رهيو. بظاهر ته هُن اُها هڪڙي رات ويهي گذاري هئي. پر هُن جي ليکي ته هُو جُڳن کان وٺي جاڳندو رهيو هو. ڪيس هر هر حڪوءَ جي اِها ڳالهه منجهائي رهي هئي ته ’پانجي شادي ٿي ئي نٿي سگهي.‘ ڪيس اُن ڳالهه جو ڪو پتو ڪو ڳس، ڪو ڏس، ڪاواهه، ڪا راهه ۽ ڪو حل ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو جنهن سان هُو هيءُ سُٽ سُلجهائي سگهي. هُو سڄي رات وينو رهيو وينو رهيو. سج اڀري سنئون ٿيو تڏهن مَس مَس اُٿي مُنهن کي پاڻيءَ جو ڇندو هنيائين.

۽ پوءِ ... ۽ پوءِ دل ۾ دردن جون ڏنيون سانديو، آزارن جا انبار سنڀالي ۽ پيڙاهن جون پنارڪون ٻڌي صابو آهستي آهستي اچي انهن ڍاڻسن پڪ اپڻ وٽ بيٺو جن ۾ سامان سٽجي رهيو هو ۽ هڪڙِي ڍاڻسن پڪ اپ اجا خالي بيٺي هئي، جنهن ۾ عورتون چڙهڻيون هيون. جڏهن اِهو ساڳيو سامان، گاڏين مان به مهينا اڳ لاٿو پئي ويو تڏهن صابو ڏاڍي جوش خروش ۾ ڏاڍي خوش دليءَ سان سامان لاهي گهرن ۾ رکڻ ۾ ٻين سان گڏ ٻانهن ٻيلي هو. پر اج جڏهن اهو ساڳيو سامان واپسيءَ لاءِ گاڏين ۾ سٽجي رهيو هو، تڏهن هو گاڏين کان ٿورو پريرو هڪڙي ننڍڙي ٻيريءَ جي ٿاريءَ کي جهلي ڏاڍي حسرت سان ڏسي رهيو هو ۽ .... ۽ .... سندس دل ۾ نوحه خواني ٿي رهي هئي. ايئن پئي ڀاسيو ڄڻ موهن پيگت وڇوڙي جا ورلاپ آلاپي رهيو هو.

۽ پوءِ نيٺ اها نياڳي گهڙي به اچي پهتي، جيڏي مهل عورتون گهرن مان نڪري گاڏيءَ ڏانهن اچڻ لڳيون. نه رڳو وڃڻ واريون عورتون، پر انهن گهرن جون زائفائون به ساڻن گڏ گاڏيءَ تائين گڏجي آيون. جيڏي مهل سامان سان سٽيل به گاڏيون اسٽارٽ ٿي وڃڻ لاءِ تيار ٿي بيٺيون، تيڏي مهل عورتون پڻ هڪ ٻئي کان موڪلائي خالي گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لڳيون. اربيلا، مارِل ۽ بصري اوڏيءَ مهل به حڪوءَ

ڪي ڦِريو بيٺيون هيون. جڏهن سڀ ڇٽيون گاڏيءَ ۾ چڙهي ويون، تڏهن به هنن جون ڳالهيون هيون سي ڪُٽيون ئي ڪين ٿي. نيٺ ماڻس هڪل ڪئي، ”لئي ٻڙي حڪو هاڻ ڇڏ پہ ڪٽي هنن ويچارين جي جند. توکي ڳاليون پہ وري هِجَر زاد (ياد) پيون آهين. هاڻ هليا پہ ڪٽي، پٺهين تڪڙائي پيو.“ ۽ تڏهن حڪوءَ مارل، اربيلا ۽ پڇاڙيءَ ۾ بصريءَ کان ڳراٽڙيون پائي، ڏاڍي پابوه ۽ قرب مان موڪلائي، جيڏي مهل گاڏيءَ ڏانهن وڃڻ لڳي، تيڏي مهل هن هڪڙِي بنهہ قرباڻتي نگاهہ اُن ٻبريءَ ڏانهن وڌي، جتي صابو آس ونڊ اکين جا بہ خالي ڪشڪول ڪٽيو ڏانهس واجهائي رهيو هو. نظرن جي خالي ڪشڪولن ۾ ڊِيدن جو دان چا مليو جڻ ڳر ترجي ڪنهن اُجايل ڪي پاٽيءَ جي سُرڪ ملي ويئي... ۽ ... ۽ ... پوءِ برساتي پوڏ جا متاثر تہ وري پنهنجن اجهن ڏانهن روانا ٿي ويا، پر صابوءَ کي جهڙوڪر رڻ ۾ رولي ويا.

(4)

پنج ست ڏينهن تہ جهڙوڪر صابو سنئوت ۾ ئي ڪونہ هو. نہ ڪم نہ ڪار، نہ کاڌو نہ پيتو. سڄي سڄي رات پيو پاسا ورائيندو هو. چا جون ننڊون چا جا آرام، نہ ڪنهن سان ڳالهائي نہ ڪنهن ڪي ڪنهن ڳالهہ جي ورندي ڏي، ماڻس پڇيو پڙس پڇي. هتان پاڻر ڦريو اچنس تہ هوڏانهن وري پينرون پريشان، پر ڪنهن سان ٻڙڪ بہ نٽي ٻولياٿين. جهڙوڪر گونگو. بس رڳو اونڌو منهن ڪريو ليٽيو پيو هوندو هو. يار دوست پاهران سڏيو سڏيو بيزار ٿيو هليا ٿي ويا. بس رات جي اڪيلائيءَ ۾ سندس اکين مان نِيرَن جا نارَ پلٽي وَهي اٿي هلندا هئا. هُن انتهائي ڪوشش پئي ڪئي تہ هُو پنهنجو درد ڪنهن سان بہ نہ سلي ۽ پنهنجي پوڳنا پاڻ اڪيلي سر پوڳي. پر جڏهن، جڏهن هن محسوس ڪيو تہ هاڻ هُو حڪوءَ کان سواءِ جي نہ سگهندو. نہ حڪوءَ کي وساري سگهندو ۽ نہ ئي حڪوءَ جي جدائيءَ جهالي سگهندو. تڏهن نيٺ هڪ ڏينهن، هُو تڏهن ڦاٽي پيو جڏهن سومهٽيءَ کانپوءِ پڙس الانو اچي سندس کٽ پرسان بيٺو. پڙس کي خبر پيئي تہ صابوءَ کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏانو آهي ۽ ڪنهن سان بہ ڪا بہ ڳالهہ نٿو ڪري. رڳو اونڌو منهن ڪريو کٽ تي پيو آهي. اوڏيءَ مهل بہ هُو يت ڏانهن مُنهن ڪريو پاسيرو ليٽيو پيو هو. پڙس الانو اچي کٽ پرسان بيٺو. پر صابوءَ کي ڪا خبر ڪانہ پئي، نيٺ پڙس آهستي آهستي ڪري ڪيس سڏ ڪيو.

”ابا صابو...!“

”هان ... هان... “ هُو جڻ ڇرڪ پري جاڳي پيو هو. توڙي جو هُو ستل ڪونہ هو پر خيالن ۾ گم هو.

”ابا، ڪجاڙو ٿيو ائيني؟ ماڻهين پئي چيو تہ چار پنج ڏهاڙا ٿي ويا آهين. ماني پہ ڪونہ تو کائي.

ڪيڙي ڳال آهي پٽ، مون کي ٻڌائي تہ توکي ڪجاڙو کپي؟“

”ڪجھ ڪونهي ابا... بس اِجَ ئي لِڳن ۾ تورو سور هو سو ماني ڪانہ تي وٽي، ٻي ڪا ڳال ڪانهي.“

”ابا، پٽ... آئون تونجو پيءُ اَهيان. ماڻهين توکي ڇٽيو هو ۽ مون توکي نپايو آهي. دائيءَ کان ڪو ڏُن لڪي سگهندو ڳَا! تون تو چئين تہ ڪا ڳال ڪانهي. پر چريا ماڙهو جي ڪا ڳال نہ هجي تہ چڱو ڀلو ماڙهو پہ ڪو پنج ڏينهن بک تي رهي سگهي تو ڳَ؟ مون کي سڻائي تہ ڪجاڙو آهي.. ڪيڙي شيءَ کپي توکي...“

”ابا ... “ صابوءَ کان اوچنگار نڪري ويئي ۽ هو روئي پيو.

”نہ ابا نہ ... نہ پٽ نہ.... جُئان (جوان) مڙس ڪو روئندا آهين ڳَ... نہ رُوءُ مونجا ٻچا نہ رُوءُ... نيٺ پہ سُڻايئين ڪو نہ تو تہ ڪيڙي ڳالھ آهي.. چئو بابا چئو... چا ڳال آهي؟“

۽ پوءِ صابوءَ سموري حقيقت پٽس کي ٻڌائي ڇڏي.

”تہ چئبو تہ اِها ڳالھ آهي....!“ ايئن چئي پٽس ڪا ڪا الانو يڪي ٽُبيءَ ۾ پئجي ويو. ڳچ ڳچ دير تائين هُو مانڪو وينو رهيو تيستائين صابوءَ جي بدن ۾ هورا ڪورا جون سيون ٽنبجنديون رهيون. اوسيئڙي جا پتون کيس ڏنگيندا رهيا. انتظار جون لُنديون سندس جسم تي ليٽنديون رهيون ۽ .... ۽ پوءِ نيٺ پٽس ڳالهايو: ”چڱو پٽ، هاڻ هِجَ ڪر. تون اُتي ڪٽ جي پچار ڇڏ. اتي ڪاءُ پيءُ ۽ ماڙهن قطار ٿي. هاڻ اِهو ڪم مون تي ڇڏ. هاڻ آئون ڄاڻان، ڪم ڄاڻي. باقي اِها تہ توکي پہ ڪبر هوندي تہ سڱ ونڻ ڪو اَڪَ مان ماکي لاهڻي ڪانهي. جو سٽ ڏيئي اڪ جي ٽاري پيچي ماکي چاٽي وٺبي. هتي ٽيم لڳندو. سو تڪڙ نہ ڪج. باقي ڪُدا ڪيندو تہ اِتان ئي توکي پرڻائي لاڏو ڪري ڪنوار وٺي ڏيندس. بس هاڻ تہ ڪوش ٿي. شابس پٽ، اتي هلي ماني کاءُ.“

جڏهن هئو مئو ٽريو ٻوڏ جو سانگ ختم ٿيو. ڳپون ڳارا سُڪي ويا. تڏهن هڪڙِي ڏينهن لڙي شام جو ڪاڪو الانو اچي حڪوءَ وارن جي گهر پهتو. همراهہ ساڻس گڏيا. خوش خير عافيت ٿي. اچڻ سان ئي ڪاڪي الاني جو گرم گرم چانهن سان آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. پاڙي ۾ جنهن کي بہ خبر پيئي تہ ڪاڪو الانو آيو آهي، سو مُنيون پيڙِي پڳو حڪوءَ وارن جي گهر تہ جيئن ڪاڪي الاني سان هٿ پليڪار ڪن ۽ ساڻس ڪچهري ڪن.

پوءِ جڏهن رات جي مانيءَ جي ڪشت مان وانڊا ٿيا، تڏهن ڪاڪي الاني حڪوءَ جي پيءُ ولوءَ

ڪي چيو: ”اباڙي... هاڻ مون کان ڪبرون ونو تہ آئون هتي ڪجاڙي لاءِ آيو آهيان؟ رڳو آنجو پاءُ اٿي جو ڦٿائڻ آيو آهيان ڳ ڪنهن گرز (غرض) ساڻ آيو آهيان. سو بابلا، مون کان ڪبرون تہ پڇو.“

”ڪاڪا الانا، تون اسانجو وڏو آهيئين، اسانجو مائٽ آهيئين، تولاڪ لک عزتون آهين، تونجا پير اسانجون اکيون پلي ڪري آئين، جي ڪري آئين. تون رڳو حڪم ڪر. اسانجي سِرَن ۾ پہ ڪم پوئي تہ بي ڏڙڪ هڪل ڪِج. ڪيندو ڪُدا تہ هيڪڙو پہ پنيان ڪونہ بچندو. سڀ جا سڀ هڪل ساڻ حاضر ٿينداسين. باقي جي ڪا ايڙي ڳال هوندي، جيڪا اسان جي وس کان ٻهار (ٻاهر) هوندي، تہ پہ ساري حقيقت ساٿين (توسان) سليندا سين. پوءِ پہ جيئن تون چُوندين، تيئن ڪينداسين“. حڪوءَ جي پيءُ ولوءَ وراٽيو. ”ها تہ پوءِ ٿينديون وجن ڪئر جون ڪبرون.“

”ياءُ ولو ڳال هيءَ آهي تہ...“ ڪاڪا الاني ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي، سگريٽ وات ۾ وجهي تيليءَ سان دکائي، منجهانئس هڪڙو ڊگهو ڪش هٽي، اندر ۾ اوتيل دونهون نڪ ۽ وات مان ٻاهر ڪيندي چيو: ”اباڙي!... اجائي ڊيگهہ ڪانہ ڪبي، آئون آن (اوهان) ۾ وڏي حُجَ رکي آيو آهيان. هُجَ پہ پڪل ٻير ڪي ڪٽان نہ ڪٽڙو تہ ضروڙ لڳندو آهي. نياٽيون نماٽيون تہ ٿينديون ئي پرايو ڌڻ آهين. سو ڪٽي نہ ڪٽي تہ ڪنڌي ڪرٽي ئي پُوندي آهي. اسين پہ نياٽين پٽن وارا آهيون اسان تان پہ اِهي ڏينهن آيا آهن. چو تہ اِها ايامن کان وني، جُڳن کان وني راڄا رسم هلندي اچي. سو آئون پہ ان راڄا راسم تي هلندي آن وٽ متي آيو آهيان. مون کي حڪو کپي، بچي شل مون جي صابو لاءِ. آئون سمجهان تو تہ حڪو مونجي گهر ۾ ٻين کان وڌڪ سُکي ٿيندي، مونجو صابو تہ لاکائس مريو تو پوئي. مونجا ٻيا پٽ ڏيون تہ نهيو پر گهر واريءَ تہ مرڳو پَٽ چني ڇڏيا آهن. اُهي تہ اُهي، پر حڪوءَ جي جيڏڙي بصريءَ کي مونجي هيڏانهن اچڻ جي ڪا سُڌس پئجي ويئي، سا پڇندي آئي ۽ سهڪندي سهڪندي اچي چيائين تہ ”ڪاڪا الانا، حڪوءَ جو سڱ وني، پوءِ هيڏانهن اچج، نہ تہ پلي اوڏانهن وينو هجج.“ بچي شل حڪوءَ کبر ناهي اسانجي ڳوٺ وارن تي ڪيڙو جادو ڪري ڇڏيو آهي، جو سڀ ڪو رڳو حڪو حڪو پيو ڪري، ۽ ٻي ڳال پہ آنکي ٻُڌائي ڇڏيان تہ آئون حڪوءَ جو سڱ وٺڻ ڏاران (ڪانسواءِ) نلهو ڪيي پہ ڪونہ ويندس. مون کي آن ۾ وڏو پروسو آهي ۽ اُن پروسي جي پانور تي آئون ڳوٺ وارن اڳيان ڇاتيءَ تي هٿ هٽي آيو آهيان. هاڻ آنجي آهي مرضي تہ جان مون کي مان ڏيو. جان مون تان ماڙهو ڪلايو باقي ڳال چٽي پيئي آهي تہ نلهو آئون پہ ڳوٺ ڪونہ ويندس“.

حڪوءَ جا اِها مقال ٻڌي، سا آهستي آهستي پير سوريندي وڃي چلهہ جي پاسي ۾ ويهي ٿانڊو ٻارڻ لڳي ۽ چانهہ ڪاڙهڻ جو سانپاهو ڪرڻ لڳي، وَلو جوڙس مِنان ۽ وڏو پُٽ جُوسب ڪاڪا الاني

جي ڳالهه ٻڌي ٽٻيءَ ۾ پئجي ويا. هونئن ته ڪاڪا الاني ڪا نئين ڳالهه ڪانه ڪئي هئي، پر حڪوءَ جي سڱ جو مسئلو هو تنهن ڪري ڳالهه ڳري ٿي پيئي هئي ته ڪاڪا الاني کي ڪهڙي ورندي ڏين. پوءِ ولوءِ مِنان اتان اٿي ٿورو پريرو وڃي پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪرڻ لڳا:

”هاڻ ڪجاڙو ڪجي؟“ مِنان ولوءَ کان پڇيو.

”ڳالهه ته ڏاڍي ڏکي ٿي پيئي آهي“ ولوءَ وراڻيو ”ڪيڙي ورندي ڏجيس.“

”مونجي مجين ته ڳال جيڪا آهي، سا ساڻس ڪري ڇڏ ۽ نڙو پڙو جباب ڏئي ڇڏيئينس. پُٺ جي پونڊي کان مُنهن جو پُونڊو ماريندو ڪونه.“ مِنان مڙسهينس کي صلاح ڏني.

”اِجَ نڙو پڙو جباب ڪيئن ڏيانس، هُو ڪو اپرو سپرو گس هلندل. جيڙو تيڙو ماڙهو ڪونهي، جنهن کي ائين چلتو ڪري ڇڏجي. هُو پان سيني جو سريال آهي ته وري پائيندل ۽ اڙي اوکيءَ ۾ ڪم ايندل راڄ ڀاڳ وارو ماڙهو آهي. تنهن ڪري هُن سان سوچي سمجهي پوءِ ڳالائبو. اِجَ تڪڙ ڪانه ڪبي. ساڻس گڏ ڪا زائفان هجي ها ته ڪرتون اُن کي اهو زنانو مسئلو سمجهايئين ها. پر ڪئر، هليو تا چئونس ته اها ڇوڪري بيمار آهي ۽ شاديءَ جي لائق ڪانهي، باقي ٻيءَ ڪنهن تي هٿ رک، سا ٿي تونجي.“ ولوءَ جن پاڻ ۾ صلاح ڪئي.

”پر جي چُوئي ته ڪيڙي بيماري آهيس ته پوءِ ڪجاڙو چُونداسينس.“ مِنان چيو.

”اي تون چئج ته ڇوڪريءَ کي ڪا زائفاٽي بيماري آهي، مڙيئي جند ڇڏائج.“

اِها صلاح ڪري ٻئي زال مڙس وري اچي ڪاڪا الاني وٽ ويٺا. ۽ پوءِ ولوءَ چيو:

”ڪاڪا الانا، جيئن تو سِڏي ٻڌي ڳال چئي ڇڏي آهي، تيئين اسين پڻ بنا ڪنهن گوٺ ناٺ جي، جيڪا ڳال آهي سا سُٽايون تا ڪٽين (توکي). اسين ماڙهو پانجيون نياٽيون تڪڙيون اٿاري ڇڏيندا آهيون. پر حڪو جو هيڏو سارو وکت ويهي رهي آهي، تنهن جو پڻ ڪو سبب آهي. سو هيءُ ته ڇوڪري بيمار آهي ۽ شاديءَ جي لائق ڪانهي. تون اسانجي مٿي جو موڙ آهئين. تولاڪ لک عزتون آهين. تون ته هيڪڙي نينگري تو گهرين پر سجو پاڙو نياٽين سان پريو پيو آهي، جن تي پڻ هٿ رکندين، سي سِپ تونجيون. توکان اسان کي نڪو ڇيپ، نڪو حجاب. تون ئي ته اسانجو وڏو اهيئين توکي جباب ڪيئن ڏبو.“

”پر ابا، جي بيماريون سيماريون آهين ته دوائون گوريون پڻ آهين. ڏاڪتر حڪيم پڻ آهين. پير فقير پڻ آهين. دعائون تاويذ (تعويذ) پڻ آهين. ڏاڳا ڦيٽا پڻ آهين. مثال، جي آئين نتا پڇي سگهو ته اسين پاٽيهي علاج ڪرائينداسين. اها ڪا وڏي ڳال ڪانهي.“ ڪاڪا الاني چيو.

”ڪاڪا الانا، علاج جي بيماري ڪانهي، نينگريءَ کي ڪا زائقاٽي ڳجهي بيماري آهي، ڊاڪٽر چوئي ٿي تہ اِن بيماريءَ جو علاج ئي ڪونهي. تڏهن تہ اسين مانڪا وينا آهيون. نہ تہ الاجي ميرباني آهي، نياڻيءَ کان ڪي تڪا مِنا ڪبا ڳا!“ هِن پيري منان ڳالهايو.

”اَئي امان مِنان، تون پہ ڊاڪٽريءَ جي چُوئڻ تي ماٿ ڪري ويهي رهي اَهيئين. دنيا الاجي ڪٿي وڃي پُني آهي. چُون تا تہ ماڙهو ڪڏهوڪا چنڊ تي پهچي ويا اَهين. الاجي ڪيڙيون ڪيڙيون مشينون نِڪتيون (نڪتيون) اَهين. جيڪي اِهو پہ ٻيون سُڻائين تہ ماءُ جي پيٽ ۾ نينگرو آهي ڳ نينگري، (الترا سائونش مشين). ڊاڪٽر تہ ماڙهوءَ جي دل پہ ڪڍيو وريو ٻي لڳايو ڇڏين. سو ايڙي ڪيڙي بيماري آهي جنهن جو علاج ئي ڪونهي. آئين الله تي رکو ربّ مڙيئي چڱي ڪيندو.“ ڪاڪا الاني حال هڪيو تہ ٻنهي کي لاجواب ڪري ڇڏيو.

”پر ڪاڪا الانا.... ڳال هيءَ آهي تہ...“

”هاڻ پر ٻر کي ڇڏيو امان مِنان، آئون جو حڪوءَ جي ٻانهن گهرڻ آيو اَهيان سو ڇڏيندس ڪنهن حيلي پہ ڪونہ. باقي حڪو جيڙِي آهي تيڙي اسانجي آهي ۽ اِها پہ آنکي زبان ڏيو تو وجان تہ ڪراچيءَ جي وڏي کان وڏين اسپتالن تائين پہ آئون حڪوءَ جو علاج ڪرائيندس. پوءِ ڪٿن پاڳ اسانجا.“

”ڪاڪا الانا، اِهو تون چئي اسان کي نہ پڏائي، اسين هُجَ ئي تونجا واڪوب (واقف) اَهيون. اِها اسان کي سوران (سورنهن آنا منوتي آهي تہ اسانجي نينگري تونجي گهر ۾ رهي ڪڏهن پہ ڏکيو ڏينهن ڪانہ ڏسندي. پر چُوندا ڪونہ آهين تہ ڪچيءَ ۾ اُها ڪجي جيڪا پڪيءَ ۾ پارجي. سواِجَ نہ ٿئي جو سياڻي پان سيني کي ڪنڌا ڪيڏٽا پئجي وڃن. اسين توکي سٽائي ڪونہ ٿا سگهون... پر ڪاڪا الانا ڳال هيءَ آهي تہ اسانجي نينگري ٻاريتي ٿي ڪانہ سگهندي. سيان ساٿ (ساعت) اِجَ نہ ٿئي جو آئين چئو تہ حڪوءَ کي ٻار نٿو ٿئي، تنهن ڪري صابو ٻي شادي تو ڪري، ۽ اِجَ چئي ڏيوس گنڌي هٿ ۾ تہ وڃي مائٽن کي سلام ڏي. نياڻيءَ جي مائٽن لاءِ اِن کان وَڏڪِ ٻي ڪيڙي ذلالت ٿيندي، ۽ اِها ڳال اسان کان سَني ڪانہ ٿيندي. پوءِ پان (پاڻ) هران پران مِنن ۾ ڪرڙا ٿي پئون ۽ اوڙو پاڙو پان تان کلائي ڪٽي تڪي هڪڙي جا ٿي رهون. تڏهن پيا چئون تہ حڪوءَ تان هٿ ڪڍو باقي جيڪي نينگريون آنکي وڻن سي آنکان ڪونہ جهليندا اسين.“ ولوءَ نيٺ اصل ڳال ڪاڪا الاني جي اڳيان رکي ڇڏي.

”هُونهن....!“ ڪاڪا الاني ”هُونهن“ کي اجائي ڊگهار ڏني. ”تہ چئبو تہ اِها ڳال آهي...!“ هُن

سگريٽ مان ڦوڪ ڀري چيو: ”ڳالھ آنجي برابر وزن واري آهي، اِها ڳالھ مون کي وڻي. سچي ڳالھ ڪري آن پاڻ حڪوءَ لاءِ مونجي دل ۾ وڏڪ جاءِ والاري آهي. هاڻ تہ آئون حڪوءَ مان مُورهت نہ ڪيان. پر مون کي صابوءَ ۾ گهروارن سان ڳالائڻو پوندو چو تہ هيءَ هڪڙي ڏينهن جي ڳالھ ڪانهي. سو اجوڪي ڪچهاري اتي تا ڇڏيون. صبح جو اول ڪئر، آئون فون تي ڳالائي ڳالھ کي هڪڙي پاسي ڪري ڇڏينداسين.“

(6)

”ابا، مون کي حڪو کپي، حڪو کپي، حڪو کپي، ٻي ڳالھ مون سين نہ ڪجان.“ صابوءَ چيو.

”مون کي مونجي پٽ جي کُوشي تي کپي، جي صابوءَ کي حڪو تي کپي تہ مونجيون اکيون ٺڏيون. حياتي تہ انهن کي گذارڻي آهي نہ سو جنهن ۾ هو کُوش، تنهن ۾ آئون کُوش.“ صابوءَ جي ماءُ چيو.

”اسان کي ياءُ جي کوشي کپي ۽ بس...!“ جڏهن سيني گهر وارن ڪاڪا الاني کي فون تي راضيئپو ڏيکاريو تڏهن ڪاڪا الانو جهڙپ ڏيئي کٽ تان اٿيو ۽ کيسي مان پنهنجي سئو وارو نوٽ ڪڍي، وڏي وجي حڪوءَ کي هٿ ۾ ڏنائين ۽ چيائين. ”امان حڪو هي پنج سئو روپيا تونجي پوتيءَ جا. هاڻ تون هتي اسانجي امانت آهيئين.“ حڪو جا مانيءَ جي تيارين ۾ چلھ جي پاسي ۾ ويٺي هئي، سا لڄ کان ٻئي هٿ مُنهن کي ڏيئي ٽِپ ڏيئي ڊوڙي وجي ڪوٺيءَ ۾ لڪي.

پوءِ ڪاڪا الانو پنهنجي پڄت سارُو ڄڃ وٺي ويو ۽ حڪوءَ کي ڪنوار ڪري وٺي اچي پنهنجي گهر سهڙيو.

(7)

”مون توکي چيو هو نہ تہ آئون تونجي لائق ڪانہ آهيان، تنهن ڪري شاديءَ تي زور نہ ڀر.“ حڪوءَ پنهنجي گهوٽ صابوءَ کي، نِڪيتيءَ جي ڪشتن مان وانڏو ٿي، رات جو سمهڻ واري کٽ تي ويهڻ مهل چيو.

”ها، مونکي ياد آهي، تو برابر چيو هو.“ صابوءَ حڪوءَ جي پير ۾ ويهي، ٻانهن ورائي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو.

”پوءِ توکو ڪئي مون سان شادي؟“ حڪوءَ ورائي پڇيس.

”ان ڪري جو مون کي پڪ ٿي وئي هئي تہ آئون توکانسواءِ جيئرو رهي ڪونہ سگهندس، ۽ جي

سچ پڇين ته مون هِجَر مرڻ ڪونه ٿي چاهيو.اِها اٿئي ايمان جي ڳالهه.“ صابوءَ ڏاڍي دلرُبائيءَ سان چيو.

”پر جڏهن توکي اها پڪ ٿي وئي ته آئون ڦِٽل آهيان، مون کي اولاد ڪونه ٿيندو، پوءِ ضد ڪو ڪيئي؟“

”سچي ڳالهه ٻڌايان ني.“

”ها، سٽائي.“

”مون پئي سمجهيو ته سڳ ڏيڻ کان لهرائڻ لاءِ تونجي ماڻهن بهانو ٿي ڪيو.“

”جي نلهو بهانو ڪن ها ته پوءِ توکي ڏين ڪو ها، ڪا ته ڳالهه هئي نه!“

”اِها سندن ميرباني،اِها تونجي پڻ ميرباني جو مونکي مرڻ کان بچائي ورتائون!“

”چڱو هاڻ هيڪڙي ڳالهه مون کي سٽائي، شادي ڪجاڙي لاءِ ڪبي آهي؟“

”شادي ڪجاڙي لاءِ ڪبي آهي !...... اونهه..... اونهه... شادي ڪجاڙي لاءِ ڪبي آهي.... توکي ڪبر ڪانهي ڪ....“ صابوءَ ڪلندي ۽ ڦڪو ٿيندي چيو.

”تڏهن ته توکان پڇان پئي... ٻڌائي شادي ڪجاڙي لاءِ ڪبي آهي؟“ حڪوءَ سوال دهرايو.

لڄ ۽ شرم صابوءَ جي چهري تي ونجهوتي راند ڪڏڻ لڳا. هُن ٻئي ٻانهون ورائي حڪوءَ کي ڀاڪرن ۾ ڀري، سندس سانورين، ماسيرين ۽ پرٽُون متن تي ٻه جاڙيون چميون ڏنيون ۽ چيو ته ”ماڙهو... شادي..هِن لاءِ ڀه ڪندو آهي ۽ ٻيو... ۽ ٻيو... ۽ ٻيو... ۽ ٻيو... اُن لاءِ ڀه ...!“ صابوءَ ڳالهه اڌ ۾ ڇڏي ڏني ۽ لڄ کان پنهنجون اکيون پوري ڇڏيائين.

”تون هي جيڪو ”ٻيو... ۽ ٻيو...“ پيو چُوئين، سو جي تونجو اُهو ”۽ ٻيو“ پورو نه ٿئي ته پوءِ...؟“ حڪوءَ برجستي لهجي ۾ صابوءَ کي خبردار ڪندي چيو.

”ڇڏ مشڪري...اِجَ ڀه ٿيندو آهي ڇا؟ مرد ۽ عورت ته شادي ڪندا ئي اِن ڳالهه لاءِ آهين، سواِجَ ڪيئن ڪونه ٿيندو...!“ صابوءَ وري حڪوءَ کي ٻانهن ۾ وڪوڙي ٻيون ٻه ٻه جاڙيون چميون ڏنيون، پر سندس چهري تي فڪرمندي هنبوچيون هڻڻ لڳي هئي.

”صابو ...“ حڪوءَ ٻنهه سنجيده ٿيندي، صابوءَ جي ڀاڪرن ۾ رهندي ئي چيو: ”صابو آئون مشڪري ڪانه پيئي ڪريان، آئون سچي پئي چُئان. مون توکي ورائي ورائي پئي چيو ته آئون شاديءَ جي لائق ڪونه آهيان، تنهن کان پوءِ مونجن ماڻهن ڀه ڪليو ڪلايو ڪاڪا الاني جي مانڊان ڳالهه کولي رکي هئي ته آئون اولاد ڄڻڻ جيڙي ڪونه آهيان. پر آئين نه مُڙيا ۽ چيان ته جيڙي آهي تيڙي اسانجي.

سو آئون جيڙي اَهيان، تيڙي اچي تون جي مانڌان حاضر ٿي اَهيان. باقي تون ڀي ڪاڀہ ڪُوشي مون مان ماٺي ڪونہ سگھندين.“

”نہ ڪو نہ ... اِڄ وري ڪيئن ٿيندو! مونجي مِني ڪو اِڄ وري ڪيئن ٿيندو!!“ صابوءَ جي حيراني ۽ پريشاني ڏسڻ وٽان هئي.

”ڏس صابو هاڻ تہ پاڻ ٻئي زال ۽ مڙس اَهيون نہ هاڻ پانکي هڪ ٻئي جي اگهاڙ ڏسڻ جائز آهي. تون پلي مون جو اُهو سڀ ڪجهہ ڏسي تسلي ڪر. جيڪو هِن کان اڳ، سمجهہ پريئي ٿيڻ کان وٺي هيستائين، ٻئي ڪنهن پہ مرد ماڙهوءَ ڪونہ ڏنو آهي... ۽ ... ۽ ...“ ائين چئي ڪو سِڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

پهريائين تہ صابو ڏاڍ شش در ٿيو پريشان ٿيو پر پوءِ همت ڪري حڪوءَ جو چهرو ڪٽي پنهنجي هنج ۾ رکيائين ۽ بنا ساهيءَ جي ڪيس چمڻ شروع ڪري ڏنو ۽ جڏهن چَٿَ چُمَ جون سرحدون ختم ٿيون... ۽ جڏهن حجابن جا باب بند ٿيا... ۽ جڏهن جذبن جو گرم لاوا ٿهڪڻ لڳو... ۽ جڏهن گرمائش جي شدت ڪپڙن جي اوڇڻ جي سهپ کان بہ اِڳتي وڌي ويئي... ۽ جڏهن صابوءَ جون هٿوراڙيون ريس جي گهوڙي جيان حڪوءَ جي اوڇڻ کان آجي بدن تي تاپيون وجهڻ لڳيون... ۽ جڏهن ٿر جي سرسبز پٽن تان اُهي ٻي لغام هٿوراڙيون چڙهنديون لهنديون ڪنهن سُجهندڙ پيٽيءَ تي اچي بيٺيون... تڏهن... تڏهن... صابوءَ کان دانهن نڪري ويئي.

”هان!.... هي ڇا؟...“ صابوءَ جي اکين ۾ ڪي اڻ ڇتا عڪس رهجي ويا.

پوءِ صابوءَ جي هٿن هڪ پيرو... بہ پيرا... ٽي پيرا... ۽ پوءِ الاجي ڪيترا پيرا، اُن مخصوص پيٽيءَ تان پيرا ڏنا.... پر ... پر.... پر اُتي اُجايل جي اُجَ اُجهائڻ لاءِ ڪوبہ پاٽيءَ جو ڪوهہ موجود ڪونہ هو. پر .... پر ... اُتي تہ صرف ۽ صرف ماڪوڙن جي بِر جيترو ننڍڙو سوراخ هو ۽ بس...!

*20 جنوري 2012ع*

❊

# مان ڪي ياسر سان ڳالهائڻو هو...!

شام لهي آئي هئي. ويندڙ سياري جي سج ۾ ڪا گهٽي تپش ڪانه رهي هئي. مان پنهنجي بنگلي جي خوبصورت لان ۾ ڪرسيءَ تي ويهي ڪمپيوٽر ۾ ڪا ڊيٽا به ڏسي رهيو هوس ته ملازم طرفان ڪچي ايندڙ چانهه جو انتظار به ڪري رهيو هوس. سامهون ٽيبل تي مان جو فون به رکيو هو. موبائيل جي رنگ وڳي، اسڪرين تي اڻ سڃاتل نمبر ڏسڻ ۾ آيو. نظرانداز ڪري پنهنجي ڪم کي لڳو رهيس. ٻيو پيرو، ٽيون پيرو ۽ پوءِ چوٿون پيرو به رنگ وڄڻ لڳي. نه چاهيندي به موبائيل آن ڪري، ڪن سان لڳائي، خاموشيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳس. ڪجھ ساعتن کان پوءِ ڪنهن بلڪل نوخيز مُڪڙيءَ وانگر ٽِڙندڙ نوجوان ڇوڪريءَ جي آواز جهرڻي جي پاڻيءَ وانگر ڇڻڪات ڪيو:

”هَـ... لَـ... وَ...!“ Hello لفظ کي پنهنجي بنهه خوبصورت انداز ۾ اينگهائيندي چيائين.

”جي، ڪير؟“ مون پنهنجي نارمل آواز ۾ پڇيو.

”مان ڪي ياسر سان ڳالهائڻو آهي....“ مترنم اواز جا ترنگ گُونجڻ لڳا.

”نه ماءِ ڊيئر (منهنجي پياري). نه مان ياسر آهيان ۽ نه ئي اسان جي پاڙي ۾ ڪو ياسر نالي شخص رهي ٿو.“ منڙو آواز ٻڌي دل بيمان ٿيڻ لڳي، سو رانگ نمبر چئي فون بند ڪرڻ بدران دل لڳيءَ خاطر اڻ سڃاتل پرائي ڇوڪريءَ کي ماءِ ڊيئر چئي ويٺيم.

”جڏهن توهان ياسر نه آهيو ته پوءِ مان کي ’ماءِ ڊيئر‘ ڇو چيووَ!“

”اهڙي منڙي ۽ سُريلي آواز جي مالڪ کي ته پياري ئي چئي سگهجي ٿو نه!“

”اچا ....! ڏاڍا رومانٽڪ ٿا ڏسجو...“ هِن پيري لفظ اچا کي به پنهنجي ئي پياري انداز ڊگهاريندي چيائين: ”پلا اِهو ٻڌائيندؤ ته مجنوءَ سان توهان جو ڪهڙو تعلق رهيو آهي؟“

”ڏسو محترمہ توهان ۽ اسان ڪي آسماني فرشتا ته آهيون ڪونه. توهان ۽ اسان سوين سال اڳ وارن انسانن جو تسلسل آهيون. سو جهڙو توهان جو ليليٰ سان تعلق ٿي سگهي ٿو، تهڙو ئي مان جو رشتو مجنوءَ سان ٿي سگهي ٿو. باقي ذاتي طرح مان جو هيءُ خيال آهي ته سڃاڻپ سان ئي تعلقاتن جي شروعات ٿئي ٿي. اڻ سڃاتو ئي هڪ ٻئي لاءِ اجنبي هوندا آهن. سو جي سڃاڻپ ٿي ويئي ته تعلق خُودبخود وڌي ويجهي سگهي ٿو ۽ پوءِ ته پراڻن ليليٰ مجنوءَ جي جاءِ تي نوان نوان ليليٰ مجنون به ٿي سگهن ٿا. توهان جو ڇا خيال آهي؟“

”اوهه ....! توهان ته مرڳو ڪا گيدوڙي جي ڳِگ آهيو. ماڳهي چنبڙي پيا آهيو. رانگ نمبر چئي ڪال ڊراپ به ڪري پئي سگهيا. هرويرو هيڏي ساري ڊيگهه ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.“ سندس لهجي ۾ شوخي هئي، غرور هُيو۽ پر هڪڙي قسم جي ڪوٽ پڻ هئي.

”ايئن ته توهان به ڪري پئي سگهيون. پوءِ هيتري دير ڳِگ جو ساٿ ڏيڻ جو ڇا مقصد؟“

”اوهه.... توهان مردن کي به نه رڳو ڪو موقعو ملي وڃي، پوءِ ته بنهه جند ئي ڪانه ڇڏيندا آهيو.“

”هرويرو ايئن به ڪونهي. توهان ئي ڪٽي ڪال ڊراپ ڪري ڇڏيو. توهان جي ڳالهائڻ ڪان اڳ ۾ به جهان هليو پئي، ۽ هاڻ به جهان هلندو پيو. توهان بي فڪر رهو.“

”اڇا...! ايترو توهان کي پاڻ تي گهمنڊ آهي؟“

”توهان ڇا ٿيون سمجهو ته مان وينو ئي توهان جي ڳالهائڻ جي انتظار ۾ هوس ڇا؟ ها، اهو ممڪن آهي ته جيترو توهان جو آواز مِنڙو ۽ وڻندڙ آهي، اُن کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ توهان خوبصورت هجو. حسين هجو. نازڪ ۽ نفيس هجو ۽ ... ۽ ڏسڻ سان ماڻهوءَ کي ديوانو بنائي ڇڏيندڙ هجو. پر... پر ڇون ٿا ته هٿ هٿن ڪان پلا پيا آهن. پلا پليءَ جو ڇيهه ڪونهي. اِها ڳالهه به توهان کي وسارڻ نه گهرجي.“

”پليرا ڏاڍي پيا ٻڌايو“. پوءِ هلڪڙو ٽهڪ ۽ پوءِ طنزيه ۾ انداز ۾ چيائين ”هونهه... پلا پليءَ جو ڇيهه ڪونهي...!“

”اسان جي ڪهڙي مجال، جو ڏاڍي ٻڌايون. اسان ته مڙيئي دنيا جي ڳالهه ڪئي. نه وٽي هجي ته موٽائي ڏيو. پر ... پر هڪڙو عرض آهي...!“

”لڳي ويا نه لائين سان“ مان جو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيائين، ”بس گهمنڊ پورو ٿيو. ها، ڇئو ڪهڙو عرض آهي؟ اِهو ئي نه ته رابطو ختم نه ڪجو. ڪڏهن ڪڏهن توهان جي منڙي آواز ٻڌڻ جو موقعو ڏيندي رهجو. ايئن نه ؟“

”او ماءِ گڊنيس...! توهان ته دل جا راز به ڄاڻو ٿيون. بس، هاڻ توهان سان بحث ۽ تڪرار ڪهڙو! هاڻ ته اسان ٿياسين توهان جي وس. جيئن واريو تيئن وران ڙي يارَ...!“

”ڇڱو ڇڱو گهڻو ٿيو. مان کي ته ياسر سان ڳالهائڻو هو.“ ۽ لائين ڪٽجي ويئي.

مان پنهنجي موبائيل ۾ سندس نمبر Save ڪيو۽ نالي جي جاءِ تي لکيم ”منڙو آواز“.

14_15 ڏينهن گذري ويا پر وري اُن نمبر تان ڪال نه آيو به ٽِي ڀيرا سوچيم ته مان پاڻ ڪال

ڪيانس. پر ورياِهو سوچي صبر پئي ڪريم ته متان نه گيدوڙي جي ڳِگ چئي چنبڙي پوڻ جو ميهڻو ڏي. سو ڏاڍي دل چاهيندي به ڪال ڪري نه سگهيو هومانس. هونئن ته اڪثر رانگ نمبر لڳندا پيا رهندا آهن، جن کي ساري Sorry چئي ڪابه اهميت ڪانه ڏبي آهي، پر هيءُ رانگ نمبر جهڙوڪر منهنجي دل تي نقش ٿي ويو هو. منهنجي خيال ۾ اهڙي ڪا خاص ڳالهه به ڪانه هئي، پر پوءِ به مان خبر ناهي ڪهڙي اڻ لکي ڇڪ محسوس ڪري رهيو هوس. موبائيل تي ڳالهائڻ سان ڪنهن اجنبي مرد يا عورت جي باري ۾ ڪو صحيح فيصلو ته نٿو ڪري سگهجي. البت لفظن جي چونڊ، ادائيگي، لهجي ۽ آواز جي مناڻ ۽ ڪوڙائڻ مان ٿورو گهڻو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اڳلو ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. سو مون کي به سندس شوخيءَ، الهڙپن، چيڀرائپ ۽ چڙواڳ ڳالهين مان سندس بي باڪي، عورتاڻي نفاست، معصوميت ۽ ڪنهن حد تائين پنهنجاپڻ لياڪا پائيندي نظر آئي پئي. اِهو منهنجو ذاتي اندازو هو. باقي هُن طرفان اهڙو ڪو به سنجيده اشارو ڪونه مليو هو جنهن کي بنياد بنائي سندس ڳَڏ لڳي پئجي. سندس مِنڙي آواز مان سندس عمر به 13ـ14 سالن کان ڪا گهٽي ڪانه پئي لڳي. مون کي لڳو هو ته هُن کان اتفاقاً رانگ نمبر ڪونه لڳو هوءِ نه ئي ڪنهن ياسر سان ڪيس ڳالهائڻو هو. هُن جاٽي واٽي اڻ جاتل نمبر ڊائل ڪري هڪڙي قسم جي چيٽنگ ڪئي هئي. اِها شيءَ هِن اَمرَ مان به ظاهر ٿي ٿي، ته هوءَ باوجود رانگ نمبر جي جاڻ پوندي، پوءِ به لاڳيتو ڳالهائي رهي هئي. ته پوءِ مان به سوچيو ته مان چو نه ساڻس به چيٽينگ ڪريان، اهو سوچي پوءِ مان ڪيس ڪال ڪيو پر احتياطاً سِم ڪارڊ بدلائي ڇڏيم.

هُن جي رِنگ ٽون وڄندي رهي ۽ وڄندي ئي رهي. هر ڀيري ڪمپيوٽر تي ٻڌايو ته جواب ڪونه پيو ملي. ڀيريان چار ڀيرا فون نه کڻڻ ڪري مان پئي سمجهيو ته شايد هن ڀيري به فون نه کڻي. پر رِنگ ٽون وڄندي ئي هن فون کڻي ته مان کان چرڪ نڪري ويو. پر هڪدم حواسن تي قابو پاتم ۽ مِنڙي آواز جو انتظار ڪرڻ لڳس. ڪجهه ساعتون پنهي طرفان انتظار ٿيندو رهيو. نه مان ڪجهه ڳالهايو ۽ نه ئي وري هُن ڳالهايو. موبائيل هن جي به آن هئي، ڪجهه دير بعد ڀرئين واري ساڳئي لهجي ۾ لفظ هيلو کي پنهنجي انداز ۾ اينگهائيندي چيائين ”هَـ... لَـ... وْ...“

”..........“ مان خاموش رهيس.

”هَـ... لَـ... وْ...! ڪنهن کي ڪُتيءَ ڪنيو آهي.....!“

”.........“ مان وري به خاموش رهيس.

”فون ڪرڻ جي جرئت ڪئي اٿئي ته پوءِ ڳالهائي به کڻي ته ڏسان ته سهي ته ڪهڙي باغ جي

موري آهين؟ هان! ڳالهائين چو نٿو؟" سندس لفظن مان تہ ڪوڙائڻ ٽپڪي رهي هئي، پر لهجوءِ آواز ساڳيوئي منڙوءِ قربائتو هو.

"مان موري ناهيان سرڪار. دنيا اچا ايتري ترقي ڪانہ ڪئي آهي، جو موريون بہ موبائيل استعمال ڪري سگهن."

"اوهہ...... تہ پوءِ ڪير آهيوءِ ڪٿان پيا ڳالهايو؟"

"مان مجنوءَ جو تسلسل آهيان حضرت انسان ءِ وات مان پيو ڳالهايان. توهان ٻڌايونہ تہ توهان جا ڪهڙا حال آهن؟"

"اچا اچا .... گيدوڙي جي ڳِگ آهيو. I See ها. اِها تہ مان کي پڪ هئي تہ توهان فون ضرور ڪندؤ پر ايترو دير سان. اِها خبر ڪانہ هئي، خير، ٻڌايو چو فون ڪئي اٿوَ؟"

"پهرين توهان ٻڌايو تہ اڳي توهان فون چو ڪئي هئي ءِ اِهو بہ تہ وري فون چو ڪانہ ڪيَوَ؟

"توهان ٽيندا ڪير آهيو حڪم هلائڻ وارا؟ مان ڪا توهان جي نوڪرياڻي آهيان ڇا؟" چو ڪريان ها فون مان توهان کي؟ .... هونهن ڇٽ جو مرڳو دماغ خراب ٿيو آهي." سندس منڙي آواز ۾ غصو پرجڻ لڳو هو.

"نوڪر تہ اسين ٿي سگهون ٿا، توهان تہ مالڪ آهيو."

"Just Shutup (پنهنجو وات بند ڪر) وڏو آيو آهي...!" ءِ رابطو ڪتجي ويو.

مان شدت سان محسوس ڪيو تہ مان کي فون ٿي نہ ڪرڻ گهرجي ها، اجائي جلد بازي ڪيم تہ ان جو نتيجو پوڳڻو پيو. ڏڙڪا بہ مليا، هوءَ ناراض بہ ٿي ويئي ءِ مرڳو ڳالهائڻ جي واٽ ئي بند ٿي ويئي. پر هاڻ ... هاڻ جيترو لڳي چڙهبو اوترو ضد ڪندي ءِ ڪاريون ڪتيون پيو ٻڌڻيون پونديون. تنهن ڪري في الحال چڏي ڏجيس تہ پلي توري تڏي ٿئي، پوءِ بہ ڳالهہ پري ڪانهي. هونئن بہ ڪو لهي ايري اُن تي ڪونہ پيو. اسان وٽ تہ هونهن بہ موجون لڳيون پيون آهن. ڪهڙِي ضرورت آهي جو ويهي ڏڙڪا سهجن. نيڪ آهي ڇڏ منبدي کي واريءَ ۾...! ڪهڙي خبر تہ هيءَ ڪير آهي ڇا ڪندي آهي؟ ڪٿي پيا سندس پنيان ڏڪا کائبا! نهيو خير ٿيو.

هونئن بہ موبائيل تي ڳالهائيندڙ سان سندس مرضيءَ کانسواءِ تہ ملي بہ نٿو سگهجي. ڪهڙِي خبر تہ ملڪ جي ڪهڙي حصي مان پيئي ڳالهائي، ان صورت ۾ اهڙن ماڻهن لاءِ پريشان ٿيڻ اجايو آهي. تنهن ڪري ماٺ ڪري مان پنهنجي روٽين جي سرگرمين ۾ مشغول ٿي ويس.

بہ مهينا گذري ويا. شروعاتي ڪجهہ ڏينهن مان ڪال جو انتظار بہ ڪيو پر پوءِ آهستي

مِٺڙي آواز کي هڪ پاسو ڪري مان پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ ايترو ته مصروف ٿي ويس جو وري اُن طرف ڌيان ئي ڪونه ٿيو. ٻي به ڳالهه ٿي هئي. اسان جي آفيس ۾ ڪجهه ٻاهريون انسپيڪشن ٽيمون لڏو لاهي اچي ويهي رهيون هيون، اڪائونٽس جي آڊٽ، آفيس ريڪارڊ جي چيڪنگ، فيلڊ ورڪ جي وزيٽنگ، پبلڪ سان گڏجاڻيون، ورڪشاپ، ڪانفرنسون، ريلين جو انتظام، جلسن جو اهتمام وغيره وغيره... اهڙي ته وٺ وٺان هئي جو ٻه مهينا لاڳيتا مٿو کنهڻ جي به فرصت ڪانه ٿي ملي، ۽ جڏهن انهن سمورن ڌڌن مان آجو ٿي سک جو ساهه کنيم، تڏهن، هڪڙي ڏينهن اوچتو مٺڙو آواز ذهن تي تري آيو شام هئي، ٺڏڪار هئي، اڪيلو هئس، وانڊو هوس، دل ۾ چِڪ پيدا ٿي ته ساڻس رابطو ڪريان، ڪريان يا نه ڪريان، ڪري ڏسانس، اونهون... نٿو ڪريان....چوندي ته بنهه ڪو لُوسي آهي، جند ئي ڪونه ٿو ڇڏي.. ڪٿان رانگ نمبر لڳو ڪٿان مرڳو ڦاسي وياسين.... هيڏي ساري بي عزتي ڪئي مانس ته به پچر نٿو ڇڏي.. نهيو ڇڏيئينس ڪٽي. نٿو ڪريان رابطو. لاچار ٿيندس ته پاڻيهي فون ڪندي، پر جي نٿي ڪري ته خير هجيس...!

منهنجي ذهن ۾ اجا اِهي ئي خيال وتجي ستجي رهيا هئا. جو موبائيل جو رِنگ ٽون وڳو.. ***آجا ميرے ميت، تجهے ميرے گيت بلاتے ہيں***... اسڪرين تي نظر وجهڻ سان خبر پئي ته منهنجي موبائيل ۾ سيو ٿيل نمبرن کان علاوه ڪو ٻيو نمبر هو. ڇا هو جو اُن مهل اسانجي N.G.O (غير سرڪاري اداري) ۾ پرتي ٿيڻ لاءِ نون اميدوارن جون اڪثر فونون ايندڀون رهنديون هيون. سو مان سمجهيو ته شايد هيءُ به فون ڪنهن اميدوار جو هوندو. سو فون آن ڪري پنهنجي آفيسراڻي دبدبي کي ظاهر ڪرڻ لاءِ پنهنجي آواز کي ڪنهن حد تائين ڳؤرو بڻائي، برجستي لهجي ۾ چيم "هلو...."

"........." ٻئي طرفان جواب ڪونه آيو.

"هلو....." پنهنجي آواز کي اجا به ڳؤرو ڪري ٻيهر چيم.

"مان ... م ... مان ... ڪي ... ياسر... سان ڳالهائڻو آهي..!" ڏڪڙجي ڏڪڙجي، آهستي آهستي، قسطن ۾ جواب مليو.

مان آواز سڃاتو. اُهو ئي مِٺڙو آواز هو. حال هڪيو ته ٺڙي پيس. مان جي واڇ لڙي پيئي. پنهنجي آواز کي اصل ليول تي آڻي، منجهس جيترو به مٺاس پري سگهيس ٿي، پري چيم: "او ... هو....! توهان آهيو. ٻڌو محترم، جڏهن اسانجو ڳالهائڻ به توهان کي نٿو وڻي ته پوءِ وري فون ڇو ڪئي اٿوَ؟"

"اجا ناراض آهيو. آئي ايم ريئلي ويري ساري فار دَيٽ. مون کي معاف ڪجو. آئينده ايئن نه ٿيندو." هُن معذرت ڪئي.

”پر توهان کي تہ ياسر سان ڳالهائڻو آهي ۽ مان ياسر ناهيان.“ مان ٻاهرئين ٻنين لاغرضي ڏيکاري.

”ها، برابر توهان ياسر تہ نہ آهيو پر....“ جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنائين.

”پر ڇا ... سنئين سبتي ڳالهہ پيئي آهي. ڪنهن کي وڻڻا هجن پٽاٽا ۽ ملن بصر، تہ هُو بصرن کي ڪيئن قبول ڪندو؟! ساڳي طرح توهان کي ڪپي ياسر، جيڪو مان ناهيان. تہ پوءِ توهان پنهنجو ۽ مان جو وقت ڇو پيون ضايع ڪريو.“ مان لهجي ۾ طنز پري ڇيو.

”ڇئبو تہ اڃا بہ ناراض آهيو..“

”نہ مان ناراض نہ آهيان.“

”تہ پوءِ ڳالهائڻ ۾ هيءَ تلخي ڇا جي آهي!“

”ڇڱو ڇڏيوان ڳالهہ کي. توهان پنهنجو نالو ٻڌايو تہ جيڪڏهن گسان پنڌان ڪو ياسر ملي وڃي تہ کيس توهان جو نياپو ڏيئي ڇڏيان.“

موٽ ۾ هلڪڙو ٽهڪڙو ڏنائين، ۽ پوءِ ڪجهہ ساعتن کان پوءِ چيائين ”مان کي ڪوبہ ياسر نہ، پر مان کي مان جو ياسر کپي، آئي ڳالهہ سمجهہ ۾ مجنا!“

”سمجهہ ۾ تہ گهڻو ڪجهہ اچي پيو ليلي، پر وري بہ توهان پنهنجو نالو ٻڌايو تہ مان توهان کي ياسر ڳولي ڏيڻ ۾ ڪا مدد ڪري سگهان.“

”اڃا .... !“ لفظ کي اڃائي ڏگهار ڏيئي اينگهائيندي چيائين: ”ڪنهن اڻ واقف ڇوڪريءَ کان نالو پڇڻ جو واهہ جو طريقو آهي. لڳي پيو تہ هن ميدان ۾ ڪافي ڏگهو تجربو رکو ٿا. باءِ دي وي، توهان کي هن فيلڊ ۾ گهڻا سال ٿيا آهن ڏڪا ڪائيندي؟“

”نہ محترمہ، مان جي اِها فيلڊ ڪانهي. مان يونيسيف جي طرفان ملندڙ ايڊ جي ڊالرن تي هلندڙ هڪ اين جي او مانيٽر ڪندو آهيان، ۽ اسان جي N.G.O سنڌ جي مسڪين ماڻهن جي واهر ڪرڻ جي بهاني سنڌ جي سموري معلومات جا انگ اکر گڏ ڪري ٻاهرين ملڪن ڏانهن روانا ڪندي آهي.“

”اوهہ...“ لفظ کي ٻيهر اينگهائيندي حيرت جو اظهار ڪيائين، ”تہ ڇئبو تہ اها ڳالهہ آهي. ڀلا ٻيو ڇا ڇا ڪندي آهي توهان جي اين جي او؟“ پڇيائين.

”اسان جي اين جي او وڏا وڏا ڪم ڪندي آهي، جن مان مکيہ هي آهن: هڪ اهڙا نوجوان. جيڪي ڪاپي ڪلچر ذريعي ڊگريون حاصل ڪري بيروزگار وينا آهن. جن کي انگريزيءَ ۾

ڳالهائڻ هڪ جملو بہ ڪونہ ٿو اچي، تن کي پرتي ڪندا آهيون. بيو اهڙا نوجوان جن سچي پچي پڙهائي ۽ محنت ڪري پنهنجي صلاحيتن جي آڌار تي سٺي گريڊ ۾ امتحان تہ پاس ڪيا، پر رشوت جو پئسو ۽ سورس نہ هئڻ ڪري ۽ جيالن طرفان وڪجندڙ نوڪريون نٿا خريد ڪري سگهن. جن کي وطن ۽ قوم جي فلاح و بهبود لاءِ فڪر تہ آهي پر کين موقعا نٿا ڏنا وڃن. ٽيون اهڙن سياسي ڪارڪنن کي نوڪريون ڏيندا آهيون، جيڪي قوم پرست تنظيمن ۾ ڳچ جيترو عرصو پنهنجي ايمانداري، سچائي، لگن ۽ محنت سان جاکوڙ تہ ڪندا رهيا، پر کين هر سطح تي نظر اندازيءَ جو شڪار بنايو ويو. کين پنهنجي صلاحيتن آهر اڳيان اچڻ جا موقعا ڇاٽي بجهي نہ ڏنا ويا. جنهن ڪري هو مايوس ٿي ٿڌا ٿي ويا هئا. مان بہ اتان ڪان ئي هتي آيو آهيان. هاڻ اسان سڀ گڏجي ٻاهرين ايجنسين جي منشا مطابق کين گهربل سنڌ جي سموري ڄاڻ جا انگ اکر گڏ ڪري موڪليندا آهيون. موٽ ۾ اسان جهڙن گهٽن سنڌ جي سچن پچن قومي ڪارڪنن، پرپور صلاحيتن سان مالا مال هوشيار گريجوئيٽن ۽ جذباتي نوجوانن کي ذاتي لالچ جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي، اسان جي اين جي او کين ناڪاره، عياش، ڪرپٽ ۽ بي ايمان بنائي، پنهنجو مقصد حاصل ڪري، اسان کي ڪنهن نہ ڪم جو ڪري غلاظت جي ڍِڳن تي ڦٽو ڪري ٿي ڇڏي. جتي اسان رڳو بدبوءَ ئي ڦهلائي سگهون ٿا ۽ بس.“

”اڇا......!“ حيرت مان چيائين، ”۽ توهان اُن اين جي او کي مانيٽر ڪندا آهيو؟“

”ها، مان اُن ئي اين جي او ۾ ڪم ڪندو آهيان.“

”توهان جي صاف گوئيءَ تي توهان کي شاباس هجي. پر پوءِ توهان اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿا مينيج Manage ڪريو. توهان ڪڏهن پڇتاءُ محسوس ڪيو؟“ هن پڇيو.

”ڇا جو پڇتاءُ محسوس ڪريان؟“ ورائي پڇيو مانس.

”اِهو ئي تہ ڪڏهن توهان سنڌ جي ڪاز لاءِ جاکوڙيندا هئا ۽ هاڻ هٿ وٺي دشمن قوتن کي سنڌ متعلق ذري پرزي جي ڄاڻ فراهم ڪري رهيا آهيو. هڪ سنڌي هجڻ جي حيثيت ۾ آخر توهان تي بہ ڪي ذميواريون عائد ٿين ٿيون نہ. توهان ڪٽي ٻين تي ٿورو نہ ڪريو پر پنهنجو فرض تہ هر ڪنهن کي نڀائڻو آهي نہ!“

”ها، برابر، مون تي فرض بہ عائد ٿين ٿا تہ ذميواريون پڻ، ۽ مان اُهي فرض ۽ ذميواريون پوريون بہ ڪري رهيو هوس. پر .... پر منهنجي پيٽ گذر ۽ مان سان لاڳاپيل خاندان جي پيٽ گذر جون ذميواريون بہ تہ مان کي ئي پوريون ڪرڻيون آهن. جڏهن سائنس ۾ ماسٽرس جي ڊگري A گريڊ ۾

پاس ڪيل سرٽيفڪيٽ ڪٽي در در جون نوڪرون ڪائي ڪائي ڪا وڏي نوڪري تہ نهيو پر پرائمري ماستريءَ لاءِ بہ پٽڪا پلانڊ ۾ آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳس. تڏهن بہ سنڌ جي حڪمرانن مون کي ماستري بہ ڪانہ ڏني، تہ پوءِ مان جي لاءِ باقي بيو ڪهڙو تي آپشن رهيو سواءِ ان جي تہ يا خاندان سميت اجتماعي خودڪشي ڪريان ۾ يا نہ تہ وري ڪا اين جي او جوائن ڪريان. جيجل امڙ خوبصورت نوجوان پيٽ ۾ پن گلاب جي گلن جهڙن پائرن سميت خودڪشي ڪرڻ جو ارادو پوءِ مان ترڪ ڪري ڇڏيو ۾ هيءَ اين جي او جوائن ڪئي. فقط پنجن سالن جي مختصر عرصي اندر اندر مان پنهنجي صلاحيتن جي آڌار تي مانيٽرنگ جي عهدي تي پهتو آهيان. پنج سال اڳ بکون ڪاٽيندڙ مان جو خاندان هاڻي ڏاڍي عيش ۾ آرام جي زندگي گذاري رهيو آهي. پائر ڪراچي جي بهترين نجي تعليمي ادارن ۾ پڙهي رهيا آهن. ۾ .... ۾ ...!“

”اوهہ ...!“ ساڳئي اينگائيندڙ لهجي ۾ چيائين، ”تہ ڇئبو تہ اِها ڳالهہ آهي، پر جيڪڏهن توهان جهڙا باشعور ماڻهو بہ ايئن شارٽ ڪٽ جو سهارو وٺن ۾ سنڌ جي لڏندڙ ٻيڙي کي ايئن وچ دريا ۾ وڏين وڏين ڇولين جي حوالي ڪري، نڌڪو ڇڏي وڃن تہ پوءِ آخر هِن وطن جو وانگي ڪير ٿيندو؟ ٻڏندڙ ٻيڙي ڪناري سان ڪير لڳائيندو؟ توهان ڪڏهن اِن پاسي تي بہ سوچيو آهي؟ مون کي ڏاڍي حيرت ٿي آهي توهان جي موجوده سوچ ۾ عمل تي.“

”ايترو جلد حيران نہ ٿي ماءِ ڊيئر...“ جملو اڌ ۾ ڪاٽي ورتائين.

“Please mind your language, Iam not your dear, ok.” شوخيءَ مان چيائين. (مان توهان جي پياري ناهيان، پنهنجي زبان سنڀالي ڳالهايو.)

”اوهہ، معاف ڪجو محترمہ، جلديءَ ۾ وات مان نڪري ويو. ها، سو ڳالهہ ٿي ڪيم تہ ايترو جلد حيران نہ ٿيو. حيران ڪرڻ لاءِ اڃا پوئتان ڪافي حقيقتون موجود آهن، جيڪي توهان کي حيرت ۾ وجهنديون. مان تہ ڇڙو ٻاهرين ايڊ جي ڊالرن عيوض هڪ اين جي او جوائن ڪئي آهي، پر هي جيڪي وطن جا وانگي هجڻ جون وڏيون وڏيون دعوائون پيا تا ڪن، اخبار، ريڊيو، ٽي وي، ريليون، جلسا، ڌرڻا، ڦيٽا جام، هٽ تاڙ روڊ بلاڪ، تعليمي ادارا بند ۾ روز ٻئي ڏينهن بک هڙتالون ڪريو هرڪو پاڻ کي اڪيلي سر سنڌ جو وارث پيو سڏائي، تن جا ڪرتوت ڏٺا اٿوَ؟ هي جيڪي سنڌ سنڌ، آزادي آزادي چيو چيو ٿڪن ئي نٿا، تن کان ڪنهن پڇيو آهي تہ ڪلهہ اوهان وٽ داخلا جا پئسہ بہ ڪونہ هئا ۾ اڄ هاءِ ڪلاس جي گاڏين ۾ پيا هلو سي گاڏيون ڪٿان آيون؟ ڪلهوڪا اپرن سيرن گهرن ۾ رهندڙ اڄ خبر ناهي ڪيترين پلازائن جا مالڪ بڻجي ويا آهن،اِهي پلازائون ڪٿان آيون؟

ملڪ جي وڏي ۾ وڏي شهر ۾ هزارين گاڏين جي قافلن ذريعي ماڻهو گڏ ڪري شوبازي ڪرڻ تي جيڪو ڪروڙين روپيا خرچ ٿو ٿئي، اُهي ڪروڙين روپيا ڪٿان ٿا اچن؟ سنڌ ته ساڳئي سورن ۾ آهي. سنڌ جي درد جو ته ڪو درمان ٿئي ڪونه ٿو. پوءِ انهن سنڌ جي دعويدارن ڪڏهن اهو اعتراف ڪيو آهي ته هو رڳو پاڻ ناهڻ ۾ پورا آهن ۽ قبضه گيري، ڀته خوري، ڌاڙن، ڦرن ۽ ٻنگ لاءِ اغوا جي وارداتن  ذريعي رڳو پنهنجا پيٽ ڀرڻ ۾ لڳا پيا اهن... ۽ .... ۽ ڇا ڪڏهن سنڌ جي چونڊيل نمائندن اهو اعتراف ڪيو آهي ته هنن اسيمبليءَ ۾ ويهي سڄي سنڌ دهشتگردن جي حوالي ڪري ڇڏي آهي؟ ... اوهه ... معاف ڪجو. مان به الاجي ڪٿان جو ڪٿي وڃي نڪتو آهيان. توهان سان نه ڄاڻ نه سڃاڻ ۽ مان ايئن بڪواس ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي. معاف ڪجو محترمه I am realy very "Sorry

مان توهان جو درد سمجهي سگهان ٿي. جنهن ماڻهوءَ جو خلوص "Never mind, It's ok". ائين مجروح ٿيندو هجي، تنهن کان دانهن ته ضرور نڪرندي نه ۽ جيڪڏهن اڳيان ٻڌڻ وارو ڪو همدرد هجي، پوءِ ته ماڻهوءَ جو هِينئُون ڦاٽي پوندو آهي. مان توهانجي جذبن جو قدر ڪيان ٿي."

"همدردي جتائڻ لاءِ وڏي مهرباني." مان جا جذبات وهلورجي وڃڻ لڳا.

Just Relax". ايترا Imotional نه ٿيو. پاڻ تي ضابطو رکيو هونئن به تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ مختلف قومن ۽ ملڪن تي اهڙيون ڪيفيتون اينديون رهيون آهن. پر پوءِ وقت شاهد آهي ته هر ٻيري قوم جي سڃاڻ ماڻهن پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي  ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي تاري آڻي ڪناري سان لڳايو آهي. اسان تي به هن وقت اُهي ئي تاريخي ڪيفيتون ماڪ جي ڏنڌ وانگر ڇانئجي ويون آهن، جن ۾ ماڻهو ڇڙوڇڙ، دربدر ۽ ڇڙواڳ ٿي ويا آهن. پر اُهي ڪيفيتون گهڻو وقت رهڻيون نه آهن.  اِهي عارضي آهن. جيڪي اسان جي پنهنجي غلطين سُستين بي حسيءَ ۽ لاتعلقيءَ جي ڪري وڏي وڻ ٿي ويون آهن. پر جڏهن به اسان ڪَر موڙي، آرس ڀڃي وري اٿنداسين، تڏهن سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. توهان مايوس نه ٿيو."

"توهان يچ مهرباني. توهان کي ته اسان جي مسئلن جي گهڻي قدر ڄاڻ آهي. توهان ته ڪافي باشعور سڃاڻ ۽ سنجيده ٿيون لڳو. پرپوءِ توهان جو شروعاتي الهڙپن، ڇيڳراڻپ ۽ شوخي... تنهن کي ڇا چئجي؟ اوڏيءَ مهل ته توهان جو رخ ئي ٻيو هو."

"اوهه... اُهو ته بس مڙيئي ائين هو. بس ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سان ٻوڳ ڪرڻ تي دل ٿي پوندي آهي. توهان اِن کي مذاق ئي سمجهو ۽ وساري ڇڏيو."

”وساري ڪيئن ڇڏيان اُن مذاق کي، جنهن توهان جهڙي باشعور ۽ باذوق شخصيت سان ڳالهائڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي. جيڪا... جيڪا.... نالو ڇا آهي توهان جو؟“

”اڄ نالو پيا پڇو ۽ سياڻي چوندا ته ٽائيم ڪيو ته ڪٿي گڏجي ويهي چانهه پيئون ۽ پرينهن ....“

”سياڻي ڪنهن ڏنو آهي!“ مان سندس ڳالهه ڪاٽي ڇڏي، ”سياڻيءَ کي سياڻي ڏسنداسين. اڄ توهان رڳو پنهنجو نالو ٻڌايو باقيءَ کي ڇڏي ڏيو.“

”پلا ايتري جلدبازي به ڇو؟ گهٽ ۾ گهٽ مان ايندڙ ٽي چار هفتا ته ڪيڏانهن ٻاهر ڪانه ٿي وڃان. جتي هيءُ موبائيل نمبر ويلڊ نه هجي.“

”چڱو پلا، جي پنهنجو نالو نٿيون ٻڌايو ته گهٽ ۾ گهٽ مان ڪان ته پڇو!“

”اُهو ته توهان هونئن به ٻڌائيندا، پڇي ڇا ڪريان؟“

”هرو پرو ائين به ڪونهي. جيستائين توهان نه پڇنديون، تيستائين مان به نه ٻڌائيندم.“

”تهيو نه ٻڌايو. مان زور ته ڪانه ٿي ڪريان. ۽ هونئن به نالي ۾ ڇا رکيو آهي؟“

”ڇو؟ نالي جي ڇو اهميت ڪانهي؟ هي جيڪي تاريخ ساز شخصيتون ٿي گذريون آهن. سي سندن نالن سان ئي ته ڄاتيون سڃاتيون وڃن ٿيون ۽ نالن سان ئي ته مشهور آهن. پر جي نالن جي ضرورت نه هجي ته مائٽ پنهنجي اولاد تي نالا ڇو رکن. وڏي ڳالهه ته توهان جو سڃاڻپ ڪارڊ به ته توهان جي نالي سان ٺهيو هوندو. اڙي... توبهه ... توبهه... معاف ڪجو توهان جو ته سڃاڻپ ڪارڊ اڃا ٺهيل ئي ڪونه هوندو.“

جواب ۾ هڪ زوردار ٺهڪ... ۽ پوءِ ڪجهه دير تائين لاڳيتو کلندو ئي رهڻ... جواب ڪو به نه ... پوءِ ڪُجهه وقفي کان پوءِ پڇيائين: ”ڇو؟ مان جو ڪارڊ ڇو نٿو نهي سگهي؟“

”سرڪار ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ 18 سالن جي عمر لازمي آهي، ۽ توهان ته ماشاءَ الله اڃا انڊر فِفٽين ٿيون لڳو.“

”اِهو توهان ڪيئن ٿا چئي سگهو؟“

”گهٽ ۾ گهٽ توهان جي مِنڙي، سُريلي ۽ معصوم آواز مان ته ائين ئي لڳي، وري به ڪهڙي خبر!“

”چريا ماڻهو سنهڙو ۽ مِنڙو آواز ته ڪنهن وڏي عمر جي عورت جو به ٿي سگهي ٿو. توها جو ٿورو اڳ ۾ اجائي خوشامند ڪندي پئي چيو ته مان ڪافي باشعور، باذوق ۽ الاجي ڇاڇا ٿي لڳان، سو ڪا انڊر ففٽين ڇوڪري ايترين لياقتن جي مالڪ به ٿي سگهي ٿي ڇا؟“

”ڇو ڪانه ٿي ٿي سگهي. لياقتون عمر جون محتاج ڪين هونديون آهن. ها، البت تجربي لاءِ

عمر جو فيڪٽر ضروري آهي. پر .... پر ... پاڻ اِن بحث ۾ چو پيا اُلجهون. توهان باصلاحيت آهيو سو آهيو. باقي رهي ڳالهه اندر ڦڦتين يا ڦڦتين پلس جي سو عورتون هونهن به پنهنجي صحيح عمر نه ٻڌائينديون ئي ڪين آهن. ڏسڻ سان اندازو ڪري وٺبو آهي، سو جي ڪٿي ملياسين ته خودبخود خبر پئجي ويندي. توهان جو ڇا خيال آهي؟“

”ڏٺوَ! اجا نالي جي تقاضا ئي پوري ڪانه ٿي آهي ته مٿان وري ملڻ جون ڳالهيون شروع ٿي ويون آهن. هڪڙي ڳالهه ٻڌايانوَ: اجائي جلد بازي ماڻهوءَ کي رڻ ۾ رولي به سگهي ٿي. اجايون آسون ۽ اميدون زندگي زهر به بنائي سگهن ٿيون. تنهن ڪري...“ شايد سندس موبائيل جو بيلنس ختم ٿي ويو هو ڪال ڊراپ ٿي ويو.

پوءِ هُن جو فون ڪونه آيو. اوسيئڙو ٿيندو رهيو انتظار وڌندو رهيو. ڪلاڪن مان پهر ٿيا، ڏينهن گذريو رات آئي. هفتن مان وڏي مهينو ٿي ويو. اِن عرصي دوران مان ڏاڍو موبائيل ڪڙڪايو پر هر پيري ڪمپيوٽر جي اطلاع موجب سندس نمبر بند پيا هئا. پوءِ ٻيو مهينو گذريو. ۽ ٽيون به پر ٻيو مڙيئي ٺيو خير. خير ته ٺيو پر مان جي حالت ڏاڍي ڏسڻ جهڙي ٿي ويئي هئي. ايئن سمجهو ته هُن محترمه جا آخري چيل به جملا بنهه سئو سيڪڙو سچ نڪتا. مان کي ايئن پئي لڳو ته ڄڻ مان هلندي هلندي پنهنجي واٽ وڃائي ويٺو آهيان. ڄڻ ڪنهن ڏڱ وڃايل واٽهڙوءَ وانگر مان رڻ ۾ رلندو ڀٽڪندو پيو وتان. زندگيءَ جي هر پهلوءَ مان ڄڻ چس، چاهه، موهه ۽ ذائقو ختم ٿي چڪو هو ۽ مان کي زندگي زهر لڳڻ لڳي هئي. بظاهر ته مان جي اهڙي طرح سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ ڪو به جواز ڪونه هو. پر پوءِ به خبر ناهي ڇو هن جو ڳالهيون منهنجي خيالن ۾ اچي مان جو سک چين وڃائي رهيون هيون. ٻيا ته ٻيا، پر خود مان به پاڻ کي، پنهنجي اِن عمل جي ڪري پاڳل چئي رهيو هوس. پر ڪنهن به حيلي هُن جي ڳالهين منهنجي پچر نٿي ڇڏي. هن جي خيالن مان پاڻ کي آجو ڪرڻ لاءِ مان ڀٽ چني ڇڏيا. الاجي ڪهڙيون ڪهڙيون جائز توڙ ناجائز ڪارگذاريون ڪري ڇُڪس، پر ’ڇري ڪيئن! ڇي: ڇري ويران وير وڌ....!‘ ساڳي حالت هئي منهنجي به.

ست مهينا گذري ويا پر مان ڪوريئڙي جي ڄار ۾ ڦاٿل مڇر وانگر پاڻ کي آزاد ڪرائي نه سگهيس. بلڪ ايئن چوڻ صحيح ٿيندو ته جيترو ٿي ڦٿڙاٽيم، اوترو وڌيڪ جڪڙبو پئي ويس. آخرڪار منهنجي جان ڪنهن حد تائين تڏهن وڃي ڇُٽي، جڏهن اسان جو نئون M.D آيو. اڳوڻو مينيجنگ ڊائريڪٽر ٻن ٽن مهينن لاءِ سائوٿ آفريڪا جي ٽوئر تي پئي ويو. اسان سمورن آفيسرن کي هيڊ آفيس طلب ڪيو ويو ۽ لاڳيتو ٽن ڏينهن تائين نئين ايم ڊي اسان مان هر هڪ کان پنهنجي

پنهنجي ايريا جي ذري پرزي جي ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ موٽ ۾ اسان تي ايترو ته ڪم جو بوجهه وڌائين جو ايندڙ ٻن مهينن تائين ته صحيح طرح ماني کائڻ جي ويسنڌ به ڪانه ٿي ملي. اسان به پنهنجو پگهار حلال ڪرڻ لاءِ يا ايئن کڻي چئجي ته پنهنجي بهترين ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي پروموشن حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيا. ٻئي مهيني جي پوري ٿيڻ تي اسان کي ٻيهر هيڊ آفيس طلب ڪيو ويو. اسانجي ڪارڪردگيءَ جي ڇڪاس ڪئي ويئي. ڏاڍي سخت اڪائونٽبلٽي ڪئي ويئي ۽ ان سخت احتساب جو نتيجو مان جي فيور ۾ ويو. مان کي مٿئين گريڊ ۾ ترقي ڏيئي ٻئي ايريا ۾ مقرر ڪيو ويو. مان ڏاڍو خوش ٿيم. ۽ خوش ٿيان به ڇو نه! صرف ترقي ملي، پر پگهار ۾ به چڱو خاصو واڌارو ٿيو ۽ رهائش ۽ ڪنوينس جون پڻ وڏيڪ مراعتون مليون. اصل نٺ ٿي ويا.

مان نئين ايريا ۾ پهچي، بنهه باريڪ بينيءَ سان هر ننڍي توڙي وڏي مامري جو جائزو ورتو. هر پهلوءَ کان ڪم ۾ واڌارو آڻڻ لاءِ، مان محسوس ڪيو ته هِن تر ۾ به اهڙيون هستيون آهن، جن جو گهربل تعاون ۽ سهڪار جيڪڏهن اسان کي حاصل ٿي وڃي ته اجا به سُٺا نتيجا ملي سگهن ٿا. مان محسوس ڪيو ته يا ته تعاون حاصل ڪرڻ لاءِ انهن وٽ ڪير پهتو ئي ڪونهي ۽ يا ته وري انهن کي صحيح نموني ۾ قائل نه ڪري سگهيو آهي.

بهرحال، نئين سيٽنگ ۾ مان کي مهينو کن ٻيو به لڳي ويو. پوءِ هڪڙي ڏينهن انهن ٻن شخصيتن مان هڪ، ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي. شام جو 7 وڳي ڊي سي صاحب جي رهائش گاهه تي ساڍس ملاقات جو وقت طئي ٿيو. مان ۽ هڪ ٻيو مان جو سب آرڊينيٽ گڏجي صاحب جي رهائش گاهه تي پهتاسين. هڪڙي ڪُشادي ملاقاتي ڪمري ۾ ويناسين. دعا و سلام ۽ خوش خير عافيت کان پوءِ اسان پنهنجي مقصد طرف آياسين. ملازم چانهن وغيره رکي هليو ويو هو. ڪي 20_25 منٽ کن گذريا هوندا، جو گيسٽ روم جو اندريون دروازو زڙاپ ڪري کليو ۽ هڪڙي جوان زال ايئن سَٽ ڏيئي اندر داخل ٿي. اوچتي دروازي کلڻ تي غيرارادي طور اسان سڀني جون نگاهون اوڏانهن کڄي ته ويون، پرپوءِ هڪدم اسان ٻنهي پنهنجون نظرون هيٺ ڪري ڇڏيون. دروازو کولي اندر ٿيڻ شرط ئي اُن جوان زال، جيڪا 24_25 سالن جي ته هئي ئي هئي، صاحب کي "پاپا" چئي ٿي پڪاريو. پر جيئن ئي اسان تي نظر پيس، تيئن سندس زبان مان صرف اڌ لفظ "پا ..." ئي نڪري سگهيو ۽ بقايا اڌ لفظ کي وساري هوءَ اسان ڏانهن انتهائي معصوماڻي انداز ۾ نهارڻ لڳي، چند پل رکي هڪڙِي ڏاڍي دلڪش انداز ۾ اسان کي مخاطب ٿي چيائين "هَ ... لَـ ... ؤ..."

مان ڪان ڇرڪ نڪري ويو. جهڙوڪر اوچتو ئي اوچتو بدن ۾ سُيون چُڀڻ لڳيون هُيون. منهنجي نظر خود بخود ڏانهس کڄي ويئي... سندس وات اجا تائين ”.... او“ جو آواز نڪرڻ ڪري گولائيءَ ۾ ڪليل هو.. بلڪل ساڳيو مِنڙو اواز ... هنڊريڊ پرسينٽ ساڳيو دلربا لهجو ... بنهه هُو بَهُو اُهائي چنچلتا، چيڱرائپ، شوخي ۽ دلنوازي.. خوبصورتيءَ جو ڇيهه... ڀرپور جؤڀن ۽ جوانيءَ جي انتها... انگ انگ مان ڇٽي ڪرندڙ مستي ...! مان ادب ۽ احترام سان ساڻس هيلو هائي ڪئي ۽ ٻيهر نگاهه هيٺ جهڪائي ڇڏي. ڪيئن به هو پر هن مهل مان ڊي سي صاحب جي رهائش گاهه تي ساڻس ڪنهن اهم اِشوءَ تي ملاقات ڪري رهيو هوس. تنهن ڪري مان ڪي پنهنجي ايٽيڪيٽس جي دائري ۾ ئي رهڻو هو.

”ڪوڪم آهي پٽ! اسان هن مهل مهمانن سان گڏ ويٺا آهيون. توهان اندر هلو. پاپا ٿوري دير ۾ اچن ٿا. شاباس ٻچا!“ ڊي سي صاحب انتهائي شفقت، صبر ۽ ٻاجهاري انداز ۾ ساڻس ڳالهايو.

”پاپا، مان ڪي ياسر سان ڳالهائڻو هو.. پر ٺيڪ آهي، اوهان پهرين مهمانن سان ميٽنگ ڪريو. مان ياسر سان پوءِ ڳالهائيندم.“ ايئن چئي هوءَ اندر هلي ويئي.

هن جي ويندي ئي صاحب اسان سان مخاطب ٿيو.

”معاف ڪجو پاڻ ڊسٽرب ٿياسين. هيءَ منهنجي ڌيءَ آهي. پوليٽيڪل سائنس ۾ گريجوئيٽ آهي. بيمار آهي. ڪجهه سال اڳ ڏاڪڻ تان لهندي پير ترڪي پجڻ ڪري مٿي ۾ ڌڪ لڳو هوس جنهن جو دماغ تي اثر ٿيو اٿس. تنهن ڪان پوءِ هوءَ پنهنجي وس ۾ ناهي. پر ڪنهن ڪنهن وقت ته اهڙيون سنجيده ۽ ڪم جون ڳالهيون ڪندي آهي جو اسان پاڻ حيران ٿي ويندا آهيون. اڪثر ڪري موبائيل تي اڻ ڄاتل نمبر ڊائل ڪري، سامهونءَ واري کي چوندي آهي مان ڪي ياسر سان ڳالهائڻو آهي...!“

ڊي سي. صاحب معذرت سان گڏ وضاحت به ڪئي. پر منهنجي اڳيان جيڪو انڪشاف ٿيو هو، سو ڄاڻي منهنجا تاڪ لڳي ويا هئا.

*25 مارچ 2012ع*

❋